سندر ساهتيہ پستڪ نمبر ١٥

انڌلسٽ

(ست ڇهڙتا)

قيمت ٠ـ ٢ ـ ٠

سڀ حق ۽ واسطا قائم] [١٩٣١ ع

ڪوي ڪشن چند (بيوس)

ڇپايل

سندر ساهتيہ آفيس ـ حيدرآباد

سول ايجنٽ ـ ڪوڙو مل سنڌي ساهت منڊل

Printed by Motiram Dharamdas
at the "Moti" (Electric) Printing Works, Tilak Road,
and published by
Melharam M. Vaswani at the Sundar Sathiya Office Hyderabad.

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لھوارو لوڪ وھي، تون لوچو وھ لوپار

صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

ارپيندي شرمائجان ٿو

هي آرزوُ گل جا ٻه ٽي ڪوماٽيل ٻن، پنهنجي دل جي ديوتا روحاني ڊاڪٽر گني مل لوڪرام دوداڻيءَ اڳيان سندس آزادگي آشرم مان موٽڻ تي. اُن يادگيريءَ کي تازو ڪرڻ لاءِ ته اوهان ٻي ٻيوس کي پنهنجي اندروني حسن تي هرڪائي ناٽڪ نويسي ۾ سندس پهريون قدم ڌرايو.

لاڙڪاڻو

٧-٣-١٩٣١ع

اندلٺ

(ست ڇهپتا)

فهرست

	صفحه
١- جگري قرباني	٣٣ - ٤٤
٢- پوڙهي جو پڙڏو	١٩٧ - ٢١٢
٣- ڪاڏي پڳت	١ — ١٦
٤- دکي پورهيت	١ — ٢٠
٥- چرين جي برسات	١ — ٣٢
٦- آنرري مئجسٽريٽ	١ — ٢٨
٧- زهر مان امرت	١ — ٣٠

نوٽ - مٿيان ڪيل سندر ساهتيه ۾ اڳي پوءِ ڇپيا آهن، ان ڪري صفحا لاڳيتا نه آهن. ان جو فڪر ڪونهي، ڇهپتا مڪمل آهن.

ناٽڪ نمبر ٣-٥-٧، صفحه ١-١٦، ١-٣٢، ١-٣٠ مسٽر ميلهارام واسواڻي لڪشمي پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپي پڌرو ڪيو.

Soorih Mirani

مهاڳ

ناٽڪ ڇا آهي؟

سرشتيءَ جا پانت پانت ڏيکڻ، ڦرندڙ گهرندڙ نظارا ۽ انساني حياتيءَ جا واقعا هڪ قسم جو ناٽڪ آهن. اُهي نظارا ۽ واقعا ۽ حياتي سان لاڳو رکندڙ شخصي، سماجڪ خواه ملڪي مسئلا جڙتو عملي صورت ۾ آڻي ڏيکارڻ کي ناٽڪ چئجي ٿو.

مٿين خيال پٽاندر کيل جي رٿا اهڙي هئڻ گهرجي، جا سوِيا پرکه پاوءَ، خواه هنري نقطء نظر کان سالم هجي. ۽ اهڙي نموني ۾ ڏيکارڻ ۾ اچي جو ڏسندڙن کي جهجهي وندر ڏئي، دماغ کي روشن ڪري ۽ دل ۾ اُمنگ پيدا ڪري. ولايت ۾ خاص طرح رشيا ۾ ناٽڪي فن حيرت انگيز حد تي پهتو آهي ۽ اتي رنگ پومي (Stage) جو شان ودّيا پيٺ کان گهٽ نه آهي.

ناٽڪ نويس

ناٽڪ جي بنيادي خوبي ناٽڪ نويس تي مدار رکي ٿي. ناٽڪ نويس شاعر هئڻ گهرجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ شاعرانه طبيعت جو آدمي هجي. هو بيدار مغز، تجربه ڪار هجي. وڏي ڳالهه ته دلي جذبا ۽ واقعا قابل نوع ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڪيس طاقت هجي. اکري فوٽو اهڙو کينچي گويا اهي واقعا هوبهو اُن وقت ٿا ٿين.

Soorih Mirani

ائڪٽنگ

واقعي جي مدنظر تي اکين جي نظاري، منهن جي رنگ رونق، بدن جي بيهڪ ۽ هٿن، پير ڪڍڻ، مطلب ته ضرورت آهر انگ انگ سان مناسب نموني جي اظهار کي ائڪٽنگ چئجي ٿو.

ناٽڪ جي خاص خوبي ائڪٽنگ (ناٽڪي نات) تي مدار رکيئي. جي ويس ڌاري شڪل شبيه ۽ روشن ڪري نيڪ آهن ۽ سندن ائڪٽنگ موافق ۽ پوري آهي ته ناٽڪ جي سوڀ شاندار ٿيندي. سنيما، جتي نه زباني آهي نه راڳ، تتي به ائڪٽنگ جي وسيلي تماشبين کيل جي سموري رٿا سمجهي وڃن ٿا.

پر انساني جيئري جاڳندي تصوير اڳيان اهي بيجان چرندڙ مورتون ڪي ڪين آهن. وري انساني خوش گلي سان، جيڪڏهن تال ۽ سر تي راڳ آهي، ته اُن جي لطف جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي.

زباني

ناٽڪ جي زباني زوردار ۽ اثرائتي هئڻ گهرجي. مگر منجهس اجايو اناءُ نه هجي ۽ ڊيگهه نه هجي؛ مختصر ۽ موافق هجي. هڪ ست مان مطلب نڪري ته به نه ڪتب آڻڻ گهرجن. جيڪي اندر وهي واپري ٿو ان جو فوٽو مول طرح ائڪٽنگ وسيلي ۽ باقي رهيل ڪوت زباني وسيلي پوري ڪئي وڃي ٿي. ان ڪري جي زباني

Soorih Mirani

قلهڙي يا بي چسي ھوندي ته خوبي مڪمل نه رھندي. ناٽڪ جي زباني ۾ شعر جو حقيقتاً واسطو ڪونهي. پر رتا ۾ ڪي اھڙا واقعا اچن ٿا، خاص طرح درد ۽ سوز جا، جنهجي پوري اظهار لاءِ نثر قاصر آھي. اتي شعر ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. شعر جي ضرورت ان ڪري به آھي جو ويس ڌارين ۾ واقعه جا اصل جذبا اچڻ ناممڪن نه، ته به بلڪل ڪٺن آھي. مثلاً ڪنهن زال جو پٽ يا پتي مري ٿو وڃي ته سندس ھردي کي جيڪا درد جي چپيٽ ٿي لڳي، سا کيل ڌاري کي بلڪل ڪين لڳندي. ھوءَ جي استري ھوندي ته به سمجهندي ته ھي ڪوڙو کيل آھي، جي مرد ته ويتر احساس گهٽ. ساڳي ريت ڪن موقعن تي راڳ جي آلاپ جي ضرورت ٿئي ٿي. پر شعر ۽ راڳ ٿورا ھجن ۽ نهايت مناسب موقعن تي.

زنانو پارٽ

کيل ۾ مردن سان گڏ زالون پارٽ کڻن يا نه تنهن بابت علحدا رايا آھن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اھو کيل پورن ڪامياب ٿيندوئي ڪين، جنهن ۾ زنانا پارٽ به مرد ادا ڪندا. استريءَ جي قدرتي سوڀيا، نزاڪت، لهجو ۽ گلي جو ميناج ۽ زناني نفيسائي ۽ امنگ مرد ۾ اچي ڪين سگهندا. تنهنڪري اصول موجب زنانو پارٽ مرد کي کڻڻ ئي نه گهرجي. پر ناٽڪ جئن في الحال سنڌ ۾ نظر اچي ٿو تئن ڪا به چڱي ڪل جي زال مردن سان گڏ پارٽ کڻڻ

Soorih Mirani

ڪين پسند ڪندي؛ ڇاڪاڻ ته چالو ناٽڪن ۾ هلڪائي ۽ چنچلتا گهڻي آهي؛ البت جي شريفاڻي ڪملا ڇٽوپاڌيه پاري دلير ۽ بردباد استري ڪنهن عمدي وايو منڊل واري کيل ۾ پارٽ کڻي ته نرالي ڳالهه آهي. ڪاليجن ۾ جتي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ ٿا پڙهن اتي اُن قسم جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي؛ پر نه هاڻوڪين حالتن ۾، جڏهن ڪاليجي شاگرد اڪثر ڪري چنچل چت ۽ اڻ نگا آهن.

ڪي هدايتون

کيل به اڳائي ڪلاڪ هلڻ گهرجي ۽ نه وڌيڪ. پوري وقت تي شروع ڪرڻ گهرجي جئن ناظرين جو وقت اجايو نه وڃي. پائوبر لاچاري حالتن کانسواءِ ڪتب آڻڻ نه گهرجي، سو به مٿاڇرو. ڊريس تي اجايا خرچ نه ڪجن. سينري به پوري ساري هجي ڇاڪاڻ ته جي کيل جي رُتا سڻي آهي، ائڪٽنگ موافق، زباني سهڻي ۽ زوردار ۽ راڳ دلپسند ته پوءِ سينري پردن وغيره جي جهڙتو پيڪي جي اينتري ضرورت ڪانهي.

ستيج خالي نه ڇڏجي. ناٽڪ جي هلندي ڪاروباري ڪمري ۾ بلڪل ضرورت کانسواءِ نه ڳالهائجي، سو به بلڪل آهستي. اهڙي ڪوشش ڪجي، جئن ڪو به پٺڪو ستيج يا حاضرين تماشبينن جي ڪن تي نه پوي. مکيه ڳالهه ته پارٽ بلڪل ياد هئڻ گهرجن. باجو ۽ طبلو ’ماريل‘ وڃائڻ گهرجي.

سوسائٽين، منڊلين ۽ سڪولن کي وقت بوقت

Soorih Mirani

ننڍا ڇهڇٽا ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪنهن سڪول ۾ مهني مهني ننڍو ڇهڇٽو ڪيو وڃي ته هوند اُنجي رونق ٿي اوڙ تي پوي. شاگردن ۾ جيڪو زباني، ائڪٽنگ راڳ ۽ ناچ جو لڪل جوهر هوندو سو ظاهر ٿيندو، وڌندو ۽ سڌرندو. ناٽڪ ۾ سکيا به اڻ سڌي طرح ڏجهي آهي؛ تنهن ڪانسواءِ جي عام لاءِ ٽڪيٽ رکي وڃي، ته جيڪو ڪجهه ڪمائي به ٿئي، جا شيءِ ڪنهن ۾ لڳائي سماج جي اُنتي ۽ ديس جي بهبودي ڪري سگهجي.

مٿين ضرورت محسوس ڪري ”اندلٺ“ ڪتاب ڪڍيو ٿو وڃي. ان ۾ ڇهه کيل ڪوي ڪشن چند (بيوس) جا آهن ۽ هڪ پريم پرچارڪ ٽان ورتل آهي. رنگ برنگي کيلن (Variety shows) ۾ جيڪي خوبيون هئڻ گهرجن سي منجهن موجود آهن. ياد رکڻ گهرجي ته هي مڪمل ناٽڪ نه آهن؛ تنهنڪري مختصر آهن. جئن مڪمل ناٽڪ ۾ ڌار ڌار واقعن ۽ مسئلن جي ملاوت ٿئي ٿي تئن هنن ۾ نه آهي. منجهن فقط ڪنهن خاص مسئلي يا سماجڪ حالت يا ديس جي ترقي جي هڪ انگ تي روشني وڌي ويئي آهي.

ميلهارام واسواڻي

سمپادڪ سنڌ ساهتيه، حيدرآباد

کادي ڀڳت

باب پهريون

پڙدو پهريون

سوشيلا جو گهر

(والنٽيئر ولائتي ڪپڙي جي باري ۾ راڳ ڳائيندا اچن ٿا)

طرز- نهين رکڻي ......

ٽلهه- جاڳايو جاڳايو نر نار جوانو جاڳايو

١- ڀارت جو هي ديؤ دلارو قيد ڪري اڄ گانڌي پيارو
سهج ڪيو سرڪار جوانو جاڳايو

٢- گهر گهر ۾ اڄ گانڌي ٿيندو ڀارت ماتا تي سر ڏيندو
هر ڪوئي هوندار جوانو جاڳايو

٣- جاڳو شيرو ڀارت ملهايو هن هلچل کي زور وٺايو
سور ڪري سنڪار جوانو جاڳايو

٤- هندواسيئن کي ڀلي ڏيائن جوانن سان ڀل جيل ڀرائن

پر نه ڪندا بيزار جوانو جاڳايو

٥- ڇاتيون کولي سينا ڏيندا مالها گولين جي ڀوريندا

ڪونه ڪن انڪار جوانو جاڳايو

٦- ديو "دڪايل" چالءِ آهي جيل هلو سڀ جوانو ڪاهي

آهي جنهي سردار جوانو جاڳايو.

والنٽيئر نمبر ١- وديشي ڪپڙن جي هولي.

نمبر ٢- اهي ڪپڙا جن اسانجي ديس کي نرڌن ۽ ڪنگال ڪيو آهي تن کي هاڻي جلائڻ لاءِ ڪيڏي ڏيو. مائي ضدي ڏيو.

نمبر ٣- آزاديءَ جي ديوي قرباني گهري ٿي. اوهين وديشي ڪپڙن جي تياڳ جي قرباني ڏيو.

سڀ- مهاتما گانڌي جي جيءِ!

نمبر ٤- مائي، مهاتما جي ملڪ ۾ اهنسڪ لڙائي چالو آهي. هن ڌرم يڌ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڀيٽا ضرور ڏيو.

سوشيلا- آءٌ ڏيندي يس. مون ڪالهه کان وديشي وابرائڻ جي پرتگيا ڪئي آهي ۽ انکي عملي جامون ڀرائيندي يس. ساوتري!

ساوتري- جيءُ مائي.

سوشيلا- ڪڍي آءُ سڀ ولائتي ڪپڙا ڪڍي آءُ. ڪابه ٽڪر نه ڇڏ. پيتيون پالهيون ڪر- هڙون ٻڌي

لٺا آئي هن مهاتما جي لشڪر جي حوالي ڪر.
پڻي شاندار هولي ملهائين-

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ- سوشيلا ديويءَ جي جيءِ

سشيلا- زريدار جبلا، ريشمي ساڙهيون، نفيس پتلونون ريشمي روال، سلمي ستارن سان پريل قميصون سڀ کڻي اچ-

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ! (چمن نوڪر جو اچڻ)

چمن- مائي، راءِ صاحب مهرچند پيو اچي- هو اڳيئي هن هلچل جي برخلاف، ويتر گهر ۾ هيڏو گهمسان ڏسندو ته ڀڙڪي ويندو.

سشيلا- (گهٻرائجي) اون هون پلي اچي. مونکي اميد آهي ته منهنجي پوتر پرتگيا مون کان ڀنگ ڪين ڪرائيندو (راءِ بهادر مهرچند اچي ٿو)

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ! انقلاب! زنده باد نوڪرشاهي برباد.

مهرچند- (غصي ۾ ڳاڙهو ٿي) هيءَ ڪهڙو تماشو ٿي رهيو آهي؟ (ٻاهر ڏسي) متان ڪو گورو آفيسر ايندو هجي؛ منهنجي عزت ته خاڪ ۾ ملائي ڇڏي.

سشيلا- (همت سان) مون سوديشي ڪپڙن پهرڻ جي پرتگيا ڪئي آهي؛ سو هي ولائتي ڪپڙا هوليءَ لاءِ ڏيئي رهي آهيان.

ڌرمچند - (گهٻرائجي هيڏانهن هوڏانهن ڦيريون پائي ٻاهر نهاري) آهستہ ڳالهاءِ. چري! تنهنجي سر تي ڀي ڀوت ڪيئن او چتو سوار ٿيو؟

سشيلا- هاٿي هنن ڪپڙن کي اکيون ڏسي نٿيون سگهن، جي هر سال ٦٠ ڪروڙ روپيا اسانجي غريب ديس مان ڍڪي تا ڪڍن. جن اسان جي لکها ڀائرن کي ننگو ۽ ٻکيو ڪيو ۽ اسان کي ڪنا يو آهي- هينئر سارو ملڪ ٻهشڪار ۾ شامل آهي. آءٌ اڪيلي ڪهڙي منهن سان مات ڪري وهان؟

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ- سشيلا ديويءَ جي جيءِ

ڌرمچند- اڙي چپ گڏهن واريون اهي هينگون هتي نہ ڏيو. ماٺهو سڀ چريا ٿيا آهن.

سوشيلا- نہ چريا نہ پر هو دليون دکي آهن. اسانکي ہہ ديش ڀائن جي دک ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي.

ڌرمچند- مگر هيترو نقصان- سڄي شهر ۾ ڀيو نہ ڪو ڪري سگهي.

سشيلا- نقصان ڪهڙو؟-

ڌرمچند- هي جو قيمتي ڪپڙن جا ڍير ڪڍيا اٿيئي- انهن تي ڪا رقم ہہ لڳي هوندي ڪين مفت ۾ نهي پيا هوندا.

سشيلا- جڏهن مون ٻڌو ته اسان جا ڪئي آهي ته آئينده
ولائتي ڪپڙو نه ڪين پائينديس تڏهن هاڻي
مون لاءِ انهن جو ڇڏڻ يا نه ڇڏڻ هڪ جهڙو
آهي. نقصان تڏهن ٿئي جڏهن هينئر مان
نوان خريد ڪري جلايان يا آئينده لاءِ ڪم
آڻيان. رقم ته اڳيئي ڏني ويئي آهي هاڻي
هي ٿيا فالتو. فالتو شيءِ جلائڻ ۾ ڪهڙو نقصان؟

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ!

مهرچند- چڱو آئينده ولائتي ڪپڙا ڪري خريد نه
ڪجهه مگر جيڪي پيا آهن سي جلائڻ مان
ڇا حاصل؟

سشيلا- ڪني آگر وڃي پلي.

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ- ڀارت ماتا جي جئه-

مهرچند- ڪٽي رکي ڇڏ- ڪڪي جي وهانو تي مَن
ڪتب اچي وڃن.

سشيلا- ڪڪي جي وهانو وقت رڳي کاڌي
گهرائينديس هڪ چارڪي به آءٌ ولائتي ڪپڙي
جي ڪين گهرائينديس.

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ!

مهرچند- (سنجيدگيءَ سان) هونءَ ته مون توکي
پوري آزادي ڏني ڇڏي آهي پر ڪجهه سوچ

سمجهہ کان بہ کم وٺڻ گهر جي.

سشيلا - (مڙس کي هٿ کان وٺي) مونکي خاطري ڪرايو تہ هيءَ منهنجي پل آهي تہ آءٌ آئينده وري اهڙو ڪم ڪين ڪنديس. مگر سچ تہ آءٌ هينئر اها هولي گنگا تيرٿ تي سمجهان.

والنٽيئر نمبر ١ - مائي جلدي ڪريو اسانکي دير ٿي ٿئي.

سڀ - ڀارت ماتا جي جيءِ.

مهرچند - مونکي تہ هنن جا نعرا ٻڌي هيبت ٿي وٺي. جي اهو آواز ڪنهن انگريز ٻڌي ورتو تہ خلم ٻري پوندو (گهٻرائجي) ٻڌين ٿي تہ هي ڇا ٿا چون ؟-

سشيلا - ڀارت ماتا جي جيءِ ٿا منائين ٻيو ڇا ٿا چون.

مهرچند - (ترش ٿي) تڏهن اڄان بہ ڪي وڌيڪ ڪپيئي ڇا ؟

سشيلا - ڇو ڀارت ماتا جي جيءِ پڪارڻ بہ گناهہ آهي ڇا ؟

مهرچند - بيشڪ گناهہ سمجهو وڃي ٿو. اهي نعرا انگريزن کي چيڙائڻ لاءِ ڪافي آهن.

سشيلا - هان (ڪپڙن جون هڙون کڻي والنٽيئرس کي ڏئي ٿي) اڇو کڻي وڃي هولي ڪريو.

سڀ - انقلاب - زنده باد!

مهرچند- وري بدمعاشي (ڇڙ مان هڙون ڪسي) آءُ هڪ تند به هنن کين ڏيندس.

سڀ- يارت، ماتا جي جيءِ! انقلاب- زنده باد! نوڪرشاهي برباد!

مهرچند- (ڪلهيءَ مان هنٽر لاهي) مان هنن نامرادن جي هاڻي سوڪ ماني پچائيندس.

سشيلا- (مڙس جو هٿ جهلي) مان هٿ ڻي جوڙيانو ائين نه ڪريو.

مهرچند- مگر منهنجي گهر وٽ ڇو بيٺا آهن؟ اهي نعرا ڇو ٿا هڻن؟

سشيلا- ڇگو آءُ کين هٽائي ٿي ڇڏيان.

مهرچند- ڪا لڄ رک ايڏي انبود م تون ڪيئن باهر نڪرندينءَ؟

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ.

(هڪ صاحبلوڪ لنگهي ٿو)

مهرچند- سٺيا ناس ٿئي اوهانجي ڪمينا- مان ٿو اوهانجي پوڄا ڪريان.

(مهرچند جو والنٽيئرس تي ڇهبڪ وسائڻ)

ڪپتان والنٽيئر- ڇٿو مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ-

والنٽيئر اڏول بيٺا رهو. ڇا تيون ڪولي خوب سهو- مهاتما جي سکيا پرماڻي اوهان ڪي من

ڪرم، ٻاطيءَ دواران اهنسا تي رهيو آهي- جي
ائين نٿا ڪن ۽ جوش ۾ اچي انگلن تي الروڻ
ٿا ڪن- اهي ديش دروهي آهن ڇو ته اهي
ٻن ڄڻن جيڻ تي ألروڻ ڪري ان جي عيوض
انگلن ڪان پنهنجا سوين پاٿر زخمي ٿا ڪرائن.

سشيلا- (رئندي اچي راءِ بهادر جو هٿ جهلي)
هي ڇا ٿا ڪريو- قياس جو ڪو اٿو اٿو يا نه؟
سيني ۾ دل اٿو يا پٿر جو ٽڪر (والنٽيئرس
کي) آءٌ هٿ جوڙي اوهانکي وينتي ٿي ڪريان
ته حال ٽري وڃو- آءٌ جلد اوهانکي ثابت
ڪري ڏيکاريندس ته ملڪ سان ڪيتري قدر
سچي آهيان.

والنٽيئرس- مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ.

سيڪريٽري- ڇگو ماتا جو ڇورط مچيو- هلو.

(راڳ ڳائيندا وڃن ٿا)

نيشان الاءِ ظالم سينا سدا ڪنداسين
آنهن سان اي ستمگر محشر بپا ڪنداسين

١- تيغ ستم چلي ٿي هرروز تيز تنهنجي
ان حال ۾ اي ظالم ڪهسين وفا ڪنداسين

٢- روٽي نه آه ميسر پوري جي پيٽ خاطر
خالي اي راءِ صاحب عزت کي ڇا ڪنداسين

۳- ٿيندي شهيد جيڪس اڪثي صدا اندر مان
آزاد ٿئي وطن شل اهڙي دعا ڪنداسين
۴- ڏيندا ڪيڏي دڪايل پنهنجا ٻچا خوشيءَ مان
سر مادر وطن تان پنهنجو فدا ڪنداسين.

پردو ٻيو
خواب گاهه

(سشيلا ۽ مهرچند ڏارڏار پوسان سمهيل نظر اچن ٿا. نڪاءُ تي سشيلا ڇرڪ ماري اٿي ٿي ۽ مهرچند پاسو ورائي اڌ ننڊ ۾ جاڳي ٿو. ڀارت ماتا پٺيان ظاهر ٿئي ٿي.)

ڀارت ماتا- سشيلا!

سشيلا- (ڪنبي) ماتا!

ڀارت ماتا- (گجندڙ آواز ۾) هاڻي وچ تون منهنجي پوڄا جي حقدار نه آهين.

سشيلا- ماتا منهنجو قصور؟

ڀارت ماتا- تو پرتگيا ڀنگ ڪئي آهي. تنهنجو ڀلو نه ٿيندو.

سشيلا- هاءِ هاءِ ماتا! ماتا ٻولڪي نه ڪنباءِ مان ڇا ڪريان؟ پاڻ نه مڃيائون.

ڀارت ماتا- (ڇيندڙ آواز ۾) مگر تو پرتگيا ڇو ڪئي؟

پرتگيا هر حال ۾ پالڻ گهر جي.
سر جاوي تان جاوي پر پرتگيا مول نہ جاوي
رگهوڪل ريت سدا چل آئي، پران جاوي پر بچن نہ جاوي
(پارت ماتا جو گپت ٿي وڃڻ)

سشيلا - (رئندي) هاءِ هاءِ چوطرف پرلاءِ پيا پون. تو پرتگيا نہ پالي - در مان، ديوار مان، زمين مان، آسمان مان، تارن مان، ستارن مان، اهو ئي هڪ آواز گجي رهيو آهي - سشيلا تو پرتگيا نہ پالي. نہ ڏ نہ ڏڪايو - او پارت جون پوٽر آتمائون مون ابلا کي نہ ڏکايو. چڏي ڏيو. چڏي ڏيو - هاءِ هاءِ منهنجا ٽڪر ٽڪر ٿيڪن ٿا دل دهڪي ٿي ڪليجو ڪنبي ٿو.
(رڙ ڪري) بچايو بچايو.

مهر چند - (ڇرڪ ماري، اچانڪ سان اٿي سشيلا کي هٿ کان جهلي ٿو)
سشيلا، سشيلا!

سوشيلا - ڏسو ڏسو ڦرڪو ڦري ٿو. آسمان ٿي گهنگهور گهٽا ڇانئجي ويئي. تيز طوفان ڇڏڪيو - بجلي ڪڙڪي.

مهر چند - سشيلا، منهنجي پياري سشيلا، هي ڇا؟

سشيلا - ڏسو ڏسو ڌرتي ۽ آسمان ڏڪڻ لڳا.

مهر چند- سشيلا- هوش ڪر- سشيلا جاڳ

سشيلا- آءٌ بيڙيءَ ۾ منهنجو پتي بيڙيءَ ۾-

مهر چند- هاءِ هاءِ سشيلا توکي ڇا ٿيو.

سشيلا- ڏسو هو واگهو اڙي اچو اچو واگهو واگهو
ويو ويو گهلي ويو- منهنجي پران پتيءَ کي
واگهو گهلي ويو. ڏو پاڻيءَ ۾.

مهر چند- سشيلا مان سڪيءَ تي اڇهو حاضر آهيان

سشيلا- واگهوءَ جو منهن والنٽيئر جهڙو- جنهنکي
راءِ بهادر ڇهبڪ چڪايا- هاءِ هاءِ- او واگهو
ور موٽکي ور ڏي- آءٌ وٺنديس- ڇڏائينديس
خود ٽپو ڏيئي اچانتي. (زور سان ٽپو ڏيڻ
بيهوش ٿي ڪري)

مهر چند- اڙي ڪو آهي- ڊوڙو ڊوڙو- قهر ٿيو-
(نوڪر ڇـمـن ۽ ٻـن ٽن جڻن ۽ هڪ مائيءَ
ساوتريءَ جو گهر اندران اچڻ) ڊاڪٽر ڊاڪٽر
جلد وڃو- ڊوڙو سشيلا ٻڏجي ويئي (نوڪر
جو هڪ ٻئي جڻي سان ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙڻ)
سشيلا اُٿ اُٿ توکانسواءِ آءٌ راءِ صاحبءَ کي
رلائي ڇڏيندس- خطاب خاڪ ۾ ملائي
ڇڏيندس- لکن کي رکه وجهندس- اُٿ اُٿ
سڀ ولائتي ڪپڙا جلائي خاڪ ڪر- اٿي

خوشيءَ جي هولي مناءِ- او سشيلا.

مائي- ڇا ٿي ويس-

مهرچند- سپنو لهندي ڊني آهي- بي سرت آهي-
مون ساڻس رڙ ڪيو-

ماڻهو- زناني نازڪ دل کي صدمو ڏيڻ ۽ چورڻ
چڱو نه آهي- (ڊاڪٽر جو اچڻ)

مهرچند- ڊاڪٽر صاحب جيءُ آيا- ڏسو سشيلا جو
حال. چڱي ڀلي سمهي. سپني تان بگڙي آهي.

ڊاڪٽر- (خوب ڏسي) دل تي سخت چوٽ آئل
آهي (واچ ڏسي) هينئر چار لڳا آهن- ٥ بجي
تاءِ سجاڳ نه ٿي ته بچڻ جي ڪا اميد نه آهي.

مهرچند- ڊاڪٽر صاحب ڪي به خرچ ٿي اوهين
علاج ڪريو.

ڊاڪٽر- آءٌ ڪيس ائمونيا سنگها ڀائنو- هڪ ڪلاڪ
بعد بچي ته چاڙهو ٿي پوندو- (ائمونيا سنگهائڻ)
اوهين ساڻس ڳالهائجو نه.

(سشيلا ڇري ڀري ٿي)

مهرچند- سشيلا- سشيلا- مونکي پنهنجو قاتل نه بڻاءِ
مون ٻن ڇڻن هزارن جو خيال ڪيو مگر تنهنجي
حياتيءَ جو خيال نه ڪيو- تون چڱي ڀلي

تيءُ مان سيني ولائتي ڪپڙن کي چوچڙي لڳائيندس.

سشيلا- (آهستہ) آءٌ ڪٿي آهيان- چوطرف مهاتما گانڌيءَ جي جيءَ جي گونجار ٻڌڻ ۾ پئي اچي. مهاتما پاڻ مونکي آشيرواد ڪري رهيو آهي.

مهرچند- (نوڪر کي) اڙي تون وڃ- ڪالهہ وارن سيني والنٽيئرن کي سڏي آءُ.

نوڪر- ساءِ ڪتان.

مهرچند- ستياگرہ ڇانوڻيءَ مان- ڇئين تہ هاڻي اچو سيٺ پنهنجا سڀ ڪپڙا هيئڻ جلائڻ تو گهري اچي سندس گهر ۾ هولي منايو.

(نوڪر جو نڪرڻ وڃڻ)

ڊاڪٽر- (ٻوز ڏيئي) اوهين هن وقت دل وڏي ڌاريو- هي ذرا ڏکيرو وقت آهي.

مهرچند- سشيلا کان سواءِ مونکي وقت ئي نظر نہ ايندو ڊاڪٽر صاحب سشيلا ديوي جڳہ ۾ ڳولي نہ ليندي. جيڪڏهن آءٌ ڪالهہ ڪيس ڪپڙن ڏيڻ کان نہ روڪيان ها تہ اڄ سندس هيءَ حالت نہ ڏسان ها- ٽڙيل مڪڙي گهڙيءَ ۾ ڪومائجي ويئي.

ماڙهو- ڏيرج ڪريو- سيٺ صاحب ڀڳوان ڀلي ڪندو.

(ٻاهران آواز) مهاتما گانڌيءَ جي جيءَ

(والنٽيئرس جو اچڻ)

مهرچند- اچو اچو ساءِ سشيلا پويان پساه کڻي رهي آهي.

سيڪريٽري- ڇو ڇو مائيءَ کي ڇا ٿيو.

مهرچند- اوهين ڀوريا ءِ هــو ٻدل هڙون ڪٺو ڪولي جلايو هولي منايو. سشيلا باه جا شعلا ڏسي سجاڳ ٿيندي.

سيڪريٽري- ڀارت ماتا جي جيءَ (والنٽيئرس کي) ڪوليو ڪپڙا جلايو. هولي منايو. چئو مهاتما گانڌيءَ جي جيءَ

سڀ- مهاتما گانڌيءَ جي جيءَ.

(ڪپڙا جلايا وڃن ٿا جئہ جئہ سان)

سشيلا- ڇا پرلگيا پالن تي ڇڪي. هولي منائي ويئي. ڀارت ماتا جي جيءَ. هينئر آءٌ بلڪل چاڪ آهيان. خوش آهيان ڀارت ماتا جي سنتان چوائڻ لائق آهيان.

مهرچند- شڪر آهي شڪر آهي. راءِ صاحبءَ جو پروانو آءٌ موٽائي سرڪار کــي موڪليان ٿو. هي پنهنجي جاءِ سشيلا پون جي نالي ڏيان ٿو

۽ ٻنهنجي سچي سائين ٻنهين لکن جي ملڪيت
قوم کي ارپڻ ڪريان ٿو. هن شرط سان ته هن
سشيلا پون آشرم ۾ کاڌيءَ جو پيدار ڪوليو وڃي
اسان ٻنهي جي حياتي هميشه قوم کي ارپڻ آهي
آءِ راء صاحب سڏجڻ کان کاڌي ڀڳت سڏائڻ
بهتر ٿو سمجهان. چرخو ڪتڻ ۽ ڪتائڻ منهن
جو ڪم ٿيندو.

سڀ - مهاتما گانڌيءَ جي جيءِ. کاڌي ڀڳت
جي جيءِ. سشيلا ديويءَ جي جيءِ. ڀارت
ماتا جي جيءِ.

راڳ

کاڌي تلوار

ٽله - کاڌيءَ وارا. چئه مائي. کاڌي گهر جي. وال گهٽا.
وال گهٽي. آنا چار. يارهن وال جلدي ڪاڙ.

١- گانڌيءَ جو فرمان ٿيو آ - ٻهري کاڌي هر نار
کاڌيءَ وارا. چئه مائي......

٢- وديشي ڪپڙي جي آ سراسر - ٻڏل زهر ۾ هرهڪ تار
کاڌيءَ وارا. چئه مائي......

٣- ڀارت کي آزاد ڪرڻ لاءِ - گهر جي کاڌيءَ جي تلوار

ڪاتيءَ وارا. چئه مائي ڀتين کي ٻه

٤- هاءِ ٽڪر لاءِ ٻچا اسانجا- ٽڙڦن ڦٿڪن سوين هزار
ڪاتيءَ وارا. چئه مائي ......

٥- دکي ديس ماتا کي ڀائر- قربانيءَ جي آ درڪار
ڪاتيءَ وارا. چئه مائي ......

٦- جاڳ "دڪايل" جاڳڻ گهرجي. غفلت ڇڏءِ ٿي هشيار
ڪاتيءَ وارا. چئه مائي ......



Printed and Published by Melharam Mangatram
at the Lakshmi Job Printing Press, Hyderabad Sind.

دکي پورھيت

(پردو ڦريون سادو گهر)

[سوشيلا ۽ سندس ٻڍي ماءُ سلمي سنار جو ڪم ڪري رهيون آهن. پرسان هڪ ننڍي رڌڻي ڪٽولي تي وچايل ميري رليءَ مٿان هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري سمهيا پيا آهن. پرسان هڪ تڏو وڇايل آهي.]

ٻڍي- سوشيلا ڌيءُ!

سوشيلا- جيءُ.

ٻڍي- هاڻي ڪم ڇڏيون. صبح جو ڏينهن ويندو. پره ڦٽي اُٿنديون نسيون، سڄ اُڀرئي کان اڳ رهيل ٻه گل پورا ٿي ويندا- اڄوڪو سڄو ڏينهن، ته هڻ هڻ ڪندي گذريو آهي.

سوشيلا- اَمي! جن ويچارن جي پيٽ پالڻ لاءِ ڏينهن جا ١٢ ڪلاڪ ڪافي نه آهن تن جي لاءِ رات جو پوري ننڊ ڪرڻ معنيٰ ٻئي ڏينهن بک مرڻ آهي- جي هڙو سويل ننڊرا ديويءَ جي مٺي گود ۾ سمهي سک وٺنديون نسيون ته سياڻي ٻڪ ڏاڻ جون سختيون سهڻيون پونديون.

ٻڍي- (سڻي ڦڻي ڪري اکين تي هٿ رکي) سارو ڏينهن سلمي سعار جو ڪم ڪندي اکيون ٿيون

جهانور جن؛ ويتر سادي جهڪي ڏئي تي منهنجي ته نظر ئي نٿي هلي - نيٺ به ته پيريءَ جي ديد آهي.

سوشيلا - ته امي! تون بيشڪ وڃي سمهه - مان هي ڪم اڄ ضرور پورو ڪري اٿنديس - صبح جو ضرور پئسا وٺڻا آهن - گهر ۾ نه اَن جو ڪڻو رهيو آهي ۽ نه هڪ پئسو ۽ سياڻي راڌا جي في به ڏيڻي آهي جنهن لاءِ ڪيترا ڏينهن پئي نٽايو اٿئون - نه ته صبح جو راڌا شڪول ئي ڪين ويندي.

بڍي - اڄ چادر تي پندرهون ڏينهن متو هٽندي گذريو آهي - رات ڏينهن هڪ ڪري گذاريو اٿئون.

سوشيلا - هاڻي اڄي پوري ٿي آهي - باقي ڪلاڪ ڏيڍ ۾ هي به گل پري ڪيندس. تون وڃي آرام ڪر.

بڍي - هاڻي تون به نه هڄ. هلي سمهه - پنيرڪي جو پاڻ بڻي اٿي جهٽ پل ۾ پورو ڪنديونسين.

سوشيلا - نه امي! سياڻي هورءَ ئي مونکي تمام سوير جو اٿڻو آهي - راڌا لاءِ جهلو سبڻو آهي. ويچاري ڪيترن ڏينهن کان ميرو جهلو پيئي پائي. تون وڃي سمهه - مان به اڄهو ٿي پورو ڪري وڃي سمهان.

بڍي - (ٿڌو ساهه کڻي سوشيلا جي منهن ڏانهن تڪي ٿي ۽ اٿي ڪر پيئي ٿي)

او پرميشور تنهنجي ليلا ڪبر لکي! يا ته اهو به وقت هو جو رات جو ٨ بجي وڃي آرامي ٿيو هو يا ته اهي سالده راتين جا اوجاڳا به آهن.

(سوشيلا اُٺي اُکين کي مهڙي پاڻيءَ سان ڌوئي ۽ گلاس پاڻي ڀري وري ڪم تي وهي ٿي)

اڌ رات ٿي چڪي. سنسار جو وڏو حصو هن وقت آرام ۾ آهي- جاڳي رڳو اُهي جيو رهيا آهن جن کي يا ته جاڳڻ ۾ سمهڻ کان وڌيڪ مزو ملي ٿو يا ته جي رات کي ڏينهن ۽ ڏينهن کي رات ڪري جاڳن ٿا يا ته اُهي بدچال انسان جي سڀني لوڪ ناجائز نفعو وٺڻ گهرن ٿا- يا ته اُهي جن کي سياڻي جي گهرج جو خيال ستائي ٿو.

(پيڙي ميري تڏي تي سمهي پئي ٿي. سوشيلا اُٿي وري اکين تي پاڻي هاري پاڻي ڍڪ پئي ٿي.)

سوشيلا- نهاٽا اکيون ڇو پيو پيون تين- ساندو اوجاڳو سهي نٿيون سگهن- پيڙيءَ کي ته سمهڻ سان ننڊ ڪٽي ويئي. ڇا لڳي ٥٠ سالن جي ويچاري پوڙهي ۽ ڇا لڳي هي سڀيءَ جو ڪمهلو سخت پورهيو! پرميشور مردن پنهنجن اسانکي عذابن لاءِ ڇو ٿي جڻاريءَ؟ وري به شڪر آهي جو ننڍي هوندي ٿورو گهڻو هنر پرايوسون جنهن جي وسيلي دکي سکي حياتي ڪاٽي ته سگهون ٿيون.

(راڳ ڳائي ٿي)

طرز- رقيبون ڪي گهر ۾ آنا جانا برا هيٰ

١- جتي درد وارن سندو داد ٿيندو
اُتي دل قتيل ساڻ فرياد ٿيندو

٢- ٽوڪندڙ دلين کي ٽڏهن سانت ملندي
جڏهن روح پڃري مان آزاد ٿيندو
٣- سکي ڪيئن اهو ديس ٿيندو دنيا ۾
جتي هيڪس ساڻ بيداد ٿيندو
[ڪم ٿي وڃي ٿي پردو ڪري ٿو]

پردو ٻيو

سيٺ گلابچند جي جاءِ جو ٻاهريون ڪمرو

[ٻڍي راڌا ڪرشن پنهنجي پوٽي ننڍي ڇوڪر سان
گڏ اچي ٿي ڪپڙي ۾ ويڙهيل چادر اٿس.]

ٻڍي- گوپال! سيٺ گلابچند کي سڏ ڪر.

گوپال- سيٺ صاحب او سيٺ گلاب صاحب.

[نوڪر نڪري اچي ٿو]

نوڪر- ڪير آهه؟ ڇو مائي ڪنهنکي ٿا سڏيو؟

ٻڍي - سيٺ گلاب چند کي ٻاهر موڪل.

[سيٺ اچي ٿو]

گلابچند- آئي ٻڍي! صبح جو اُٿڻ سان پنڌ
پيئي آهين.

ٻڍي- پوءِ گوپال شڪول ويندو. ڇيم تہ سويل ئي
ڪم لاهي اچان.

گلاب- چادر پوري ٿي؟ ڏونکي ڏي (چادر وٺي
کولي چڪاسي ڏسي ٿو) اهڙي چڱي تہ ڪين ٿي آهي
ڪجهہ سرمو بچو بہ تہ هوندو.

بدي- هائو ٹورو ڇيو آهي.

گلاب- چڱو اهو پائوٽ رک. هڪ ٽوپي ٺهرائڻي آهي اُن ۾ ڪتب ايندو. پر هي ڪم توهان دل سان ڪونه ڪيو آهي.

بدي- پندرهن ڏينهن ساندهه اڌ رات تائين جاڳي اسان ٻن ڄڻين مٿو هنيو آهي، تڏهن رات مس چادر پوري ٿي آهي. جي چڱي ڪٽي نه ٿي آهي ته لائي به ڪين آهي. ڪو به گل يا ٻوٽو ڏنگو ڦڏو ڪونه ٿيو آهي. جهڙو توهان چيو هو اهڙوئي ٿيو آهي.

گلاب- ڏنگو ڦڏو ته نه آهي پر ته به ڪم جي نزاڪت اهڙي نه آهي. خير- هنجي ٺهراڻي ٻن ٽن ڏينهن ۾ دڪان تان وٺي وڃ ۽ ٽوپي به ڪٽي وڃ. اها به ناهي جلد ڏجو.

بدي- ٽوپي دڪان تي آهي يا هتي؟

گلاب- دڪان تي.

بدي- ته پوءِ اها نوڪر هٿان موڪلي ڏجو. ٻه هن جي ٺهراڻي هاڻي ضرور ڏيو. گهر ۾ ڪاڏي لاءِ ڪٽو به ڪونهي- راڌا جي في به اڄ ضرور ڏيڻي آهي.

گلاب- لاڪي جي مهل گهر ۾ رقم ڪٿان ايندي؟ دڪان کلي ته پوءِ پيلا موڪلي ٿو ڏيانءِ.

بدي- نه مهرباني ڪري هاڻي ڏيو. اوهين سيٺيون آهيو. سائينءَ جو ڏنو سڀڪجهه آٿوَ. گهر ۾ به گنجائي آهن. سيٺين جا ڪيسا ڪي خالي-

گلاب - (سوچي) چڱو ته هن جي سباڻي ست رپيا ڏيندس. ڪيئن بس نه؟

ٻڍي - پٽ! انهيءَ جو سوچ تون ڪر. مان ڇا چوان. غريب آهيون. پندرهن ڏينهن جو ڪم آهي.

گلاب - سڄا سارا ست رپيا به ته تورا ڪين آهن. توکي ته اسين رپيه اڌ مڙيوئي ڪسر ڪندا آهيون.

ٻڍي - سٽن رپين مان ته ١٥ ڏينهن پيٽ پلي نه سگهندا. چار جيو ڪاڻ وارا آهيون. ٻيو خرچ جدا. ڪجهه وڌائي ڏيو. ڀڳوان اوهانجي ڪمائيءَ ۾ برڪت وجهندو. اسان يتيمن تي مهر ڪندا ته مالڪ اوهان تي مهر ڪندو. ڪمائيءَ وارو ڪونه اٿئون جي اڄ هن (گوپال ڏانهن اشارو ڪري) جو پيءُ جيئرو هجي ها ته هي ڪم ڪرڻو ڪونه پوي ها. [روئي ٿي]

گلاب - چڱو اٺ رپيا ڏيندس. بس هاڻي ته راضي ٿينءَ.

ٻڍي - پٽ! ڀڳوان توهان کي آباد رکندو. اسان جا اَن داتا آهيو. وري به ته اسانجي پيٽ جو اونو اوهان کي ئي رکڻو آهي.

گلاب - چڱو ها وٺ اٺ رپيا (ڳڻي ڏئيس ٿو) توهين پوءِ نوڪر هٿ موڪليندس. لمونو آهو ٻڌائجو جهڙو اڳي ٻڌايو اٿو.

ٻڍي - چڱو جلد موڪلجو آءٌ گوپال! (ٻڍي گوپال سميت خوش ٿي وڃي ٿي)

گلاب- [نوکر کي سڏي ٿو] آسو!
آسو- آيو سائين!
نوکر- ھان ھيءَ چادر دڪان تي کڻي وڃ- منيب کي وڃي چؤ تہ اڄ ئي راءِ صاحب کي موڪلي ڏي ۽ چئيس تہ ھڪ سؤ چاليھہ رپين جو بل ڪڍي موڪليس.
١٠٠ رپيہ مال جو ۽ ٤٠ رپيا سباٽي.
[پردو لھي ٿو]

پردو ٽيون- عام رستو

[ھڪ ڇوڪر ٽوپي کڻندو ڀڄندو وڃي ٿو]
ٻيڙي- چور چور! پڪڙيو پڪڙيو! مار پوليس مونکان ٽوپي کسيو ٿو وڃي.
(شنکر ڇوڪري کي ٽوپيءَ سان پڪڙي آڻي ٿو.)
شنکر- مائي دلجاءِ ڪر مون کيس پڪڙيو آھي اڄھو چور، اڄھا ٽوپي.
ٻيڙي- شل تنھنجا ٻچا جيئن- پرائي ٽوپي ماريو ٿيءَ جو مال جاٽي کنيو تي ڀڳو.
شنکر- مائي اھڙا ليچ گھڻا آھن. سندن ڌنڌوئي اھو آھي- پوليس جا رولا نہ ھجن تہ ھوند سڌو ٽاٽي تي گھليانس پر شاھدين ۾ ٿو زال کي ڪورٽون ڏسڻيون پونديون.
ٻيڙي- بابا وڃي ڪڏ ۾ پوي. ٻئي ھنڌان لڳندس.
برج- (ڇوڪري کي چماٽ ھڻي ٿو) بدمعاش! وري اھڙو ڪم ڪندين؟

ڇوڪرو- مون توبه ڪئي.
برج- ت۾ اکين اڳيان [وڃي تو] (مائيءَ کي) مائي!
ٽوپيءَ تي هي سلموستار ڪنهن پريو آهي؟
ٻيڏي- پٽ، مون ۽ منهنجي ننهن هي ڪم ڪيو آهي.
برج- واهه! ڪيتري وقت ۾؟
ٻيڏي- پٽ، هڪ ڏينهن ۾ ٻيو وري ڪيتري وقت ۾.
برج- ٽوپي پنهنجي لاءِ پري اٿو؟
ٻيڏي- اسين غريب آهيون ڪير پائڻ وارو آهي- هيءَ ٽوپي سيٺ گلا ٻچند دڪان لاءِ پرائي آهي. اسانکي پرائي ملندي مال سڀ مالڪ جو آهي.
ٽيون ڏينهن اسان ڪيس دڪان لاءِ هڪ چادر پري ڏني هئي سلموءِ ستار اُن مان ٻچيو هوس.
شنڪر- ڇا گلا ٻچند ۽ ڪمپني؟
ٻيڏي- ها. سڏيندا ت۾ ائين آهن.
شنڪر- چادر اوهان گهڻن ڏينهن ۾ پري هئي؟
ٻيڏي- بابا چادر ۾ ڏاڍو پورهيو هو. رات جو ٻارهين ٻارهين بجي تائين ڪم ڪرڻ سان به اسان ٻنهي سڄا پندرهن ڏينهن لاتا.
شنڪر- مائي! سيٺ کان اوهان کي ڪيتري محنت ملي؟
ٻيڏي- اٺ رپيا مليا.

برج – (نعرو ٿو هڻي) ادي روپيا !

بدي – بابا پورهيو نه هو.

برج – چڱو مائي هڪ ڳالهه ڪر ته وڪون ڪٺي مون سان هن گهر ڏنين هل. اتي اها چادر آهي. مون کي ته اها چادر پراڻي آهي؛ پر پهرين تون ڏسي پڪ ڪر ته اها ئي چادر اوهانجي پريل آهي يا نه.

بدي – پٽ! پهرين هيءَ پراڻي ٽوپي ڏيندي نه اچان.

برج – امي، اسانجو گهر ته ساڳئي رستي تي آهي. اتان ٿيندي پوءِ ڀلي وڃي ٽوپي ڏج.

بدي – چڱو پٽ، هل (وڃن ٿا).

پردو چوٿون

[راءِ صاحب ڪرشن سروپ اوطاق ۾ ويٺو اخبار پڙهي]

[شنڪر ۽ بدي اچن ٿا]

شنڪر – سائين! ٿوري تڪليف وٺي اها چادر ته ڏيکارجو.

ڪرشن – (مشڪي) اوهين ته ٺهرائيندا ڪيئن؟

شنڪر – هائو سائين (ڪرشن چادر ڏئي ٿو) مائي! اجها هيءَ چادر. سڃاڻ.

بدي – اها بابا اها، اسانجي پريل آهي.

شنڪر – پڪ؟

بدي – پڪ.

شنڪر – ڏس مائي سنڀالي ڏس. مٿان ڀل ڪندي هجين.

ٻڍي - پٽ ھي ڪالھوڪو ڪم آھي. پل ڇا جي ٿيندي.

شنڪر - (ڪرشن کي) ڏسو راء صاحب! ھيءَ چادر ھن مائيءَ ننھن سميت ھر روز اڌ رات تائين پورھيو ڪري ١٥ ڏينھن ۾ تيار ڪئي آھي.

ڪرشن - ھن مائيءَ؟ واھ مائي! تنھنجي ھنر کي شاباس آھي.

ٻڍي- سيٺ گلاب چند کي ته ڪم پاس ٿي نه پيو اوھانکي وٺي ٿو؟

ڪرشن- مائي ڪم اول نمبر جو آھي. سيٺ محنت ڪيتري ڏني؟

ٻڍي - ڪسندي اٺ روپيه ڏنا اٿس.

ڪرشن - اٺ روپيا !!

شنڪر- ھان سائين اٺ روپيا. جي مان اچي اوھان کي اھا ڳالھه ٻڌايان ھا ته ھوند پٽ ڪريو ھا؟

ڪرشن - مونکي اڃا به پوري پٽ نٿي اچي - مائي اٺ رپيا محنت ڏني اٿس؟

ٻڍي - مري پيگوان کي جان ڏيٺي آھي. مان ڪوڙ ڇو چونديس جي اوھان کي ٻي اھڙي تيار ڪرائڻي ھجي ته آءٌ ھينئر به اٺن رپين ۾ تيار ڪري ڏيندس.

برج - سائين اوھان ٿي فرمايو ته ڪمپنيءَ وارن ٻه چار رپيا مس ڪمايا ھوندا ھتي ته ھڙ ئي ھضم ڪئي اٿن.

ڪرشن - ھڙ ئي ھضم! بيشڪ ھنن موڙيءَ وارن

رڻ باري ڏنو آهي. ائين آهي تہ چو کين هڙتالون
ٽيندڙيون - مائي، اوهين گلاب چند جو کم کيتري وقت
کان کنديون ٿيون اچو؟

بدي - ڏهن سالن کان.

کرشن - اوهين گهر ۾ کيترا ڀاتي آهيو؟

بدي - ٻہ ننڍا پوٽو ۽ پوٽي. ٻہ وڏيون اسين سس
نهر. کل چار جيو.

کرشن - پوء اوهانجو گذران ڇڱو ٿئي؟

بدي - پٽ، زناني پورهئي ۾ اوڄ کونهي. سڄو
ڏينهن رات وهون تہ ٻہ اهي آنا پنج ات لهون. مائيء
کي محتاج. نہ گهر ۾ هنڊ نہ ٽپڙ. نہ ٻارن جي پڙهڻ جي
خرچ جو پورائو. نہ انگہ ننگہ پورو. ڀر کريون ڇا؟ هنئر
مونکي چڙيو تہ وڃي ٽوپي ڏئي اُجورو وٺي کجهہ
اَن پاڻي آڻيان.

کرشن - مائي، تو وانگر ٻيون بہ کي مايون گلابچند
جو کم کنديون آهن؟

بدي - هائو هيڏو دکان اٿس کو رڳو اسين ٻئي
سگهنديون سين. چاليهارو ڄڻيون تہ هن شهر ۾ ٻڌل اٿس
ويهاري کن کي تہ مان بہ سڃاڻان.

کرشن - پوء سيٺي کي پراڻي ساڃهي اگهہ ڏئي؟

بدي - ها. اسان سان دشمني کانہ اٿس. اگهہ اهو
عام آهي.

شنکر - مائي! راء صاحب کان گلابچند رڳو پراڻيء

جا چاليهه رپيا پيري ورتا اٿئي. پر ڪم اهڙو ته سٺو هو جو جي هو ٥٠ يا ٦٠ رپيه گهري ها ته به راءِ صاحب خوشيءَ سان ڏئي ها.

ڪرشن - اوهان بڪون ڪيدي رڳو گلاب چند کي آسودو ڇڏي ڪيو آهي. سچ آهي ته هو غريبن جي خون تي پلي ميو متارو ٿيندو رهيو آهي. هاڻي تنهنجي پوٽي جي عمر ڪيتري آهي؟

بدي - ٻارهن سالن جو ٿيندو.

ڪرشن - نالو؟

بدي - گوپال

ڪرشن - واه واه! منهنجو نالو ڪرشن ۽ تنهنجي پوٽي جو گوپال. ڪرشن ٻنهي ۾ ساڳيو آهي.

بدي - ڪرشن سيني ۾ ساڳيو آهي.

ڪرشن - بيشڪ سيني ۾ ساڳيو آهي پر ڪارخانن وارن اها ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته هو ڪو سنڌ ن پورهيتن يا مزورن ۾ به ساڳيو آهي. هاڻي مائي مان گوپال ڪرشن ڪمپني نالي ڪارخانو کوليان ٿو. تنهنجي پوٽي گوپال جو ۽ منهنجو نالو به ان ۾ اچي ويو. تنهنجي پوٽي کي بنا موڙيءَ نفعي مان به آنا حصو ڏبو ليسين ٽون مدد ڪري اسانکي گلاب چند جا سڀ ڪم ڪندڙ هٿ ڪري ڏي. اسين مزوري ٽيڻ ڏينداسين. جنهن چادر جا ٽوڪي اٺ رپيا پراڻي ملي اُن جا اسان ٢٤ رپيا ڏينداسين.

ٻڍي - ائين تہ مايون پير ٻہ چمنديون. ڪم ٻہ وٺنديون. ڏينهن ٻن ۾ سڀ پنهنجون تي وينديون.

ڪرشن - شنڪر! تون انهيءَ ڪارخاني جو منيب تي ڪم هلاءِ. مان جلد جاچ ڪرائيندس تہ انهيءَ قسم جا ٻيا گهڻا ڪارخانا کولائجن جن ۾ مزورن سان ههڙي نڳيءَ جهڙي سختي ٿئي ٿي. تيسين هان وٺ مائي! هي ٥٠ روپيا (ڏيئس تو) توکي جلد ڪم ڏينداسون انهيءَ جي هيءَ اڳوات پيشگي آهي.

ٻڍي - ايتري مهرباني؟

ڪرشن - هيءَ وڏي ڳالهہ نہ آهي. پيسا ڪم لاهيندو في الحال اوهين گهرجائو آهيو پئسا ڪٽب اچي وينداَ.

ٻڍي - تو جهڙي ديوتا جي شل سدا جيءَ رهي. آءٌ سڀ ڪم ڪندڙ هٿ ڪري ڏينديس. پر ڪم جلد موڪلجو، ڇو تہ مٿي جو بار نيٺ پيرن تي آهي. ڪم ڪبو تہ قرض لهندو.

ڪرشن - ڏينهن اڌ ۾ موڪليندس. تون خيال نہ ڪر. شنڪر کي وڃي پنهنجو گهر ڏيکار (شنڪر ۽ ٻڍي وڃن ٿا. شنڪر راڳ ڳائي ٿو:-

پردو پنجون

[خالي ڪنو ٻاهہ تي چڙهيل آهي]

ماءُ - ڏرن پيٽي ڏکي. افسوس اي چنڊ جي چڪي! تون ٿي لهي اچي ٻڪين جو پيٽ ڀر. تون ٿي ڪا واهر ڪر.

آهه هر ڪنهن جو حصو هن سڄ چنڊ جي ٿال تي
آهه سڀ ڪي آسرو دنيا جي نعمت مال تي
پر ڦري ڪن لاءِ مقدر تو اڙنگي چال تي
آسمان! ڪر ترس تون ٿي اڄ اسانجي حال تي.

او ڀارت جي ڀليري ڀونءِ! ڪيڏانهن ويئي تنهنجي اُها اَناج جي اَٽ مٽي اُپت، جنهن کي ٻاهرين ڪپت به ڪپائي نه ٿي سگهي. اَڄ تنهنجا واسي، جيئرا ساسي، ڪٽي ڪٽي لاءِ اُداسي ٿي ٻاڏائي رهيا آهن.

در بدر آهن ٻکن ۾ جن ڪپايا ڪوڙ ٿي
تن کي اَڄ سنسار ۾ ٿي سوڙه ٿي، ٿي لوڙ تٿي.

(ڪنول جو اچڻ) آءٌ منهنجا ڪوماڻيل ڪنوَل، پيٽي ڪا ڪنهنکي ڪهل، ڪيئن ڪو ڀورهيو ٻڙ پيو؟

ڪنوَل - اَمي! رلي ساهه ويو، مگر نصيب ڪجهه نه ٿيو. جهڙو ويس تهڙو وريس.

در بدر قسمت ڏيو ڪينهونءَ مثل نوڪر هٽي
سخت مشڪل باب منهنجي ۾ اي ماتا اَڄ ٻٽي
چوطرف سنسار ۾ آهي سوڙهه ۽ سختي ٻٽي
هاءِ ڀورهيو ڪين ٻڙ پيو مون ڪٿي گولا گهٽي!

ڪالهه وانگر، ماتا! اَڄ به مزوري نه لڳي. اَڄ به اسانجي ٻک نه پڄي نه پڳي.

ماءُ - هاءِ ڪرمن جي نڳي، پيارا ڪنول تنهنجي هيءَ نڊڙي پيٽ جا هيستاءِ رڳو آسري ئي تي

ٽگي سا ٻڪن کان بدحال ٿي ڪري پوندي - ويچاري خالي ڪڙڪندا ٽڪر ڏسي ڇا چوندي.

گنگا - امي! امي ڇا، اجا چانور نه رڌا؟

ماءُ - هاءِ! مان هن آبهم ڪڪيءَ کي ڪيئن سمجهايان - ڪيترو وقت ڪيس هن مڪر جي مانيءَ تي رهائي سگهنديس. ڇا هن ڪين جي ڪنيءَ تان ڍڪڻ لاهي ٺلهو ٺڪر ڏيکاريانس؟ نه نه، هوءَ ڏسي ڏڪي ويندي.

آسرو ابهم کي آهي جاڻ چانور تيار ٿيا
ڇاهه ۾ چوڪن ڏسڻ جي نيڻ هن جا چار ٿيا.

گنگا - امي، ايڏي دير؟

ماءُ - ڏيءُ گنگا - دل نه لاهه - باهه تهءُ چڏي مان ويو آهي - قدرت مان رحم لڏي ويو آهي ڪالهوڪي دڪايل اجا رڌا رڌي نه سگهي آهي - منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟

ڪنول - هاءِ ورڌاتا هيءُ ڪهڙو ڏوهه!

ماءُ - ڪرمن جو لکيو لوهه.

نوڪ غم سان ڇيرجي هرگز نه ڪر فرياد دل
لڙڪ موتي مفت هاري ڪر نه تون برباد دل
مرڻ مصيبت جا پلي ڪڙڪاٽ ڪن سر جي مٿان
پل فلڪ توتي ڪري صياد ٿي بيداد دل
ڪوبه دارون هن دنيا ۾ ناهه منهنجي درد جو
موت ڏاران ڪين ٿيندي اهنجه کان آزاد دل!

ڪنول - آس جي آڪاس ۾ نراسائيءَ جا ڪڏهين

نہ ٽٽندڙ بادل ڇانئبا وڃن - او ڀڳوان! هيءَ مصيبت جي
رات اڃا ڪيڏي ڊگهي ٿيندي؟ تنهنجا ٻندا ٿانڀن جو
مينهن سهي ويندا مگر ٻي ترسيءَ سان ٻک ۾ پاهہ ٿي
مرڻ کان ڪيبائيندا.

[هڪ شيوادَاريءَ ڪرشن جو ظاهر ٿيڻ]

ڪرشن - چؤطرف اندڪار ۽ ٻوسات ۾ طوفان جو
سعيو آهي. اوهانجي بيحد ڳري بار ڪٽڻ لاءِ هي ٻيو ٻہ
ڪلهو آيو آهي.

ٻي جتا آهي انداري ڪر سهائيءَ جو خيال
نت نہ هلندو درد دک يا هيءَ اُداسي ۽ ملال.

گنگا - اَمي! ٻک کان آنڊا ٽا وڃن. پيٽ ۾ ڇڪ
ٽا پون. چانورن چپٽي ڪٽي ڏي. مٺي امي! توکي مون
تي ترس نہ تو اچي؟

ٻي ترس ٿيو باغبان اڄ ٻي ترس آهي چمن
بلبلين کي باغ ۾ اڄ ڦهو جا ڪنڊا لڳن
اڄ بهاريءَ جي عيوض ٿا باهہ جا ٽانڊا وسن
ماڪ جون بولدون پنن تي ٿيون ڳوڙن وانگر ڪرن!

ماءُ - او ڪٽي مان ڪيچ ڪندڙ ڏرتي ماتا!
ٻالڪي جا ٽي ڇوي؟ هاڻي پنهنجي گنيم سانت ڇڏي
اسان سان ڳالهاءِ اسين ٻکيا، تون ٻک لاهيندڙ - اسين
دکي تون دک ٽاڙيندڙ.

ڪرشن - ڌيرج ڌر مائي - سنسار ۾ دک سک اچي
۽ وڃي ٿيو انسان گاڏيءَ جي چڪر وانگر پيو. ڦري.

قيري ۾ ڪڏهين زمين سان پيو لڳي ۽ ڪڏهين مٿي آسمان ڏانهن پيو ڪڇي.

ڪين هڪ جهڙي سدا انسان جي حالت رهي
موج مستيءَ ۾ نه هردم درد جو درياه وهي
مونجهه گهٽ گرمي ڏسي طوفان تو ٽڪرو لهي
قسمتي محلات هڪڙو پيو ڍهي، ٻيو پيو ٺهي.

ماءُ - ياڻو - تون ڪير آهين؟ چا؟

درد جي ديوي لئي انسان جي صورت وئي
يا چڱا ڪي ڪرم آيا ديوتا صورت وئي؟

ڪرشن - مائي مان هڪ عام شيواداري آهيان - گاهه مڏيءَ وٽ تنهنجو پٽ ڏٺم - هيڏانهن هوڏانهن ويچاري گهڻا واجهه وڌا مگر پورهيو نه مليس - آخر سرد آهه ڀريندي بي اختيار واتان نڪري ويس ”ويچاري پيرڻ ڪٿان ڪائيندي“؟ مائي، اهي لفظ مونکي تير وانگر دل ۾ چڀي ويا - مون ڏيڍ ڪلاڪ کن ٻهي حال ڏٺو - پورهيي لاءِ پريشان هو مگر مليس ڪونه. مگر جڏهن شام جو هي گهر ٿي موٽيو تڏهين مون ۽ هڪ ساٿيءَ سندس پٺ ورتي - هو هتي آيو اسان لڪي ٻهي اوهان جو سڄو حال ڏٺو بڌو آهي. منهنجو ساٿي ڪڪيءَ جي ڪاڏي لاءِ ڪجهه ڪڻ ويو آهي. چاڻ آيو.

مائي - اي ايشور تنهنجي اوٽ جڏي اج انساني اوٽ وٺڻي ٿي پوي.

ڪرشن - ماتا، ماتا! هيءُ ڪهڙو خيال آهي.

مائي - جنهن ساس ڏنو آهي گراس بہ تنهن کان ئي ملڻ گهرجي.

غرق ٿي درياءَ ۾ هيءَ زندگي لوڙهي ڇڏيان
جو کڻي همٿ سوال لاءِ سو نرلجو ٽوڙي ڇڏيان
سر ۾ باري درد جي بيشڪ تہ جا کوڙي سگهان
پر نہ هرگز ننگ ۽ ناموس کي ٻوڙي سگهان!

ڪرشن - سچاڻي ماتا! مون ۾ کهڙي سمرٿي آهي شيوا ڪرڻ جي. مان پنهنجي سر تہ کي ڪين آهيان البت پنهنجي منڊليءَ وارن سان گڏجي ڪو ٿورڙو شيوا جو انگ ڏيکاري سگهان ٿو. اڄ ڪالهہ ڀارت جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ويچارين وڌوائن ۽ يتيم ٻالڪن جا درد ڀريا ورلاپ زور سان وڃي رهيا آهن. جن کي ٻڌڻ لاءِ ڪن آهن، ڏسڻ لاءِ اکيون آهن ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ دل آهي سي ڪن ٽار ڪري نٿا سگهن. شيوا جو انگ طوفاني سمنڊ وانگر اُنهن جي هردي ۾ اُڇلون ڏيڻ لڳي ٿو. اُهي در در وڃي ڀين کي وينتي ڪن ٿا، سٽلن کي جاڳائين ٿا جنهنڪري هي دنيا ٿورو ڪي گهڻو رهڻ ۽ سهڻ جهڙي پاسڻ ۾ اچي ٿي. ماڻهو هوند کهڙو نہ هجي وچن جي همدردي جو حيرت جهڙو گڻ منجهائن صفا موڪلائي وڃي.

مائي - ڀائي توکي کهڙي خبر تہ اسان پنهنجو وطن ڇڏي ڇا لاءِ همت پرديس ۾ آيا آهيون. منهنجو هي ڪنول ٽڻن ٽي هو جو پتي ڇڏي ويو. مونوٽ جيڪو بہ زر زيور مال ملڪيت وغيره هو سو وڪڻي پي مرم

جو وقت ڪاٽيوسين - ايشور ٻلائي ڪئي جو سڪ سان ڪنول ڪمائڻ جهڙو ٿيو آهي. هينئر اتفاقا ٻڪ نهاري سگهي ٿي مگر گهڙي گهر ڪري ويهي نہ سگهندي. اوهانکي جس آهي شاباس آهي. اوهانجي فقط همدردي ئي مونکان سڀ درد ٻلائي رکيو.

ڪرشن - ماتا منهنجي هڪ وينتي ضرور ورنائڻي پوندء.

مائي - ڪهڙي؟

ڪرشن - اسان وٽ مفت اسپتال ۾ هڪ ٢٠ روپين درماهو پگهار سان جاءِ خالي آهي سا ڪنول کي ڏيون. اُتي کيس ٦ ڪلاڪ نوڪري ڏيڻي پوندي ۽ رات جو کيس نائيٽ شڪول ۾ تعليم وٺڻ لاءِ پڻ پرٻنڌ ڪيو ويندو.

ڪنول - منهنجا ديوتا! ائين تہ اسين وڏ ڀاڳي ٿيندا سون.

مائي - ڪم هيتان لڪ تو ليي.

ڪرشن - ۽ اجا ٻہ وينتي آهي.

مائي - فرمايو.

ڪرشن - ٢٠ روپيہ اسانکان في الحال خرچ پکي لاءِ وٺو، جي سيڪنڊهن مهني ۾ ٥-٥ روپيہ پگهار مان ڪٽي ڏجو. وڌ وائن ۽ غريب زالن کي چڱي ڀورهي حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڪن دوستن جي مدد سان ڪرشنا ڪمپني کڊي آهي جنهن ۾ غريب زالون سلمي ستار جو ۽ پرت جو ڪم ڪري چڱو ڪمائي سگهن ٿيون. اوهان جيڪڏهن اُتي هلي ڪم سکو تہ توڙن ڏينهن ۾ اوهان بہ ٣٠، ٤٠ روپيہ ماهيانو ڪمائي سگهندا ۽ پوءِ اوهانکي ٻڪ ڪڏهن بہ پنهنجو منهن ڪونہ ڏيکاريندي.

مائي - نهايت مهرباني - آءٌ سلمي سنتار ۽ پرت جو
ڪم خوشيءَ سان ڪنديس. شيواداري، اوهانجي چائيءَ
۾ دل نه مگر گل آهي - مان سمجهان ٿي ته جيسين ڀڳوان
وٽان هن ڀلائيءَ جو پاڙو اچي ٿي اچي تيسين دلي آنند
جي صورت ۾ اوهان کي ترت بدلو واهه جو مليو هوندو.

ڪرشن - مائي اڄ منهنجي اندر جي آنند جو پار پائڻ
مشڪل آهي. پر هڪ آس اٿم.

مائي - آس؟

ڪرشن - هائو.

مائي - ڪهڙي؟

ڪرشن - مون هن (گنگا جي مٿي تي هٿ گهمائي)
ننڍڙيءَ پيڻ لاءِ ٽول گهرايو آهي. حڪم ٿئي ته ڏيانس.

مائي - اوهانکي ٻکين سان ديا ڪرڻ وٽي ٿي.
مان روڪ نه ڪنديس.

ڪرشن - (سانتيءَ کي سڏي ٿو) آنند (اچڻ) کٽي آءُ.
(ٿالهي گنگا اڳيان رکي ٿو. ڪيس پيار سان ڪارائي ٿو.)

مائي - مگر منهنجي هڪ وينتي آهي.

ڪرشن - مان بلڪل ڌيان سان ٻڌندس.

مائي - مان به واندڪائي جي وقت اوهانجي شيوا
منڊليءَ پاران شيواداري تي گهر گهر ڦرنديس. هوند وارين
استرين کي غريب وڌوائن جي درد ڀرئي احوال کان
آگاه ڪنديس. اُنهن کان جيڪي دان مليو سو شيوامنڊليءَ
۾ جمع ڪرائينديس ۽ ڪنول ۽ منهنجي پگهار مان جيڪا
بچت ٿي سگهي سا پڻ شيوا منڊليءَ ۾ اوهين سڻيڪار ڪندا.

ڪرشن - قبول آهي. آنند ، هلو ته هينئر هلو - راڳ ڳائن ٿا.

دکي پورهيت صفحو ٣ سٽ ٩ راڳ (سوشيلا)

طرز- کهواب شوق سي جا کي ٽيرا بيمار پرڏهي؟
سلي احوال سودن جا

ڏکيون ڏونگر کي ڏاريندين،
جلي اُتندي اُها ڏرتي
ذرو جت نير هاريندين.

- ودن واريون ڏسي ورنيون،
کنديون ورلاپ ور ڌاران
اُجڙ گهر ۾ گذاريندين،
نه ور پنهنجا وساريندين.

٢- ڏسي سرتيون سکن واريون،
کنديون هي ريس ويچاريون
ڳڇها ڳوڙها هنجون هاريون،
سکي ساعت سنڀاريندين.

٣- اچي ڏڦ وار ٿئي ماتم،
خوشيءَ بدران ڪٽي تو غم
ٻٽو ٻاٽي ڳري ٽيندو،
نماڻيون جي نهاريندين.

٤- بنا همدرد همڪاري،
مصيبت ٿي مڇي ڀاري
سٽائي گهرج سنساري،
وقت گولڊر گذاريندين.

(راڳ) دکي پورهيت- صفحو ١٣

طرز- تقدير قضا سان لڳي ويو مقابلو
نقشو ڪڇي ڇا پيش، مزورن جي حال جو

ويلا تڪيندي وقت ٿو گذري ڪنگال جو

١- وانجو رهي ٿو نيڪ بد، تعليم صحت کان
اولاد پالڻا بہ بڻيو ڪم جنجال جو

٢- هر مرض جو شڪار ٿئي ٿو مفلسيءَ سبب
پورو نہ کاڄ کيس ملي پيٽ پال جو

٣- بي صحت پونگڙن ۾ گذر ٿو ڪري غريب
انسان لاءِ جنهن جاءِ تي جيئڻ جنجال جو

٤- رستي جي گٽر جي اڳيان بدبوءِ ۾ سمهي
ڦقڙن کي وسيلو ڪري سر جي سنڀال جو.

ڏکي پورهيت - صفحو ٢٠

جڳ ۾ سکيو پر اُپڪاري پياري جيو ديا پياري
ڪڻن نہ جڳت لاءِ برڇ جين ٿا پاڻ سڙي ڏين ڇايا
ڏک لڳڻ سان دانهن نہ ڪن ٿا ڪيرن گل ڦل ميوا
ڏک هڻو ٿا پور ڪري ٿو پٽ تي ميوو ڇڻي پوي ٿو
ٽاريون اُنهون سدا نمن تيون
ڏک لڳڻ سان دانهن نہ ڪن تيون
هٿ نہ وڏائي، پاڻ سدائي
نئڙي هرڪا ٽاري ... جڳ ۾

ڇرين جي برسات- صفع ٢

١- ڇا پريم پريت رنگ ۾ نيهن جا چڙهيا نشا!
بي حال دل تي برهہ جا بادل چڙهيا گهٽا!

٢- ماهتابي منهن منجهان چمڪات چوڏس چنڊ جان،
آفتاب مان ٿي اچي اندلٺ پٽا پٽا!

٣- سونهن جي سيلاب ۾ ترڪيو پوي بيتاب دل
مه لڦا ۾ موج پيو حيرتي لڦا لڦا!

چرين جي برسات

پھريون پردو

(جھنگل ۾ ھڪ مندر)

[مندر ۾ ھڪ جھڪي جوت جڳي رھي آھي.
اِندرا ديويءَ جي مورتيءَ سامھون سر جھڪائي
پرارٿنا ڪري رھي آھي]

اندرا- بچاءِ، بچاءِ. ديوي مونکي بچاءِ.

دل تنھنجي پوڄا ڪرڻ لاءِ قابل رھي نہ آھ؛
جنھن دل تي مونکي ناز ھو سا دل رھي نہ آھ.

ڪمارگ جي ڪنڊائين رستي ڏانھن آءٌ ٿاٻڙجي رھي آھيان. پريت جا زنجير دل کي وري دنيا طرف ڇڪي رھيا آھن. ديوي! ھو اڄ اچڻو آھي؛ ضرور ايندو. آءٌ کيس ڇا چونديس. ڪي بہ ڪين چئي سگھنديس. ھو مونکان گھري ڇا ٿو؟ آءٌ ڄاڻي نہ ٿي سگھان. رڳو ايترو سو ڄاڻان ٿي تہ ھو مونکي پياسي اکين سان، بيتاب نگاھن سان ڏسي ٿو تہ منھنجي دل ڌڙڪڻ لڳي وڃي ٿي- ءَ مان ڏانھس

صاف صاف لکي ڏسي سگهان. سرت نه ٿي پويم ته مون سان ويڌن کهڙي آهي. کهڙو جادو چلي ويو، جنهن صفا سودائڻ ڪري رکيو آهي.

اي جاڳي جاڳڻهار ديوي ماتا! تون ئي ڪٽي ڇڏ ته منهنجي چت جو چور ڪير آهي. (ڳائي ٿي)

ڇا پريم پريت رنگ ۾ نينهن جا چڙهيا نشا.

(ڏسو راڳ لاءِ ڪتاب جو پهريون صفحو)

ديوي، منهنجي دل تنهنجو آسن ٿي چڪي هئي؛ اُنهيءَ پوتر آسن تان پاڻ لهي تو ڌارئي کي دخل ڪرڻ ڏنو. دل جو ڪومل ڪنول، جو تنهن جي چرنن تي چڙهي چڪو هو، سو تو پريم پرشاد طور موٽائي ڪنهن ٻئي کي ڪرڻ ڏنو! مون ته ساري عمر ديو ڪنيا ٿي تنهنجي شيوا ساڌن ۾ گذارڻ جو نشچو ڪيو هو؛ ڇا اهو نشچو وهم ٿي ويندو؟ مات پرميسري! انهي حالت ۾ تون منهنجو اپراڌ ڪميا ڪري سگهنديءَ؟

تنهنجي چرنن سوا ماتا نه ڪنهن سان پريت جوڙينديس،

مري وينديس، مٽي ٿينديس، مگر ناتو نه ٽوڙينديس.

(چڻ جو ڪڙڪو ٻڌي)

اچي ويو؛ هو اچي ويو. ٻل ڏي او مها مايا مونکي ٻل ڏي، جيئن سندس اثر مون تي نه ٿئي. ڇايا پٺجي نه وڃي.

(ڪمار شام سنگهه اچي ٿو)

ساڳيو چت چور، ساڳيو.

شام سنگهہ - هان، هان، اندرا! تو خوب سچا ٿو. دل جي ڏاڙي جو سڀ سامان ٻاڻ وٽ رکي مون کي چمس ڇور ٻڌائي رهي آهين ؟

اندرا - تون ڇو آئين ؟

شام سنگهہ - انهيءَ لاءِ تہ ديويءَ کان تنهن جي ديهيءَ جو دان وٺان. منهنجي ڪٽيا جا انداري ٿي رهي آهي، تنهن لاءِ ٻاند پکيڙي سندر پرڪاش جي ڀيک منگان.

اندرا - (پاسي ٿي) ديوي! هي ڇا ٿو چوي ؟ سندس ڀهگوڻ ٻوليون سيني ۾ سنل سڪ کي جڳائي رهيون آهن. سندس مٺا ٻول دماغ کي تراوت پهچائي رهيا آهن. ڪا گپت شڪتي آهي جا مون کي سندس پاسي ڇڪي رهي آهي. ڇا او ديوي تون مون کي بچائينديئن نہ ؟

شام - اندرا، اندرا ڇا منهنجي ڳالهہ جو ڪو جواب ڪونہ آهي ؟

اندرا - نہ.

شام - ڇو ؟

اندرا - ڇو تہ مان پنهنجي ٻرن تي ٻڌنتي آهيان. اڏول آهيان، اچل آهيان.

شام - يعني ؟

اندرا - يعني تو سان هلي نٿي سگهان. جو قدم پگوڻتيءَ جي مندر ۾ رکجي چڪو آهي، تنهنکي هڪ

فاني انسان لاءِ پٽ تي هٿائي نہ ٿي سگهان.

شام- ڇا انڪار؟

اندرا- لاچار.

(شام سنگهہ راڳ، ڳائيٿو)

طرز- ڇا لاءِ پُر جاني - ايڏي اوير لاتي.

ابروُ ڪري تکيري تلوار جي نموني

موتي مٿان هلائين هٿيار جي نموني.

١ اي سخت دل ستمگر اهڙي نہ دل پٿر ڪر،

مارين ٿو هوت هيڪر انڪار جي نموني.

٢ جي ناز مان نهارين دلدار دل ڏتارين،

مشڪين نہ مشڪ هارين هيڪار جي نموني.

٣ تنهنجي ئي آسري تي بيوس جي دل سري تي،

مرڪز مٿي ڦري تي پرڪار جي نموني.

اندرا- او، ديوي! (اُپو ساھ ڀري)

شام- تقدير ڇري وهائي. جنهن ديو- مورتيءَ کي مون دل جي مندر ۾ پوڄيو؛ جنهن اڳيان ايڪانت ۾ ماٺڪن جا موتي پيشا ڌريم؛ جنهن تان حياتيءَ جو هيرو گهوري گهمايم؛ سا پٿرِ پٿر مورت نڪتي.

اندرا- شڪتي، او پرم پوتر ديوي! شڪتي ڏي تہ آءٌ پاڻکي هن محبتي مستاني جي جادوئي اثر کان بچائي سگهان.

شام- اندرا! آءٌ مايوس دل ۽ نراس تي نوچان ٿو. پر ايشور اڳيان اهائي آراڌنا ڪندو ٿو وچان تہ هو

تنهنجي منهن ڇپن کي ڪنن پر تگيا جي ڪڙي پيالي
ڪان پري رکي. توکي به هڪ هدايت ڏيان ٿو ته انهن
نيم خوابي نيڻن سان ڪنهن کي به مارڻ کان اڳي
سوچ ڪندي ڪر ته وري ڪيس جيوت جو دان ڏيئي
سگهنديس يا نه. تنهنجي اکين مان اُڪير پر لفظن مان
ڌڪار پيئي بکي. تنهنجي چهري مان چاهه مگر دل
مان باهه برسي رهي آهي. (وڃڻ جي ڪري ٿو)

اندرا- ڇا هي هليو ويندو؟ ڇا هي مڌر آلاپ
وري ٻڌي ڪين سگهنديس؟ ڇا هي سندر مکه پيو
پيرو ڏيکاري نه ڏيندو؟ اُف، مٿو ڇو پيو ڦري؟
دل ڇو ٿي وسامندي وڃي؟ هان! همت ڇو پيا
ڏڪنم؟ پير ڇو پيا ٿڙڪن؟ منهنجي نگاهن کي هي
ڪشش ڇو پيو ڪري؟ بچاءِ، بچاءِ ديوي! مونکي
هن سوپيا وان ڊاڪوءَ جي پريمي ڪڙين کان بچاءِ.

شام- تڏهن هاڻي موٽي وڃان؟

اندرا- مدد، اي جڳت جنني! هڪ پلڪ لاءِ
مدد. اکيون! پاءُ پل لاءِ انڌيون ٿي پئو. دل! لحظي
لاءِ پٿر ٿي پئُ، جئن وڇن پنگه نه ٿئي.

(شام سنگهه وڃي ٿو)

ويو، ويو. چت کي چيٽڪ لائيندو ويو. ديدن
سان ڌتاريندو ويو.

(ديويءَ جي چرڻن تي مستڪ ڌري)

ڌنيه آهين، ديوي! تون ڌنيه آهين. آءٌ ست

Soorih Mirani

مارگ تان ٽڙڪڻ ٿي ھيس ؛ ٿالهي ڪي لعل سمجھي
ڪڻڻ ٿي ھيس. آھا ، ماتا مرڪي رھي آھي ، ۽ مون
کي آشيرواد ڏيئي رھي آھي. (پيرن جو کڙڪو ٿئي ٿو)
ھان! ھي ڪير؟ وري ڪمار! (شام سنگھ اچي ٿو)
تون وري ڇو آيو آھين؟ ڇو، ڇو؛ ھڪ لفظ ۾ ڇو.
برھمچاري يڪشا ٽين تي پريم جار پکيڙيندڙ جادوگر
تون ھڪ ڀولي ڀالي ڪنيا کي ڦاسائڻ ٿو چاھين. جا
سنساري سنبنڌن کان آجي ٿي چڪي آھي، تنھنکي
تون وري سنساري بڻائڻ ٿو چاھين. نہ، نہ ائين نہ
ٿي سگھندو. آءٌ شور مچائينديس ، زور لائينديس
تنھنکري پلو ڀا نئين نہ آواز کان اڳ ، ۽ منھجي وڪڙ
وڌائڻ کان اول ھن مندر مان ٻاھر ھليو وڃ.

(ڪمار پاڻکي ڪناري ھٽڻ جي ڪري ٿو
۽ اندرا ٻوڙي کيس روڪي ٿي)

روڪ ، ڪمار! ڪناري ۽ کي روڪ.

شام - ھي ڪير آھي؟ ڇا اندرا! اندرا ، مونکي
سنڀال. (بيھوش ٿئي ٿو)

اندرا - (گھبرائجي) آھ! آءٌ کھڙي نہ ڪنور
آھيان ؛ ۽ ھي کھڙو نہ سچار. اندرا! دنيا ٻري نہ
آھي ؛ کيس ٻرو بڻائيندڙ اسين آھيون. نہ ڇا گرھست
۾ گھرڻ ڀاپ آھي؟ نہ، نہ. جنھن سنسار ۾ ڪمار
شام سنگھ جھڙا پريم جا ديوتا واسو ڪن ٿا ، اُن ۾
داخل ٿيڻ آنند ۽ سنمان جھڙي ڳالھ آھي. (ڪمار

ڏانهن) اُٿ، ڪمار اُٿ؛ ۽ ڏس تہ اڪار ڪنداءِ اندرا تنهنجي داسي بڻجڻ لاءِ تيار آهي. جنهنکي تو هڪ پيرو همٿ ڪري تي گهريو سا هاڻي زبردستيءِ تنهنجي گلي جو هار آهي. افسوس! هي اُٿي نہ ٿو، ڳالهائي نہ ٿو. پاپڻ اندرا! هي سڀ تنهنجو قصور آهي.

(روئي ٿي ڳوڙهن پوڻ سان ڪمار سجاڳ ٿئي ٿو)

شام- هي ڪنهنجو همٿ آهي؟

اندرا- ڪمار، آءٌ اندرا آهيان.

شام- تون اندرا آهين؟

اندرا- جي ها، ها ٿو.

شام- تو مونکي بچايو ڇو؟ ڪليجي ۾ خنجر چيائڻ واري! همٿ ڪي ڇو جهليو اٿيئي؟

اندرا- انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ همٿ کان مونکي ڪجهہ وٺڻو هو؛ ۽ اُنکي ڪجهہ ڏيڻو هو.

شام- ڇا؟

اندرا- آءٌ ٻڌائي نٿي سگهان.

شام- ٻڌائي ڏي، اندرا! ٻڌائي ڏي.

اندرا- ايشور جي نالي تي، مونکي ديويءَ کان موڪل وٺڻ ڏي.

شام- تہ ڇا، تون مون سان هلڻ لاءِ تيار آهين؟

اندرا- تيار تہ نہ آهيان، پر ڇا ڪريان، ٻن ٻاهين جي وچ ۾ آهيان:

ماٽ تي ڪريان تہ من تو جلي، ڪچان تي تہ زبان تي جلي

ننيهن نهوڙي ڇڏيو آهي، سرت ڪان ٿي پوي.

شام- شڪر، پرماتما تنهنجو شڪر.

اندرا- ترسو، وٺو منهنجو ڏڪندڙ هٿ، پنهن جي مضبوط هٿ سان ڪيس وٺو، ۽ مونکي وٺي هلو.

شام- اچ آءُ توکي دل جي محل جي راڻي بڻائيندس، وٺين م وهاريندس.

اندرا- (ڏ ڇنڊي) ڪمار! ڏس، هوڏانهن ڏس ديوي مونکي ڏ يڇاري ٿي. او پرماتما! مونکي ڪرڙيون اکيون ٿيون ڏيکاري. بچايو، بچايو! اوءِ ڪوپ ٿي مونڏانهن ڊوڙندي ٿي اچي.

(اندرا بيهوش ٿي وڃي ٿي، رام سنگهه اچي ٿو)

رامسنگهه- ڪٿي شامسنگهه، اندرا تيار آهي؟

شام- هان، بلڪل تيار آهي.

رام- کيس کڻي هلو. مگر خيال ڪجو ته هنکي پوتر استان تان ڌ تاري ٿا هلو. سندس دل نه دکائجو، آتڙ آتو، البيلي آتو، سادي سودي آتو. دکي نه ڪجوس.

شام- اها تسلي ڪريو.

شام- هل، اي منهنجي ماڻڪن جي پتلي هل؛ هلي منهنجي هردي ۽ سرير تي، راڻي ٿي، راج ڪر.

(شام بيهوش اندرا کي کڻي هلي ٿو)

اندرا- (هوش ۾ اچي) نمسڪار! پوتر مندر جا در، ديواريون نمسڪار!! (وڃي ٿو)

ٻيو پردو

(وقت رات)

[راجڪمار شام سنگھ جي محل ۾ هڪ ڪمرو]

رام سنگھ- ته هاڻي علاج ناممڪن آهي؟

هرنام سنگھ- ڏسجي ته ائين ٿو. مونکي دنيا جي ڪابه اهڙي طاقت ڪانه ٿي سجهي جا ڪمار جي دل مان ڪامنيءَ جو خيال ڪڍي سگهي. سمهندي جاڳندي سندس سڪ سوز ۾ ڪيس ستائي رهيو آهي.

رام- ۽ غريب اندرا؟

هرنام- اندرا به سڪي ڪاٺي ٿي پئي آهي. سندس اداس اکيون، اجهاڻيل چهرو، پريشان پيشاني، ۽ سرد آهون ڏسي منهنجو ته ڪليجو ٿو ڪنبي. هوءَ ڇا هئي، ۽ ٿن سالن جي ٿورڙي عرصي ۾ ڇا ٿي ويئي!

رام- بيدرد مردن جو اهڙوئي ڪنور دستور آهي.

هرنام- برابر. دنيا جا ظالم مرد گڏدام استرين کي لباس ڪري ڇڏين ٿا. ۽ سندن دل پڇي اينترو به افسوس ڪين ٿا ڪن، جيترو جيڪر ڪو ٻار مٽيءَ جو رانديڪو ڀڃڻ بعد ڪري. ذرا سوچ ته ڪريو ڪمار مهاڻدي جو ڪهڙو سهڻو نرم دل جو ڪهڙو ڪارو آهي.

رام- هدرس سوهڻي جي دولت ورهائڻ وقت

لائق ۽ نالائق جي سوال تي ويچار ڪين ڪندي آهي.

هرنام- وس پڄي ته هوند اهڙيءَ قدرت جي چڱي لاڪ لاهي وٺجي.

رام- دوست......

هرنام- ۽ ڏسانئو ته ڪو به اهڙو همت ڪونهي جو اُنهن بگڙيل دلين جو ميل ميلاپ ڪرائي، ۽ ڪا به اهڙي اک ڪانهي جا تنل من تي به چار تڏا لڙڪ هاري ڪيس ناري.

رام- انهيءَ شاعريءَ کي ڇڏي ڪجهه ڪري ڏيکار. ٻڌين ٿو ڪو آواز؟

هرنام- (ٻڌي) ڪمار ٻيو اچي.

رام- ۽ ساڻس ڪامني به اٿيئي.

هرنام- نردوش ناري، ڀڳوان تنهنجي رکيا ڪري!

رام- ديوي اندرا! ايشور توکي پٿري دل لوهي جگر ڏي.

هرنام- هي ته جاڻ آيا.

رام- آءٌ ته مٿي گيلريءَ تي چڙهي لڪي ڏسون.

(ٻنهين جو وڃڻ؛ ڪمار ۽ ڪامنيءَ جو اچڻ)

ڪامني- اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن لاءِ اوهين هن اڪيلائيءَ جا طالبو ٿيا؟

شام- تون ويهه ته سهين. آءٌ اجهو ٿو ٻڌايان.

(ٻنهين جو ڪرسين تي ويهڻ)

ڪامني- ٻڌايو.

شام- ٻڌايان (ايو ساه ڀري) ڇا ٻڌايان؟ ڇا منهنجون اکيون، واجهائيندڙ نگاهون ۽ سودائي مهانڊو دل جي ڪافي حالت ٻڌائي نٿا سگهن؟

ڪامني- صاف چؤ ته، تنهنجي پيرولين جو ڀيو ڄڻ ڪهڙو؟ ڇا......

شام- ڇا منهنجو تولاءِ مستانو ٿي ڦرڻ ۽ منهنجي اندر جو ٻجهه توکي سلي نٿو سگهي؟ ڪامني، آءٌ تنهنجي پريم جو پوڄاري آهيان.

ڪامني- (جوش مان اُٿي) ۽ انهيءَ پوڄارڻ جو ڪو خيال ڪونه اٿئي جا پنهنجي جيوت جو هر هڪ پل تنهنجي يادگيريءَ ۾ گهاري گذاري رهي آهي؟ جنهنجون اکيون سواءِ تنهنجي، دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به وست ڏانهن نٿيون نهارين؟

شام- آءٌ تو اکيان هنکي ٺيڪ ڪري ٿو سمجهان.

ڪامني- مگر آءٌ اُنجي اکيان توکي نيچ ٿي سمجهان. تنهنڪري ......

شام- ڪامني آءٌ تنهنجي اکيان جهڪي، تنهنجي سوپيا جي ٻکيا ٿو پنان، مونکي مايوس نه ڪر.

ڪامني- آءٌ ليلائي توکي منت ٿي ڪريان ته، مونکي لاحق تنگ نه ڪر.

شام- ڪامني، ڪامني! منهنجو هيءُ مغرور سر جو ڪڏهن به نازڪ کان نازڪ موقع تي ڪنهن اکيان نئڙيو نه آهي، سو اڄ تنهنجي چرنن ۾ جهڪي

توءِ نه رڳو اڪيلو جهڪي ٿو پر پاڻ سان گڏ دل کي به جهڪائي ٿو. تنهنڪي تون نوڪر نه هئين. هي شيشو آهي، تنهنڪي انڪار جي پٿر سان پرزا نه ڪر.

ڪامني- تنهنجا وچن جهڙا مٺا آهن، اهڙو دل کي ڪومل بڻاءِ. جهڙو ٻاهران صاف آهين اهڙو اندران به پوتر ٿيءُ. آءٌ گلن کي نوڪر ڪونه ٿي ڀانيان، پر انهن ڪنڊن کي ٿي ڪپيان جي گل کي چوگرد گهيري ويا آهن.

شام- يعني؟

ڪامني- يعني تنهنجي خوبصورت دل ۾ جي برا سنسڪار سمائجي رهيا آهن تن کي آءٌ زهري نانگ ڄاڻي سختيءَ جي ڇمٽي سان پٽي ٻاهر ڪڍڻ ٿي گهران.

شام- ته ڇا مون کي پيار ڪري نه ٿي سگهين؟

ڪامني- ڇو نه ٿي ڪري سگهان.

شام- جي ڪري ٿي سگهين ته انهيءَ کان مٿي پيو ڇا کپي. ٻڌاءِ، ٻڌاءِ ڪهڙيءَ طرح؟

ڪامني- اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح ڪا نيڪ پتڻي پنهنجي گنهگار پتيءَ کي ڀانئين سگهي.

شام- نه، نه. اهو ڀانئڻ مونکي نه کپي. مون کي اهو پيار کپي جو استري پنهنجي پتيءَ سان ڪري ٿي سگهي.

ڪامني- هڪ پل اڳي منهنجي من ۾ تو لاءِ

عزت هئي. مگر هاڻي رڳن جي روم روم مان تو لاءِ ڌڪار نڪري رهيو آهي. تنهنجي شڪل شبيه مان، تنهنجي صورت ۽ مهانڊي مان، تنهنجي رنگ ڍنگ مان مون توکي هڪ ڀلو ماڻس ڪري ٿي ڄاتو پر هاڻي معلوم ٿي رهيو ته دنيا ۾ رڳو سون ئي نه ٿو چمڪي، رڳو تارو ئي نٿو ٽمڪي بلڪ ڪيترا ڀوڙي به پيا آهن، جي سانگ بڻائي، ٽڪڙ لاءِ ڦري رهيا آهن. سندن پوشاڪ مان، چال مان، روش مان نيڪيءَ جا ستارا چمڪندا ڏسڻ ٿا مگر اڪيلائيءَ ۾ ڀيڇي جڏهن هو پنهنجي اصلوڪي ذاتي روپ ۾ اچن ٿا تڏهن شيطان جا مريد ٿي ڏيکارين ٿا.

شام- ان تقرير جو مطلب؟

ڪامني- مطلب ته تون سپ وانگر ٻاهران سهڻو مگر اندران وهه سان ڀريل آهين. ڏسڻ ۾ رحمت اندر ۾ زحمت؛ نالي امرت، حقيقت ۾ زهر آهين. مون توکي سگهڙ آدمي سمجهيو هو. جڏهن تو شاديءَ جو ذڪر ڇوريو تڏهن آءٌ انهيءَ ڪري ناراض ڪين ٿيس، جو ڄاتم ته شادي پاپ نه آهي. مگر جڏهن ته منهن جي دل ڪنهن ٻئي جي پيتا تي ڇڪي آهي منهن جي شادي توسان ٿي نه ٿي سگهي. مون کي سڃهندو ئي نه هو ته منهنجي اهڙي جواب ڪانپوءِ به ڪو تون موندانهن ميري اک رکندين. مگر هينئر معلوم ٿي ويو ته ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهين.

شام- تڏهن توکي انڪار آهي؟

ڪامني- هڪ وار ڇا، هزار وار انڪار آهي.

شام- توکي ڪا گم ٿيل ٿي ته هن وقت رات آهي؟

ڪامني- ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي.

شام- ۽ هيءَ اڪيلي جاءِ آهي؟

ڪامني- برابر.

شام- تون استري آهين؟

ڪامني- هائو.

شام- ۽ استريون نبل ٿينديون آهن ؟

ڪامني- شايد.

شام- ڇگو، توکي اها به سڌ آهي ته آءٌ مرد آهيان؟

ڪامني- يعني؟

شام- يعني توکان سگهارو آهيان.

ڪامني- اُف!

شام- ۽ توکي پيار ڪرڻ يا ڦٽو؟

ڪامني- آهہ!

شام- ۽ پيار انڌو آهي ؟

ڪامني- سو ؟

شام- تهن سان نہ ڇهندي آهي نہ، ڪا ٿي هٺي آهي.

ڪامني- پرماتما! پرماتما! پرماتما!!

شام- ڪٿي ڪامني، منهنجو مطلب سمجهي وئين ۽؟

ڪامني- هان! ۽ تون به منهنجي منشا سمجهي وئين؟

شام- بلڪل نہ.

ڪامني- سمجهندين ڪئن. جنهنجي سمجهہ تي پٿر پئجي چڪا تنهن لاءِ صفا ڳالهہ سمجهڻ بہ اسنيؤ تيو پوي.

شام- تورن ڏينهن جي جيوت ڪي اجايو نہ وڃاءِ موندانهن ڏس، نہ تہ منهنجو دلير هٿ......

ڪامني- هٿ دلير ءِ تنهنجو؟

شام- هان، هان، هٿ دلير ءِ منهنجو.

ڪامني- شينهن بکہ مري ويندو مگر گاهہ نہ کائيندو. بهادر آدمي هٿ جلائي ڇڏيندو پر ابلا ناريءَ تي هرگز نہ کڻندو.

شام- هنيلڻ! پنهنجي جوين تي ديا ڇو نہ ٿي ڪرين. منهنجي محبت سان دل ڇو نہ ٿي پرين؟

ڪامني- ديا! اڙي ديا هن جاءِ م ڪٿي آهي؟ هي فرش جنهنجي هڪ هڪ سلا مان گناهہ جا ڦوهارا ڇٽڪي رهيا آهن، هي، ڀتيون جن جي ڇپي ڇپي مان ظلم جا خيال اُڏي رهيا آهن، اُتي ديا اچي ڪٿان؟ اُنکي تہ دربانن جا پاپي هٿ دروازي تي وڪي ڇڏين ٿا.

شام- ڇا تون اهي بدبختن ئي پيسڻي مونکي سڏائيندين ءَ؟

ڪامني- هائو.

شام- ڇو؟

ڪامني - ان لاءِ ته توکي سمت اچي.

شام - سمت جي سگهي! آءٌ توکي سچي سمت ڏيکاريان. (بلند آواز سان) ڪو آهي؟

نوڪر - (اچي) جي، حضور.

شام - وڃ، وڃي هن ايمانڻ جو سر لاهي کڻي آءِ. آءٌ سندس سر کي نوڪرن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس.

(اوچتو رام سنگهه جو اچڻ)

رام سنگهه - رحم! ڪمار شام سنگهه رحم!

شام - رحم؟ ڪنهن تي؟ هن بي مروت نفر تي؟ هن هنيلڻ تي؟ هن دغاباز تي؟

ڪامني - دغا؟ مون ڪڏهن ڪئي؟ ڪٿي ۽ ڪنهن ڪئي؟ ڪوڙا ڪمار!

شام - ڪوڙو ٿي ڪو نئين؟

ڪامني - هائو، هائو هائي به توکي ڪوڙو ٿي ڪوٺيان، ۽ اڳتي لاءِ بــــــ ڪــــــوڙو ڪوٺيندس. تون هڪ نردوش ناريءَ تي دوش ٿو ڏرين. سادين سودين ڪنيائن کي پريت جي نالي ڪامي جارم قسائڻ تو گهرين. او ڪامي انڌا ڪجهه خوف ڪر. خوف ڪر اُنهي ڪان جو گجهو ئي گجهو اُنيڪ اکين سان ڏسي رهيو آهي، جو بنا ڪنن ٻڌي رهيو آهي جو هر جاءِ آهي ۽ هر وقت آهي.

شام - ڪمار! اوهين هن ويچاريءَ کي ڇڏي ڏيو.

سندس ڳالهين وساري ڀاءُ ڀيڻ وانگر ہوتو ياؤ سان جدا ٿيو.

ڪامني - شل تنهنجو ڀلو ٿئي.

شام - رام سنگهہ! آءٌ پنهنجي ڪئي تي سچيءَ دل سان پڇتايان ٿو. ڏاڍو شرمسار آهيان جو هرو ڀرو ويچاريءَ کي ستايم. سر جهڪائي معافي وٺان ٿو. مگر

رام سنگهہ - هان وري مگر؟

شام - مگر توکي خبر آهي ته انسان ڪهڙو نه ڪٺي بدڪارءُ گنهگار هجي ته به ٻين جي اڳيان پنهنجي گناهن جي دفتر کولڻ ۾ ڀيو عار ڪندو.

رام - برابر؛ تنهنڪري؟

شام - تنهنڪري تون ٻاهر وڃ ته آءٌ هن معصوم ڪنيا اڳيان دل کولي، ٻوڙها ڳاڙي معافي منگان.

ڪامني - نه نه؛ معافيءَ مڱڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. آءٌ سواءِ گهرڻ جي معاف ڪريان ٿي. تنهنجي ڳالهائڻ مان پڇتاءُ پڌرو آهي تنهنڪري آءٌ هاڻي جو هاڻي دل صاف ڪري ٿي ڇڏيان.

رام سنگهہ - آءٌ ٻڻ هن وقت توکي اڪيلو ڇڏڻ مناسب نٿو ڄاڻان. بس معافيءَ جو معاملو اتي ئي ختم ٿــي چڪو. آڻ مڙيئي، جهڳڙو ٽٽو. وڌيڪ مٿي گسائڻ جي ضرورت نه آهي.

ڪامني - آءٌ ٻڻ چوان ٿي ته ڪا ضرورت نه آهي.

شام - منهنجي ٻاپ ۾ پڇندڙ دل تي نار جي ٻيهد

ضرورت آهي. موکي پنهنجي بدحال لي رئڻ جو
وجهه ڏيو. پراسچت جي پاڻيءَ سان جيسين نه پڇندو
تيسين تنل هردو پٽيءَ نه ٿرندو. مون بر بدگماني
بنهه نه رکو. آءُ زهري ڏندن نڪتل نانگ مثال
هاڻي بي جوکو آهيان. برائيءَ جو پردو پاپي اکين تان
کڄي ويو. هنئر کامني مون لاءِ سڀيءَ پيڻ برابر آهي.

رام- بهتر آهي ته هاڻي انهيءَ خسيس ڳالهه کان
مڙي وڃو.

کامني- نيت تي مراد حاصل آهي.

شام سنگهه- (رام سنگهه جي پيرن تي ڪري)
پرماتما جي واسطي مچ- پراسچت جا لفظ جي ٽڙيءَ
تائين اچي چڪا آهن تن کي روڪ نه. معافي گهرڻ
لاءِ جي ڳوڙها اکين جي ڳڙکين کان واجهائي رهيا
آهن ۽ هن ديويءَ جي چرنن تي ڪري پوڻ تيرڻ تا
چاهين تن کي موٽاءِ نه. رامسنگهه! موکي رئڻ،
سرگسائڻ ۽ دل کولي پراسچت ڪرڻ جو وجهه ڏي.
راڄڪمار تي تو اکيان پيدوءَ جيان پاند پکيڙي رهيو
آهيان، ڪروڻا جا ٻه ڪڻا وجهه ۽ سڪٽو نه موٽاءِ.

رام سنگهه- جي هرويرو نتا مڙو ته لاچار. مگر
پنهنجي پرن تي پڪا رهجو.

شام- اڇا توکي پروسو نٿو جمي؟

رام- ڇگو پروسو جمي ٿو. ڏسو آءُ ٻاهر در تي
اوهانجي واٽ نهاريندو رهندس.

(رام وچڙ چاهي تو پر ڪامني ڊوڙي روڪيس ٿي)

ڪامني- هيڻن جا همراهه! نيڪيءَ جا سائي! ڇا تون مونکي هن وقت اڪيلو ڇڏي ويندين؟

رام- هان، هان فقط تورن منڻن لاءِ.

ڪامني- تورن منڻن لاءِ؟

رام- هائو، تورن منڻن لاءِ.

ڪامني- ته ڇا تورن منڻن کي اوهين تڇ ڪري ٿا ڄاڻو؟ تورن منڻن ۾ انڌاري ۾ اُجالو ٿي وڃي ٿو. تورن منڻن ۾ سندر دل ڪاري ٿي سگهي ٿي. تورن منڻن ۾ منش مڃي راڪش ٿي سگهي ٿو. تورن منڻن ۾......

رام- اِن ڊگهيءَ تقرير جو سار؟

ڪامني- صاف انڪار.

رام سنگهه- يعني؟

ڪامني- يعني هي شريف بدمعاش جنهن اڄا هاڻي جو هاڻي سيڪا سختي مون تي واجب ٿي سمجهي سو جو تورن منڻن ۾ ٽپي هن پر تيو آهي تنهن تي ڀروسو نٿو جمي. سرديءَ ۾ نانگ سڪو ساڻو ٿيو پيو هوندو مگر تورن منڻن جي گرمي وري کيس جاڳائي ڪڙو ڪندي. سو ڪئن به ڪري مونکي وري آهيءَ ۾ نه اڙايو.

رام- نه نه پيڙ ائين نه چئو. ڪمار اڳيون ڪمار نه رهيو آهي. جنهن کو اڙ پت غلطي ڪري ما تا جي

مار کائي ۽ پوءِ تيسين رئندو رهي تو جيسين مهربان ماتا کيس گود ۾ کڻي پاڪر نہ پائي، تنهن ڪمار بہ جيسين توکان صاف صاف معافي نہ وٺندو تيسين آرام نہ پائيندو. سو تون گهٽتي نہ ڪر. (ٽڪڙو وڃڻ.)

شام- ڪجهہ ڪامني، هاڻي ڇا ٿي چوين؟ ڪير اٿيئي هاڻي حمايتي؟ ۽ ڪٿي اٿئي؟ تورن منهن ۾ هٿن ٿيو وڃي، هٿن ٿيو وڃي. هاڻي سڀلو تو ڏيکاريان ۽ تہ تورن منهن ۾ تنهنجي دليريءَ، جرئت ۽ ستيا جو ڪهڙو ڏيوالو نڪري.

ڪامني- او پرماتما! ڇا تون وري ڦري وئين؟

شام- هان هان! توکي ڦيرائڻ جي لاءِ ڦري ويس.

ڪامني- ڦري وئين! افسوس!

تو پنهنجي شرافت کي هوس جي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو! ۽ پنهنجي قسمن، قول ۽ انجام کي توڙي ڇڏيو!!

شام- بلڪل توڙي ڇڏيو.

ڪامني- پوءِ؟

شام- تيار رهہ.

ڪامني- معاف ڪر.

شام- ناممڪن.

ڪامني- مدد، مدد او دروپديءَ جي پتهہ رکڻ وارا مدد! او گجهہ کي گراهہ جي قندي مان ڇڏائڻ وارا مدد! جهڪڏهن ڌرم ۽ ستيا پوتر وستو آهن تہ هن پاپيءَ جي سپرش کان اڳي مونکي موت

ڏي. آه! نه موتوت کو ڪپ آهي نه ڪاتي، جنهن سان پاڻ کي ماري ڇڏيان ۽ مرڻ تائين بہ بہ وار ڪندي وڃان. ۽ تيسين هن دشت کي اوڏو اچڻ ڪين ڏيان جيسين هي سرير برف سمان سرد ٿي نہ وڃي.

شام- مونکي بہ ڏسڻو آهي تہ ڪهڙو پرماتما توکي بچائڻ لاءِ ڇري ڪڍي هت اچڻ جي همت ساري سگهي ٿو.

(شام سنگهہ اڳتي وڌي ٿو. مگر ڪامنيءَ کي ڇهي ٿي نٿو تہ ڪامنيءَ جي پيرن وٽ هڪ ڇري ڪري ٿي)

شام- (رڙ ڪري) ڪو آهي؟ (جواب نٿو اچي) اُف! شايد نوڪر چاڪر بہ ڪونہ آهن. پر خير تنهن جي ڪهڙي پرواهہ آهي. (ٽپ ڏيئي ڪامنيءَ کان ڇري کسي پٺ تي اُڇلائي ڇڏي ٿو. وري موٽ کائي ڪامنيءَ طرف وڌي ٿو تہ ٻي ڇري ڪامنيءَ وٽ ڪري ٿي جا هوءَ کڻي وٺي ٿي)

ڪامني- اکيون کول او ڪامي ڪتا، تون مونکي هٿ لائي نٿو سگهين.

شام- آءٌ ڄاڻان ٿو تہ مونکي هڻائڻ جي ڪنهن ۾ ٿوم نہ آهي. (ڇري ڏسي) هين! اها ٻي ڇري وري ڪٿان آئي؟ سمجهم سمجهم ۾ ڇاتي ۾ هي ٻئي ڇريون ڇپائي ڇڏيون هونديءَ.

(اڳتي وڌي ٿو، ڪامني زور سان ڇري هڻيس

ٿي ، مگر ڏڪ ڪسي وڃي ٿو. شام سنگهه اڇلايل
ڇري ڪٽندي ئي وري به پيٽ تي اڇلائي ڇڏي ٿو
۽ ٽين ڇري ڪامنيءَ جي پيرن ۾ ڪري ٿي.)

ڪامني! اڃا ڪهڙي ويچار ۾ آهين؟ هاڻي مون
سان محبت ڪرين ٿي يا نه؟ جان جو خير گهرين ته
اجائي هوڙ ڇڏي پوري راهه تي اچ.

ڪامني- پوري راهه تي؟ اڙي جهنمي ڪتا!
پوري راهه دنيا ۾ فقط اها آهي جا ڪندڙن مان
وڃي ٿي ۽ گلن ۾ پهچائي ٿي. پهريائين ڏک ڏئي
ٿي، پر نيٺ سک ڏانهن نئي ٿي. دروپديءَ کي
دريوڌن ننگو ڪرڻ چاهيو ٿي، پر سانڍهين جو پير
سندس لاءِ لڳي ويو. جي آءٌ پڻ ستي ستيا ٿي
آهيان ته پرماتما ڇرين جي برسات برسائي منهنجي
رکيا ڪندو، توڙ تاءِ ڪندو. (ڇري کڻي لڪائي
رکي ٿي)

شام- آءٌ توکي هڪ پل ۾ بي عزتو ڪري ڏسندس
ته ڪئن تنهنجو پرماتما تو تي ڇرين جو مينهن
وسائي ٿو.

ڪامني- او هڇارا ۽ دشت! مونکي ستاءِ نه.

شام- سڏي وٺ پنهنجي پرماتما کي وڏي واڪي
سڏي وٺ.

(شام جو اڳتي وڌڻ، ڪامنيءَ جو ڇري اڇلائڻ.

پين ڪيترين ڇوڪرين جو مٿان ڪرڻ، شام سنگهه جو ڪنبڻ)

أف! أف. هي ڪهڙو اسرار، ڪهڙو جادو؟ مگر نه نه آءٌ انهن جادن پر ڪڏهن ڀڄڻ وهيٺو ڪين آهيان. (ڪامنيءَ کي زبردستيءَ پڪڙڻ ۽ اندرا جو مٿان اچڻ)

اندرا- هاءِ هي ڇا؟ ترسو، ڇڏي ڏيو هن کي ڇڏي ڏيو.

شام- پويان پير ڪري ڪن ٻوساٽي نڪري وڃ.

اندرا- اها به ڪا ٺيٺي آهي.

شام- ته هيءَ به ٺيٺي نه آهي.

اندرا- چڱو آهي ته هن اپراڌ کان بچو.

شام- بهتر آهي ته تون هن ٽاڻي هتان ٽري وڃ.

اندرا- تنهنجي حالت ڏسي مونکي رئڻ ٿو اچي.

شام- شايد تو لاءِ ڪال لامارا ڏيئي رهيو آهي.

اندرا- او زهري ناگ! ڇا هيءَ اهائي زبان آهي جنهن اڄ تائين مون سان مٺو ٿي ٻوليو ۽ هڪ حرف به تکو ڪون ڪڍيو اٿس. مگر هاڻي معلوم ٿي چڪو ته اهو سڀ نمونو ۽ ڍونگ هو؛ باهريون بدبو هو؛ او سهڻا سپ! نه ڄاڻان تو پنهنجي عمر ۾ ڪيترين نردوش ڪنيائن جو خانو خراب.....

شام- ماٺ.

اندرا- ... ڪيو هوندو، جي اڄ تنهنجو نالو ٻڏي

تڏا ساهہ پري رهيون آهن.

شام- ماٺ.

اندرا- مون کي تو ماٺ ڪرائين؟ لال اکيون تو ڏيکارين؟ چو نہ تو بدي کان پاسو ڪرين. جنهن برت ۾ زهر آهي، تنهنکي پيئين ڇو ڪين تو؟

شام- آءٌ وري بہ چوانٿو تہ نالائق زبان روڪ.

اندرا- آءٌ وري بہ چوان ٿي تہ ڪجهہ خوف ڪر.

(شام سنگهہ ڇري اندرا جي سيني ۾ ڇپائي ڏئي ٿو. اندرا ڦٿڪڻ لڳي ٿي. رامسنگهہ اچانڪ اچي مٿان پوي ٿو. ڪامني ڪِرڪي نڪري وڃي ٿي. اندرا جو مرڻ ۽ ڀنهين جو افسوسناڪ عبرت ۾ پوڻ)

پردو ٽيون

(وقت منجهند)

جهنگ ۾ هڪ سڙڪ

(مهاراج اَجيت سنگهہ ۽ رام سنگهہ)

مهاراج- پنج سال گذري چڪا، پر اڃ تائين منهنجي پٽ جو پتو نہ پيو: ڇا هيءَ شرم ۽ افسوس جهڙي ڳالهہ نہ آهي؟

رام سنگهہ- مهاراج، جيڪي بہ انساني طاقت جي وس آهي تنهن سان اسان ڪوشش ڪئي، مگر ڪمار

مهاراج– تنهن مان انومان ٿو لڳي ته ويچارو
ڪنهن وحشي جانور جو لقمو ٿي ويو.

رام سنگهه– اوهين اينترو الڪو نه ڪريو؛ اڃا
اسانجي ڳولا جي پڄاڻي ڪانه ٿي آهي.

مهاراج– پڄاڻي ڪنهن به نتيجي واري نه ٿيڻي
آهي نڪي ٿيندي ئي. رام سنگهه! آندي جي جڙ
ڏاڍي بري بلا آهي؛ نيٺ به ته منهنجو پٽ هو.

رام سنگهه– مهاراج! پتا روپي موهه ڪان آءٌ بـ
غير واقف ڪو نه آهيان.

مهاراج– ته منهنجي صدقي تون منهنجي پٽ جو
گناهه بخشي ڇڏ. هن انهيءَ ديويءَ جي دل دکائي
آهي جا اڄ تنهنجي اڌ سرير استري ٿي چڪي آهي.
آءٌ پوڙهي پيءُ طرح پرير جو پاند پڪيڙي هن لاءِ توکان
معافي منگان ٿو. جي هو جٽرو آهي ته تنهنجي ڏنل
معافيءَ جو پاٺهي قدر ڪندو؛ پر جي پرلوڪ پڌاريو
آهي ته اُتي تنهنجي معافيءَ جي سند تي ڇوٽڪو
حاصل ڪري توکي آسيس ڪندو.

رام سنگهه– مون ۽ منهنجي زال ڪامنيءَ بنهين
سندس گناهه دل ۽ جان سان بخشي ڇڏيو آهي.

مهاراج– آءٌ تنهنجي ان مهربانيءَ کي هميشه ياد
ڪندو رهندس. شال هو جٽري مون سان ملي؛
نيٺ به ته سڳو پٽ آهي.

رام سنگهه– مهاراج ......

مهاراج - دولت جو خيال نہ ڪريو. وقت جي پرواھ نہ ڪريو. خزانو لٽائي ڇڏيو. جيڪڏهن ملڪي سڪراس جي سختيءَ وقت بہ اها خبر پئجي ويئي تہ ڪمار ليي ويو نہ آءٌ اوهانجا گڻ ڳائيندو آنند جو موت مرندس.

(مهاراجا جو وڃڻ)

رام سنگھہ - آھہ. پتا جو پيار کھڙو نہ پريم سان ڀريل آهي. هيءُ اُها پوتر اک آهي جا نہ غلطي تي ڏسي نہ قصور. کھڙو نہ ويچاريءَ ڪمينو ڪپٽ هوءِ پر پيءُ لاءِ ڪرشن گوپال ۽ نند لال کان گھٽ نہ. ڪير؟

(ڪمار شام سنگھہ جو ساڌوءَ جي ويس ۾ اچڻ)

شام سنگھہ - چاچا، توهين ڪي ڪٿي ڏٺو آهي؟

رام سنگھہ - ڪنهن کي؟ تون ڪير آهين؟

شام - آءٌ راجائي بار آهيان. راج جو والي آهيان.

(کلي ٿو)

رام سنگھہ - هون!

شام - تون نہ ٿو مڃين. هتي ڪيترن تي دوکو ڪائي وئين. خير معمولي ڳالھہ آهي. دنيا ۾ هرهڪ شخص دوکو ڪائي رهيو آهي. مون بہ هڪ پيرو ڪاڏو هو. هي ويس جو دوکو آهي، مان راجڪمار شام سنگھہ آهيان.

(رام سنگھہ غور سان ڏسي سڃاڻي ڇنبڙي پويس ٿو)

سڃاڻي ورسي. مان راجڪمار آهيان. پري ٿيءُ. منهنجو لباس خراب ٿي پوندو.

رام سنگهه- معلوم ٿو ٿئي ته چريو ٿي ويو آهين.

شام سنگهه- هان آءٌ سوپيا کي ڏسي چريو ٿي ويو هوس. هاڻي سنڀالي ويو آهيان. منهنجون اکيون هاڻي کليون آهن. آءٌ سڀ ڪجهه سمجهي ويو آهيان. تون ڪير آهين؟

رام سنگهه- ڇا وسري ويو اٿئي؟

شام سنگهه- هان، مون کان سڀڪي وسري ويو آهي. (ڪجهه يـاد ڪري) ڪير، رام سنگهه! تون ڪٿي؟

رام- ڪمار، هاڻي نيڪ هوش آيو اٿئي.

شام- هان هاڻي سمجهه ۽ هوش ۾ آهيان.

رام- اينرو عرصو ڪٿي گم هوا؟

شام- رام سنگهه! مون کان ڪو سوال نه پڇ. مان اهو اڳيون شام سنگهه نه آهيان. ۽ نه وري ڪنهن سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ٿي آهيان.

رام- ڇو؟

شام- ڇو ته هاڻي گذريل جي رهي يادگيري به منهنجي دماغ کي وڃڻ جيان ڏنگي ٿي، ۽ ڪريل لاش کي مڙدي مان جاڳائي جيرو ڪري ڏيکاري ٿي.

رام- ته ڇا گهر نه هلندين؟ پيءُ ماءُ جدائي کان جلي رهيا آهن، تن تي نار لـ وجهندين؟ سڀاڻا

ڪنور! اهڙو ڪنور ڪو لڳي.

شام- نه پائي، وري دنيا جي گورک ڌلڏي پر نه گهرندس. جنهن زهر جو اثر اچا طبيعت مان ڪين ويو آهي، تنهنکي پيهر ڪين کائيندس.

• رام سنگهه- تون ملين ۽ آءٌ تنهنجي مائٽن کي نه ٻڌايان سو ته نسورو پاپ ٿيندو.

(شام سنگهه جو خوف کان ڪنبڻ)

ڪمار! ڇ چين چو تو؟

شام- (رڙيون ڪري) معاف ڪر. معاف ڪر. اندرا معاف ڪر. ڇا اچا بدلو پورو نه ٿيو؟ اچا تنهنجي غضبناڪ غصي جي باهه وسامي نه؟

رام سنگهه- شام سنگهه! ڪير آهه؟

شام- هاءِ، هاءِ! تون منهنجو ساهه ڪيڻ آئي آهين. ايشور ارت مونکي همت نه لاءِ. ٺهڪندڙ تيل ات تي نه هارينم. هاڻي ته مان پاپ ڪو نه پيو ڪريان. پڳوان جي واسطي هاڻي ته پنهنجي خوفناڪ ڇري نه ڏيکار.

رام سنگهه- ڇا ڪاڻ تو ڏکين ۽ ڦڙڪين، هتي نه رڳو آءٌ آهيان.

شام- ڪير رام سنگهه! تون هتي ڪئن آئين. توکي هتي ڪنهن گهرايو؟

رام سنگهه- مان ته تنهنجي اڳيان ئي بيٺو آهيان؛ هي ڇا ٿي رهيو آهي؟

شام- ڇگو هاڻي توکان لڪائيندس ڪي ڪين. جو ٿي رهيو آهي سو سڀ ٻڌائيندس. هو ڏانهن نهار. اندرا خوني ڪپڙ ڪٺي آئي آهي. هوءَ منهنجو خون پيڻ جي پياسڻ آهي. وڃ، وڃ اندرا وڃ. هاڻي نه ستاءِ. آه! آه!! اڇي وئي. رام سنگهه تون پڇي وڃ، نڪري وڃ؛ هاڻي هوءَ مونکي ڦٽڪن سان ستي ساڙو ڪندي. پنهنجي ڇاتي ائين ٺاريندي. هي وئل پنجن سالن کان وهندو اچي، ڏينهن ڏينهن جو پتو نه پئجي نه پيو.

مهاراج- نه پيو؟

رام- نه پيو!

ان ريت تڙڦندي، ڦٽڪندي، ڏڪندي، ڪنبندي، رئندي، رڙندي گذري ٿو. افسوس!

رام سنگهه- آه! پاپن جي يادگيريءَ پاگل ڪري رکيو!

شام- نه مڙنديون، جند نه ڇڏينديون. اڙي پيارا ڏاڍڻ مون توکي رڳو هڪ دفعو ماريو هو؛ مگر تون ته مونکي روز روز پيئي مارين. نه زندگي ختم ٿي ٿئي، نه مصيبت جي پڇاڙي ٿي اچي. ڏسو، ڏسو ڇرين جي برسات وسڻ لڳي- پڇو، پڇو.

رام سنگهه- ڇرين جي برسات؟

شام- هان هان، ڇرين جي برسات.

رام- هيءَ ڇريا جي مسمت آيا! ڪڏهن ڇرين جي
برسات به وسي آهي.

شام- هان هان، وسي آهي. جڏهن اچان آءٌ
ڇريو نه هوس ان وقت پڻ هڪ دفعو وسي هئي.

رام- ڪڏهن؟

شام- جڏهن مون ڪامڻيءَ جو ست تورڻ گهريو
ٿي. اُف؛ هوءَ وري اچي وئي. هٿ ۾ گرم گرم لوهي
گرز اٿس. اڙي مون توکي ڪڏهين ماريو هو. مون
نه توکي ڪي به ڪين چيو. وڄ، وڄ مونکي ڏيکارين
ڇو پئي، آءٌ ديوانو ٿي ويندس.

رام- شام سنگهه تون ان مهل جي ڳالهه پيو ڪرين
جڏهن ڪامڻي اڪيلي تنهنجي ڪمري ۾ هئي، ۽
ڇرين جي برسات وسي رهي هئي. مگر مان اهو
ڳجهه هاڻي کوليان ٿو. اُها ڇرين جي برسات مون
وسائي هئي. مٿي گئلري تي ويهي آءٌ ئي ڇريون
اُڇلائي رهيو هوس. توکي باز آڻڻ لاءِ هي جنڊ
پکيڙي رهيو هوس.

شامسنگهه- ڪوڙا.

رام- نه ڪمار، آءٌ ڪوڙ ڪين ٿو ٻوليان.

شام- ڪوڙا.

رام- نه ڇا ڪڏهن سچ پچ ڇرين جي برسات
به وسي آهي؟

شام- هان وسي آهي ۽ هميشه وسي رهي آهي، ته مون جهڙن گنهگارن جي دل ۾ چالي ڇهي ڇهون ڇهون تي وڃي.

رام سنگهه- عبرت. سراسر عبرت. گناهه جي گپت پردي تي چرندڙ هيبتناڪ نظارو ڏسو. دل جون اکيون کوليو. (ڳائي ٿو)

طوز- ڪهه رها هي آسمان سارا جهان ڪچهه بهي نهين

چا ڀيانڪ پيڙ سان آهي ڀڄاڙي پاپ جي؛
يادگيري تي قري سڪرات جي سنتاپ جي.

١ نقش هيبت تي اچي ٻطجي اڳيان صورت گناهه،
چا ٻري ڏٺت آهه دم دم موت سان ميلاپ جي.

٢ تو تنگي هاچو هنڱين سان دل، جگر ٽڪرا ٿئي،
تي رڳن اندر وڃي وائي رڳو ورلاپ جي.

٣ هر جزا ل ۽ تي سزا هن ڪرم جي سنسار ۾،
تي وڃي مرلي اِها اسرار جي آلاپ جي.

٤ هي عذابن جو ڪنارو.........

شام سنگهه- بس بس، ڏيکار ڏيکار، ڪٿي آهي عذابن جو ڪنارو. آءٌ اوڏانهن هليو وڃان ٿو- هن آگ وسائيندڙ آسمان کان، هن گندرف وسائيندڙ زمين کان اُتي وڃي پناهه وٺندس. هن ڏهڪائيندڙ ڀيانڪ پولٽيءَ کان اُتي ڇوٽڪارو ملندو. اُف وري آئي! آئي!! زنجيرون کڻي آئي. هاٿي ٻکڙي

سو گهو ڪندي، ۽ چريون هٽي هٽي ڪري تو چاڙهڻ ڪندي. نہ ڪر، نہ ڪر، تون اهڙي سخت ڪاسائڪي ڪار نہ ڪر! ائين نہ ٿئي جو توکي بہ متان مون جهڙي سزا ڀوڳڻي پوي. وچ وچ، منهنجي اوڏو نہ آءِ. خوف سان منهنجو خون خشڪ ٿي رهيو آهي.

رام سنگهہ- ڪير آهي؟

شام سنگهہ- اڙي هي ۽ پاپ جو پراشچت ڪندو آهي. ڇا توکي سندس دونهون ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ ڇا توکي سندس ٽڪو ٽؤ معلوم نٿو ٿئي؟

(ڏڪندي، ڪنبندي ڪرڻ)

ڊراپ

(نوٽ:- هن کيل جي رتا اڙدو ناٽڪ تان ورتل آهي.)

جگري قرباني

ڪوي ڪشن چند (بيوس)

[ميواڙ جي خاندان ۾ راڻا وڪرماجيت جي ڳهيلائيءَ ڪري گهرو لڙائي لڳي.

رنبير سنگهہ، راڻا کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ سندس پٽ اُديءِ سنگهہ جي ڳولا ۾ نڪتو. اُديسنگهہ تن ڏينهن ۾ ننڍڙو ٻار هو ۽ پنا دائي کيس پاليندي هئي.

پنا دائيءَ جو مڙس همت سنگهہ اُديسنگهہ جي پيءُ جي طرف جنگ ۾ شامل هو.

اچانڪ هو موٽي آيو. ان وقت پنا غم ۽ ڪروڌ ۾ پورجي ويئي.]

پردو ڦري ٿو – (محل)

پنا - ڪير؟ منهنجو پتي ۽ هيءَ درگتي! هاءِ ايمان! پتا ۽ پاڻ؟ هيءُ وڙ ڪنهن جا؟ پري ٿي پيهہ......

همت – پنا، پنا!

پنا – دور ٿيءُ، دور ٿيءُ.

همت – پياري، تون مونکي ڪروڌ سان نهاري رهي آهين...

پنا – هائو. نہ رڳو ڪروڌ سان، مگر ڌڪار سان بہ نهاري رهي آهيان.

همت - پر نتو ڪار ڻ؟

پنا - بس. اکين کان ٽار ڻ. گيدي! تون ناري آهين. پرش جي ديهي ڌاري رڳو سنسار کي ڏوکو ڏيڻ تو چاهين. ڪيئن جنگ ۾ راجپوتن کي ٽڪولا ٿئا؟ ڪتي آئين؟

همت - مان ڇا ڪريان - اڄ شترن جي شسترن مٿان آڪاس مان سوڀ جي گلن جي ورکا ٿي رهي آهي. اسانجو پرالبڌ سورمن کي مکيءَ کانيءَ وانگر ساڙي ڀسم ڪري رهيو آهي.

پنا - تڏهين تون ڪيئن توسڃي لڳين گهمين، جنهن کي سيني کان اڳ مرڻ کپندو هو؟ ڇا، اوپاجو ڪٿ! جڏهن جنگ ۾ وا ڇوڙي زور رکيو آهي، تڏهن ڌرکان ڏکي، پٺتا کان ڀڄي آيو آهين هتي منهنجي گود ۾ لڪڻ؟

همت - نه پياري نه. هڪ ٿي چڪي، باقي هڪ ...

پنا - ڇا ٿي چڪي؟

همت - پريکشيا - تنهنجي سچائي جي پريکشيا ٿي چڪي، باقي وفائيءَ جي ٿيڻي آهي.

پنا - سوامي! جلد فرمايو.

همت - تڏهن جگر کي چيرڻ لاءِ تيار ٿيءُ.

پنا - آءٌ سر ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

همت - مگر تنهنجو سر نه کپي.

پنا - تڏهن ڪنهنجو؟

همت - پياري شنڪرجو. اُديءِ سنگهه کي ڌرم سنگهه

نوڪر سان ڪنهن نه ڪنهن پاسي لڪائي ڀڄائي ڇڏ. ان جي بدران هڇاري رنبير سنگهه جي تلوار تي پنهنجي پيٽ جي پياري پٽ شنڪر کي بليدان ڪر. ٻيئي هڪ جيڏا ۽ هڪ مهاندي آهن.

پنا - هان! اکين جي تاري شنڪر کي! اوهين شنڪر جا پتا ٿي ڪري ڪئن پنهنجي سڪيلڌيءَ پٽ لاءِ مانداڻ منڊي آيا آهيو؟

همت - پنهنجي هڪڙي سڪيلڌي پٽ لاءِ! هيءُ جو هيترا سارا سورهيه مڙس اُديءِ سنگهه لاءِ جنگ ۾ قتل ٿي ويا، سي پنهنجا نه هوا؟ ڇا ڌارين وفاداري ۾ جان ڏني، پنهنجا نه ڏين؟

پنا - پنهنجا اول ڏين. سهسين سسيون ڪين هجن نه به اُديءِ جي وار وار تان واري ڇڏجن. پر پتي! منهنجي ڪومل ڦلڙي جي ڪوماڻجي وڃڻ جي هيءَ ويل نه آهي. ٽڙڻ کان اڳ مکڙي سڙڻ نه گهرجي. اجا منهنجي ڇاتيءَ جو کير منجهي هن جي رڳن ۾ رت ٿي ڪين تيو آهي. اجا سندس هڪ هٿ ۾ اٽي ڏڪر، ٻئي ۾ ڇوڙي آهي. اهو ڏينهن به ڏسڻ گهرجي، جڏهن سندس هڪ هٿ ۾ تکي تلوار ۽ ٻئي ۾ ڍال هجي، پوءِ پل پل ۾ سورهيه ٿي سر ڏي. تڏهن مونکي ڪو ڏک ڪونه ٿيندو.

همت - پر تڏهن هو اُديءِ سنگهه جي جان الائي بچائي سگهي يا نه. هاڻ ته پڪ بچائي سگهيٿو، تنهن ڪري

نند پرڻ ۾ ئي ڪيس سور منا جو اوجل وستر پهرائي پرلوڪ روانو ڪر.

پنا - بچايو، بچايو. اُديءِ سان گڏ منهنجي شنڪر کي به بچايو.

همت - ائين تي ڪٿي تو سگهي؟ جيسين دشمت رنبير کي پڪ نه پوندي ته اُديءِ مري ويو، تيسين هو سانت نه ڪندو. بس جلد ڪر ۽ مڄ.

پنا - مان ته گهٽوئي مڃان، مگر ما متا نٿي مڃي. گهڙي ماءِ ڏائڻ تي ڪري پنهنجي پٽ سان هيڏو هاڃو ۽ ڪلور ڪندي. بس، جي بيو اُپاءِ ڪون آهي ته پران ناٿ، پهرين مونکي پرلوڪ اماڻيو، پوءِ شنڪر جاٽي اوهين جاٽو.

همت - توکان سواءِ ڪير آهي جو اُديءِ سنگهه جي سار سنڀال لهندو. ڏس، پٽ جو موهه ڊوهه ڪري توکان ستيا لٽڻ تو چاهي. ستيا واري! ستيا ڌار.

پنا - چڱو سوامي، اوهين وڃي وڏيءِ دل سان يڌ ۾ لڙو. جي يگوان اسان سان چنيون نه ڳنڍيون، ته مان پنهنجي پيٽ جا ڳنڍيل آنڊا رنبير جي تلوار اڳيان چنڻ لاءِ پيتا رکنديس. اُديءِ کي پچائينديس، لڪائينديس، بچائينديس.

همت - شاباس، ديوي! شاباس.

(همت وڃي ٿو)

(پردو پيو)

اُديءَ- ماتا! تون مونکي اڄ ڪهڙي ديس تي موڪلين؟

پنا- ٻچا، نرپيءَ ديس.

اُديءَ- ڪٿي، ڪٿي؟

پنا- اُتي جتي توکي ويرين کان ڇوٽڪو ملي.

اُديءَ- نه نه، امان مان ڪڏهن نه ويندس. ڇا تنهنجي پيار جو پاڇو مون تان لهي ويو؟

پنا- هاءِ مان ڪيئن هنکي سمجهايان. ڇا، ڇا تي ڇيهون ڪري دل چيري ڏيکاريان. اُديءَ، پيچ لعل! پيچ. هن ڪوس خانه مان پيچي وڃ. موت بکايل بگهڙ وانگر تنهنجي بوءِ سگهندو ۽ وات ٻڪائيندو جاڻ آيو ڪي آيو.

اُديءَ- امان، امان!

پنا- ٻچا اُديءَ، پرتين پرميشر کي!

اُديءَ کي ڏرم سنگهه زوريءَ ڪٽي وڃي ٿو.

پنا- (بي حال ٿي ڪري ٿي)

شنڪر (اچي ٿو) امان، امان! اڙي امان، هيءُ ڇاتي ڪرين.

پنا- (سرجيت ٿي) ڪير؟ منهنجو منڙو پٽ! منهنجو شنڪر لعل؟ مگر نه نه! پري ٿيءُ- تون منهنجو پٽ نه آهين.

شنڪر- اي امي، ڇا پيئي چوين؟ مان تنهنجو پٽ آهيان نه.

پنا - هائوهائو، تون منهنجو پٽ آهين. سڪيلڌو پٽ آهين. اڄ اڄ تون منهنجي هنج ۾ اچ. (ڇرڪ پري) مگر نہ نہ. تون دشمن بڻجي منهنجي ستيا لٽڻ آيو آهين. وڃ وڃ. توکي ڪنهن گهرايو آهي؟ نڪو مونکي پٽ آهي نہ وري ڪڏهن مان ماءُ ٿي ٿي هيس.

شنڪر - امان، وڃاين ٿي ڇا؟

پنا - افسوس! اي لوڪو ٻڌايو تہ ڪهڙي ويد شاستر ۾ لکيل آهي تہ ڪهڙي ڄاڻ هيٺ مان پنهنجي پٽ جو سر گهوري گهمائجي؟

(بيهوش ڪندڙ دوا جي شيشي ڪڍي) شنڪر هيڏانهن اچ.

شنڪر - هيءَ ڇاهي؟

پنا - بيهوشيءَ جي دوا.

شنڪر - ڇو؟

پنا - ڇو تہ توکي مرڻ وقت اهنج نہ ٿئي.

شنڪر - نہ نہ امان ائين نہ ڇؤ.

پنا - (زور سان دسي) توکي سنگهڻي پوندي. توکي مرڻو پوندو.

شنڪر - امان، امان! (اُتي بيهوش ٿي وڃي ٿو)

پنا - مورچا ٿي ويو! سن ۾ اچي ويو. ڇپن تي سناٽي جي مهر لڳي ويئي. ڇتن لات لنوڻ ڇڏي ڏني. وڃ وڃي سورڳہ ۾ انهن سورمن سان مل، جن پنهنجو

جيءَ ڏنو آهي. سورڳ ۾ توکي تنهنجا وڏا ملندا. انهن کي وڃي دانهن ڏي ته منهنجي ماتا ڏايڍي باري سنتاپ ۽ ڦوڙائي ۾ ڦاسي ويئي آهي. اي منهنجا لاڪيڻا پٽ، تون مونکي ڏکار سان نه نهار. مون ڏايڍي لاچار ۾ توسان هيءَ رنڊ ڪيو آهي.

(چرڪ ڀري) هاءِ مون هيءُ ڪهڙو انڌير ڪيو! شنڪر شنڪر منهنجا پيارا شنڪر! ڇا اهڙو ترت پنهنجي منڙي ماتا کان رسي وئين! هميشه لاءِ سمهي پئين. ڳالهاءِ ڳالهاءِ. رڳو هڪ ڀيرو ڳالهاءِ. ڇا توکي گهري ننڊ ڪٽي ويئي!

[ٻاهر ٺڪ ٺڪ ٿيڻ

رڻبير ۽ ٻين سپاهين جو ننگين تلوارن سان دروازو ڀوڙي ڏوڪي اچڻ]

پنا - هي پرميشور! هيءُ ڀيانڪ آواز ڇا جو آيو؟ افسوس ويري بجليءَ وانگر اچي ڪنڌ تي ڪڙڪيو. ڪير؟

رڻبير - يوراج رڻبيرسنگهه، بهادر سورمو ۽ راج پدويءَ جي چمڪندڙ آسمان جو ستارو.

پنا - نه نه هڇارو منهن ڪارو، نرڪ جي ٻرڪندڙ باهه جو اُلو، نيڪيءَ ۽ سچائي جو دشمن!

رڻبير - هان، مگر جي اُدئيءَ کي نه ڇڏيندين ته سڀ کان پهرين تنهنجو دشمن بڻجي پوندس.

پنا - او بڪايل بگهڙ! تون هيترا بڪ وٺي اڃان نه ڍائو آهين؟

رڻبير- اُديءَ جي ٻَکَ ولڻ سان ئي اها ٻڪ لهندي. جلد ٻڌاءِ پنا، نہ تہ اُديءَ کان اڳ توکي قتل ڪندس.

پنا- مان قتل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان.

ڦوڙسر ڪر ٽڪرا ٽڪرا منهنجي دل غمناڪ کي
تن بدن سارو جلائي، ڇڏ اُڏائي خاڪ کي
هٿ ڪرايون آڱريون ڪپ، ٽنگون ٻانهون ٽوڙ تون
ڇوڙ تون پر ڇوڙ تون، منهنجي ٻچي کي ڇوڙ تون!

رڻبير- هان هان مان ڪيس ڇڏيندس. پر جيئرو نہ، مئل.

پنا- مگر هو تنهنجو ڀائٽيو آهي.

رڻبير- نانگ جو تہ ٻچو آهي. هاڻي ڪيس ڇڏي ڏيان تہ وڏو ٿي مونکي ڏنگي ماري؟

پنا- او ڪاسائي ڪو رحم ڪر.

رڻبير- هن وقت نہ.

پنا- اڙي هڇارا مان پنهنجو پاند پکيڙي اُديءَ جا پران توکان ڀکيا ۾ گهران ٿي.

رڻبير- مان ڀکيا ۾ نوڪرون تو ڏيان.

(پنا کي ڏکو ڏيئي تلاش ڪري ٿو. سامهون کٽ تي اُديءَ (مڇ پڇ شنڪر) سمهيل نظر اچي ٿو. تلوار جي هڪ ڏک سان سر ڌڙ کان ڌار ڪري موٽي ٿو وڃي- سپاهي پنيان ٿا وڃن)

پنا - او پاپي! مها اپراڌي هچارا! تو هيءُ ڪهڙو رنگ ڪيو! (روئي) .... او جڳ جا سوامي! تون پنهنجي سرشٽ ڇڏي ڪيڏانهن لڏي وئين؟

اگهور ننڊ ۾ تون پڳوان وئين اچي- ڏس ڪيڏو قهر منهنجي گهر ۾ ويو آهي مچي!

روئندي قتل تيل شنڪر کي ڪٽي وڃي ٿي.

پردو ٽيون - جهنگل

پنا - افسوس!

سنسار جا سڀ سور ڇو آندن تي رکيا مون،

آندا وري جلد لاءِ ڇو ٽانڊن تي رکيا مون!

داسي - پرميشور! ويچاريءَ جي سورن جي پڄاڻي ڪر.

پنا - اي موپيا وان چندرما تون ئي ترس ڪري پنهنجو هڪڙو ٽڪر ڪٽي ڏي. مان شنڪر سمجهي کيس پيار ڪنديس.

چندرما پرڪاش ڪيڙو تيڙو گهر گهر سوجهرو،

چوطرف چالداڻ آهي آهه جهنگ جهر سوجهرو؛

آءٌ لهي آءٌ سيني ۾ جوڙي مان توکي جاءِ ڏيان،

منهنجي پي ويران دل ۾ ڪا گهڙي ڪر سوجهرو.

داسي - هاءِ! هاءِ!!

اوهو! چانڊوڪي رتن ڪرڻن ۾ اڇي روپي گهوڙي تي سونهري ويس سان منهنجو ٽيڄونسي پٽي راجا اندر سان گڏ ويٺو آهي. شنڪر سنڌس ڇاتيءَ تي ليٽيو پيو آهي. آ ها! ڪهڙو نه سندر ڏيک، چڙهيل چمپا جي سونهري گلدستي مٿان سڌ پڻ ماني پاڻيءَ تي ڪنول جا گل. ڇا اوهين آڪاس تي آهيو تنهنڪري مون ڌرتيءَ تي پيل جي دانهن ٻڌي نٿا سگهو ڇو مان وڃي تي، زور ديوتا کان گجگوڙ وٺي اچان ته پل مون سان واڪن ڪرڻ ۾ شريڪ ٿئي.

جنهن گهڙيءَ لوهوءَ سان رڱجي لال ٿيو هو لاڏلو،
گگن ۾ گهمسان ٿيا آڪاس ۾ ٿيو ترٿلو؛
پون منڊل پيٿا مهوءَ هو زمين تي زلزلو،
ٻون پاسي کان ڪنبي تي واءُ ۾ هو وِلوِلو.

داسي - ماتا! هيءَ ڇا پيئي ڪرين!

پنا - ڏسو ڏسو رڳ ٻير منهنجي پٽ کي ماري تو اڙي خوني! تون ڇو پيو ڪاتي تکي ڪرين. هاڻي ته منهنجي هنج ۾ ڪوئي ٻچو ڪونه وڃي ٻچو آهي.

لٽائي مون ڇڏيو سڀ ڪي رهي مون وٽ نه شيءِ ڪائي،
ڪمائي عمر ساريءَ جي ڇنبي ۾ ڪال جي آئي!

داسي - هاءِ ويچاري ديواني ٿي پيئي.

نورتي - اڙي ڪنهن سنتان واري کان پڇو سو ڪو ڇوندو مستاني ٿي پيئي.

داسي ـ سنتان ته مائي مونکي به آهي.

پنا ـ هائو سچ آهي مگر،

تون آهين سر سبز ٻوٽو پنا هڪ سڪل ٽالي آ

تنهنجي گود ڀريل آهي منهنجي گود خالي آ.

داسي ـ مائي سورن جي سلي کي ڳوڙهن جو ريج ڏيئي سائوءَ تازو رکڻ کا سياڻپ جي ڳالهه آهي.

پنا ـ مون کي رئڻ ڏيو رئڻ ڏيو. دل چيري جگر ڦاڙي رئڻ ڏيو. مان پنهنجي اکين مان رت جو درياءَ وهائيندي‌س اُن ۾ ٽڙڳندي‌س، ترندي‌س، آخر ٻڏي مرندي‌س.

(اُديءَ جو ڏرمسنگهه سان اچڻ)

اُديءَ ـ پياري اَمي (ڀاکر لاءِ وڃڻ)

پنا ـ ڇوڪر، تون ڪير آهين ؟

ڏرماڏن ـ (وفادار نوڪر) ڇو اوهان ڪکي کي وساري ڇڏيو؟

پنا ـ وساري ڇڏيو! مون ڪٿي وساريو؟ ڪڏهن ماءُ به پنهنجي پٽ کي وساريو آهي؛ ٻوءِ اوهين ڪئن ٿا چئو. منهنجي پٽ سو مونکي وساري ڇڏيو آهي.

روهه ۾ مونکي رُلائي پاڻ ٿا نٽينڪا ٿيا

مڻ مصيبت جا اچي ڪڙ ڪڙ ڪندا سرتي پيا!

داسي ـ مائي هيءُ ڪير آهي ؟

پنا ـ ڇوڪر، تون ڪير آهين؟

اُديءَ ـ امي مان تنهنجو اُديءَ آهيان.

پنا ـ کير اديءَ! راجا جي آخرين نشاني منهنجو پيارو- منهنجي پيارن جو پيارو.

داسي ـ مائي جيڪڏهن تنهنجي اها حالت هلي آئي ته هن بالڪ جي پرگهور ڪير ڪندو.

پنا ـ آهه منهنجا ٻچا، مان تو لاءِ ڪجھ نه ڪري سگهنديس.

داسي ـ جيڪڏهن توکي ڏکه ڪان واند ڪائي ملي ته سڀ ڪجهه ڪري سگهين ٿي.

نورتي ـ هان هاڻي مان سڀ ڪجهه ڪنديس - جتي سندس ٻچاءَ ۾ ٻه سر ڏيئي چڪي آهيان اُتي جيڪڏهن ضرور ٿيو ته هي ٽيون سر ٻه گهوري گهمائينديس.

[اُديءَ کي وٺي پنا جو وڃڻ]

پردو ڪرڻ

ٻوڙهي جو پڙدو

ڪوي ڪشن چند (بيوس)

ڪيل ڌاري

[ڪنورسنگھ - ٻوڙهو؛ گرداس - ڀائو.
نهال - ڀاڙيسري نينگر؛ ڪرپال ۽ ايسر -
ٻوڙهي جا پٽ؛ اٺو - ٻوڙهي جو ٻوٽو.
ڏاسو - نوڪر؛ صابل مل - ڪنوار ٻيءَ.]

پردو پهريون

ڪنورسنگھ - ڀائي! تون خواه مخواه دل لاهي ڪٿي هٿ ۾ ڪئي آهي؛ اڃا ٻه ڪا ويئي ڪانهي. ڪو واهڻي تاڻ واهڻي؛ هزار ٻن ۾ اڪيون پوري ڪم ڪندو. انهن ۾ ڌيئر وڪڻڻ جو رواج گهڻو پوندو ٿو وڃي. اڃا ڪالهه مون ماتريومي اخبار ۾ پڙهيو آهي ته گنبت پاسي هڪ واپاريءَ چار هزار رپيا ۽ هڪ گاڏي چانورن جي ڏيئي ڇوٽينءَ شاديءَ لاءِ مڱڻو آهي. مونکي ته خيرن سان هيءَ ٻي آهي.

ڀائي گرداس - پرميت ڪنورسنگھ! اوهانجي بلڪل پيري اچي ٿي آهي.

ڪنور - ته پوءِ ڇا؟ جوانن لاءِ زالون عشرت آهن، ڪرڙوڙين لاءِ مدد، پوڙهن لاءِ پورهيت؛ تنهنڪري ماڻهوءَ کي ڪنهن وقت به پرڻجڻ لاءِ سبب آهي. ڇا، مونکي پيريءَ ۾ پورهيت ڪا نه کپي؟

گرداس - اوهين آسودا آهيو، پنج نفر ياڻيون رکي سگهو ٿا.

ڪنور - تون بيوقوف ٿو آهين. دگر ۽ جگر ۾ به ڪو فرق آهي يا نه؟ ڇا ٻيا پنهنجو ڪري سگهندس؟ تنهنڪا نسواءِ گلا جو گهانگهو ٿار ٻچيءَ ۾ وجهڻو آهي. لوڪ ٻوڪ آهي. ڪو ڪيئن چوندو ڪو ڪيئن.

گرداس - اوهانکي پٽ پوٽا سائينءَ سڀ ڪجهه ڏنو آهي.

ڪنور - ڪڏهن ۾ هڻ اِنهيءَ سڀ ڪجهه کي. هو مال جا طالبو، جوين سودو رات ڏينهن پيا منهنجو موت تڪين. منهنجي مايا مان مؤجون اُڏائين. نهر سڻيو سٽابو مڙسن کي ڪارائي، جهڙو تهڙو تيون ٻي دليو مونکي ڏين. زال ڪا نسواءِ مونکي هيتريءَ دولت مان ڪهڙو مزو؟ شرم ماريو وڏو سڏو گهر ۾ چار گهڙيون ويهي چين وٺي نٿو سگهان. ياٿي گرداس! مون سان ڪا گهٽ تعدي نه آهي. ٻن جا چار ٻاسي به منهنجو ڪم ڪيئن نه ڪيئن ضرور اُڪلاءِ.

گرداس - سائين! توهين مونکي ٿپو ٿا؛ پر سچ پڇو

ته ٽاڙو هڪ واهڻيءَ کي چار هزار رپيا به ڇپا اٿم.

ڪنور- ٻوءِ ڇا ڇپاءِ؟

گرداس- سائين! ڀورياءِ ته ايترا پئسا ٻڌي وات ٻاڻي ٻاڻي ٿيڻ لڳس؛ پر ٻوءِ وري ڦيري ڪائي ڇوڻ لڳو ته: ڪير ڪراڙي ڪاسائيءَ اڳيان ڪڇڙو حلواڻ ڪسڻ لاءِ ڪڍي ڏيندو؟

ڪنور- بيوقوف هو. تو ڇونه ڇيس ته هيڪاري جوان بيوفا ۽ مڇلا ٿيندا آهن- نئين ڪنوار کي نوائي جي نون ڏينهن کان ٻوءِ ليکي به ڪونه، وتندا در در دوستي لائيندا. ٻڍا ڇيڙهالا ٿيندا آهن- مرندي مري ويندا، پر جوءِ جي جند نه ڇڏيندا. ڇلهه ۾ اُماڙي ته به ٻڍي کي جوءِ پياري. جي سڪي سڪي وتندا، سي قدر به اوڏو ڪندا- ڪيئن تو ياڻئين؟

گرداس- بيشڪ سائين! پر ڪهڙي ڪنوار خوشيءَ سان هنن اڇن خشڪ چانورن (اڇي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي) جا ڦڪ پرڻ قبول ڪندي؟

ڪنور- ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڳڙ وجهي ڳاڙهي ٽانهري ڪرڻ ڪونه ڏيندو- ڇا تو سمجهين؟

گرداس- سمجهان ٿو سمجهان- ميندي لائي ڳاڙهي ڪندا نه؟ تنهن کان اصلي هن ڪپهه جي ٻوڪ ۾ ڏاٽو ڇونه وجهايو؟

ڪنور- ڪريان ته جيڪس هن (ڏاڙهيءَ تي هٿ) ڇڇوريءَ سان اهائي ڪار- پر ڇا ڪريان، سنگهه ٿي

پيو آهيان.

گرداس - يا سنگهه ٿيو يا گهوٽ ٿيو. باقي هن هيبتناڪ جهڳ (ڏاڙهي) سان ته ڪنهن به ڏيئي ڏيءَ کي قبول ڪين ڪين پوندا.

ڪنور - خضاب ملڪ مان ڪٿا آهن؟

گرداس - اهو ڪوبرا پالش مٿي کي لايو، باقي هيءَ (ڏاڙهيءَ تي هٿ) هيڏي بدزيبائي ڪا منهن ۾ نهي؟

ڪنور - ڇنبين پائي! ڇنبين. تون پلي وڃي مونکي جوان جماڻ ڪري هلاءِ. مان چگوئي نت ڪندس، ڏاڙهيءَ کي صفا چٽ ڪندس، وار ڪارا نپت ڪندس.

گرداس - مڇون ۽ ڀرون؟

ڪنور - ڳوليون نه لينديون ڪٽ ڪندس، گهٽ ڪندس. بيو ڇا؟

گرداس - سڀو آنهه، رڳو رڳو به سڀي ٺٺي؛ پر هڪ رڳو ۾ اڇا رولو اٿيئي، ڏند پٽيءَ ڪونهيئي، جو پڌو آهين!

ڪنور - ڏندان ساز ڪان مون سڀي ٻٽيهي نئين نهرائي رکي آهي، تون خيال نه ڪر. هاڻي جلد اچي واڌائيءَ مان وارا ڪڍ.

گرداس - اهڙو ڪو ڏجوم ڪڙاڪيدار ڏي. [وڃڻ]

ڪنور - بس، اڄڻي پنهنجي نالي جي پهريءَ مان سنگهه ڪيئي ڇڏيندس. ڪنور سنگهه ڇا جو؟ ڪنور چند چوائيندس. پهريءَ ۾ پرڻي کي ڏڪاريندز اڪثر پاڻ

آهن ڄوان - ڪين کھڙو قدر؟ ٻين ڪان ڀڄي ڏسو- ڪيترا اهڙا ٻه ليندا جي ٻئن ٻوٽن ڪي گهوڙيءَ تي چڙهندو ڏسي دل ۾ ٻيا چوندا هوندا ته اڙي هٽي ڇورن ڪي ڪيرائي هوند پاڻ چڙهي وهون. ”مڙس ٻيريءَ ۾ اچي، حرص ڄوانيءَ ۾ اچي؛ رات ٻوئين تي ٻڇي، ننڊ جي ٻيگهي تي ٻڇي.“ ٻت ٻوٽا، ڪوڙا ڪنهن جاءِ جا؛ ٻئسا منهنجا، پرٽجن پاڻ!

(ڳائي ٿو) راڳ

چا ٺاٺ ذوق شوق سان شادي تيار ٿئي
گهوڙي اچي ته گهوٽ مزي سان سوار ٿئي.
(١) شرناءِ دهل چيچ جي نوبت لڳي وڄي
گوئيي جو ناچ ڏار ٿئي ته ٻئنب ڏار ٿئي
(٢) ٻوشاڪ ٺاٺ ٺاٺ سان ڄاڄي هلن گڏيا
گهوڙيءَ جي ٻوئنان ته ٻگين جي قطار ٿئي
(٣) ٻم گولا هوايون ڪپا ڦرٽيون ۽ ڦٽاڪا
سڙندا هلن ته ساهري گهر ۾ ٻڄار ٿئي.
(٤) ٽياهيون ڪڍي ٻاهر ڪيو گهورڻ لاءِ گهوٽ جي
هر هڪ لنگهي جو گهور سان ڪيسو ئي تار ٿئي
(٥) آٽيو ڪو مڪت موڙ ڄهرمر سان مزيدار
چمڪات آب تاب ۾ جو جلويدار ٿئي.

پردو ٻيو.

نهال- (اچي) آئين (چڪ)، آئين (چڪ)، آئين (چڪ)! مالڪ خير، هي چڪون آهن يا بندوقي فير؟ (ڪلڙ) آ ها ها ها...... آ ها ها ها...... آ ها ها ها (سڏي) او سيٺ ڪرپالداس! هلي آءُ ساءِ ڪرپالداس!! ڪاڪا ڪرپالداس!!!

ڪرپالداس- (اچي ۽ ڏڪ هڻي) ڇا هي، ڇا هي ڇورا! ڇا تي تو گوڙ مچائين؟

نهال- واهه سائين! وڏو سيٺ ونواهه پر وهي، نماڻو نهال شاديءَ جي شرنا، به نه وڃائي!

ڪرپال- ڪير بابو ڇا شادي تو ڪري؟

نهال- باقي ڪهڙي دير آهي؟ عمر اچي ويو آهي، ڏاڙهي مڇون پورن سوڊيون ڪوڙائي ٿري ڪيون اٿس. پائي گرداس گهوڙي وٺي ويو آهي. اوهانکي ڪل ئي ڪانهي؟

ڪرپال- سچي؟

نهال- جاڻ مَجَ اچي لٿي.

هو ٻيلو تو هڻي ڪڳي
وارن کي ويا رنگ لڳي
ٿي مڇ ڏاڙهيءَ سان نڳي
رنگ برنگ نوبت جاڻ وڳي.

ڪرپال- مونکي ته اڳيئي سندس لاهي نپڙ ساريا

پيا آهن- دادي ايسرداس کي ته سڏي وٺ-

نهال - حاضر- اڳوڻو چوانس ته ٽڪن جي ڳوٺڙي به گهور گهورڻ لاءِ ڪنيو اچي-

ڪرپال - چڱو مخول- هر تاليءَ وج- (ٽڪ اوٻارڻ)

نهال - اررر سائين ويو- (وڃڻ)

ڪرپال - پيريءَ ۾ پرڻو! خيراتي ڪوه ڪٺو آهي- وري الاجي ڪهڙي هچا آڻي سر تي هٽندو- جڏهڪي ڏيئي تو جوين جاڳيس- ننڍن سان پرڻجڻ ويلي تو ڪنوار ڳولي! [ايسرداس جو اچڻ] دادا! نهال ڇا ٿو چوي؟

ايسرداس - تنهن ۾ ڪهڙو ميڻ ميک، اسانکي پيءُ جا پار سڄهن نٿا؟

ڪرپال - هاڻي ڪيئن ڪريون؟ اسين ڪنڌ ڪٺي ٻاهر ڪيئن گهمنداسين؟

ايسر- سوڙيون پائي وڃي سمهنداسين-

نهال - جي مونسان ملي وڃو ته سوڙين ۾ ئي سڀلو سيٺ کي سمهاري ڏيکاريانو-

ڪرپال - وارو ڪر، ٻيلي نهال وارو ڪرءِ تو پارو حرفتي سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي-

ايسر- ءُ پاڻکي انعامن سان ڀري سگهي ٿو-

نهال - انعامن سان ڪين سگهن انجامن سان؟

ڪرپال - ڏس وري......

نهال - اِها وڏي ڏني ڇا ڪاڍي به الم- اڃا پيٽ ۾ تازو ڳڙڪو آهي-

ايسر- پلا ڪڏهن؟

نهال- وسري ويو؟ سيٺ جي اڳين مائٽي پيچڻ مهل- مورندمل وٽ وڃڻ مهل-

ڪرپال- ڀلي! هاڻي اڳوات ڇٽين ته اڳوات ڏيون-

نهال- اهڙي ڀي پتيائي- مونکان نه پني آهي. نه پڇندي- هلو ته هلي سارو مانداڻ منديون-

ايسر- واهه واهه!

نهال- اڇو- (تنهي جو وڃڻ)

ڪنور- (اڪيلو)- وار ڪارا- ڏاڙهي ميون ڇٽ- پوون ڪٽ خوب ٺاٺ سان!

جنهن ڪراڙپ تي ڪئي مون سان نڪي-
مون ٻه اُن سان دوستي آهي پڪي،
رنگ ڪارو، ويو اڇي سر کي لڳي-
ناهه ڏاڙهي، جوٽ جوين جي جڳي-
زال ڏسندي خوب ماريندي ڪڳي-

واهه ڙي ڪنورچند واهه! ٻڍاپي جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيءِ، ڪنيءِ ڪراڙپ جي ڏپ کي گپ ۾ لوڙهي ڇڏيءِ. (آئينو ڏسي)

ڏند تيا موتيءِ جا داڻا وار ڪارا ڀنؤر جان
سينڌ وارا زلف ڪارا ڪٽن لڏن ٿا ڇنور جان-
نيڻ آبي ڳل گلابي ٿا ٽلن جڻ ٽنور جان-
حال شل هرڪنهنجو پيريءِ ۾ ٿئي مون ڪنور جان-
ٽري ڇيٽرس فار ماءِ گڊ پڪچر؛ هپ هپ هري! هپ هپ هري؛ هپ هپ هري!

راڳ (ڳائي ٿو)

ڇا صورت بڪي ٿي جناب جي
ڇا خوشبو ڪلي آهي خضاب جي
لالي آهي ڳلن تي گلاب جي
خنڪي آهي اکين ۾ شراب جي
ايڪسيلنٽ وئل ڊن هيئر هيئر هيئر

مون ڏاڙهيءَ ۾ ڏاڻو وجهايو. ڪار و وارن ڪي پالش لڳايو سهڻوڏ ندن جو سيٺ چڙهايو. هاڻي شادي ۾ سند وآهه سعيو نئون آيو جواني جو دؤر آهي. ڇا. اؤر آهي

منهنجو چهرو ڏسڻ ڪان زور آهه
هاڻي ڏاڏو تيو پوٽي سمان آهه
هرڪو چوندو هي ننڍڙو جوان آهه
اڙي فئشن ۾ ڪيڏو نه ناٺ آهه
هان ناٺ آهه ڇڱو ڪنور چندناٺ آهه.

پردو پيو ڪري ٿو

(راڳ پوري ٿيڻ تي پائي گرداس اچي ٿو)

گرداس - واڌائي. واڌائي. (ڪنور ڪي) سائين! وڏو سيٺ ڪٿي؟

ڪنور - ڪير وڏو سيٺ.

جوين ۾ رنگ ۽ نگ جوانيءَ ۾ وڏو سيٺ
گل جي تو ڏسجي پاڪ پيشانيءَ ۾ وڏو سيٺ

اِسرار ۾ عجب ۾ حيرانيءَ ۾ وڏو سيٺ
مستيءَ کان آه دور ديوانيءَ ۾ وڏو سيٺ
(مچ کي مروٽو ڏيئي ۽ سيٺجي) هيڏا نهن ڏس وڏو سيٺ !!

گرداس- (کلي) ڪيا بات، ڪيا بات، خوب جمايو؛ ڪمال، ڪمال!

ڪنور- بڏاءِ واڏائيءَ جو حال- هاڻي ڪندو ڪو اِنڪار؟

گرداس- هڪڙو ڪم ته ڪري آيو آهيان بلڪل تيار-

ڪنور- جلد چئو؛ تئين جوين جي نبض ۾ چڙهيو آهي ۱۰۸ ڊگرين وارو بخار- [سيٺجيءَ]

گرداس- بلڪل جوين واري نندي نيٺي ڪنوار-

ڪنور- واهه واهه ڀائي! هيءَ ته تو مفرح ۾ ياقوتي ملائي-

گرداس- پنج سؤ واڏائي؛ چار هزار ٻائي ٻه وينديون ڪائي-

ڪنور- روبرو ڏسندا ته ڪجهه نه ڪجهه گهٽ تي پوندو جائي-

گرداس- مس مس مائٽي هٿ آئي؛ وري پڪائي-

ڪنور- منظور آهه، منظور آهه؛ ڪٿي آهي ڪنوار وارو؟

گرداس- رڳو ڏيڻو آهي اِشارو: اوهين ناٽو گهرايو-

ڪنور- سڏي اچينس آندر- [ٻائي جو وڃڻ]
ڏاسو (نوڪر کي سڏڻ)
ڏاسو- (اچڻ) فرمايو.
ڪنور- مونکي ٻڌائڻ ۾ تو جيڪو پورهيو ڪيو سو ثاب پيو. ڪم نهي ويو، چار هزار پنج سؤ روپيہ آٽي ڏي. هان ٻجوڙيءَ جي ڪنجي (ڏيڻ) پر ايندين ڪيئن؟
ڏاسو- (چپٽي وڄائي) آيي!
ڪنور- شاباس، گاسليت جي دبي. [ڏاسوءَ جو وڃڻ] صابل مل واڻئي جو منهن ڍڪيل ڇوڪريءَ سان گرداس سميت اچڻ]
صابل مل- سيٺ! رام رام.
ڪنور- جيءُ آئين، ءَ جيءُ آئينءَ. ڪيئن، ڪنوار هيءَ آهي؟ ٻائي تنهنجو نالو؟
صابل- سائين! صابل مل. (گرداس کي) ٻائي! سيٺ تہ اڃا ڪرڙو ئي ڪين ٿيو آهي؛ تو تہ مڙيل ٿي ڇيو؟
ڪنور- ڪرڙو ٿئي منهنجي بلا؛ ڪلا ٿي ٻاوا! تو ورتي وڃم رولو ٿي وڏو.
ٻائي گرداس- سائين! هي واهڻي ٿيندا آهن پڪا، تنهنڪري پاڻ وڏي ڳالهہ ڪري ڏيکاريما نس- هي قرڻ ۾ ويرم ئي نہ ڪندا- ويڌيءَ تاءِ ٻہ مکياري آهن.
ڪنور- ڪيئن سيٺ صابل مل! ٽڪي جي دانگي ۾ لکي ٿوڪي ونبي آهي- هيءَ تہ ڳوڻ ناٽي جي آهي.

صابل- نہ نہ، بلاشڪ ڏسي وائسي سودو ڪريو. اِڇها اِها اَٿو: سڀي ڏيڪاري، اَنڌي ڪانہ ڏبي.

پائي گرداس- اوهين ڏسي خاطري ڪريو نہ.

ڪنور- ڏسان، ڏسان. (نهرو ڪري) پيلي! مون کي شرم ٿو اچي.

صابل- شرع ۾ شرم ڇا جو؟ ڏرم ڪو اڪيون بوتڻ ڪونہ ٿو سيکاري.

ڪنور- نہ نہ پت آهي، توتي پائي پت آهي؛ ستيا تي ملڪ هلي ٿو.

گرداس- هائو اڃا اهڙو ڪلجگ ۾ ڪونہ آيو آهي!

ڪنور- چڱو، ڏسانٿو. مٿان ڪلجگ اچڻ ۾ ڍڍي. [تورو منهن ڪولي ڏسي ٿو ۽ خوشيءَ وچان رڙ ڪريٿو] او ڏاسو! او ڏاسو! قبول، قبول.

ڏاسو- (سهڪندو اچڻ) سائين! آيو، آيو. هي چار هزارن جا چار نوٽ؛ هي سوَ سوَ وارا پنج نوٽ.

ڪنور- (نوٽ وٺي) هيڏانهن ڪر. هان سيٺ صابل مل! هي چارهزار ۽ پائي گرداس! هي پنج سوَ واڌائي.

گرداس- سکي رهو، وڏو ويجهو.

ڏاسو- (پاسو وٺي) پائي! اڌ مونکي بہ ڏجو.

گرداس- هڙ اِي تنهنجي آهي.

ڏاسو- تون ڪم نہ لاهہ: نهي پوندا سين.

صابل- هاڻي پلؤ پلي ملايو. ويڌي پڙهو، ڪم لاهيو.

ڪنور- سڌيون پانيڻ ڪي؟

صابل- نہ سائين! پائي اَئي ڪم لاهي، مان جلد هتان وڃهرندس، متان شهرين جي ور چڙهي وڃان، ۽ تماشو مچي وڃي-

ڪنور- پائي گرداس! ڇڏاءِ تون ويڏي پڙهہ-

گرداس- ويڏي تہ مان ڪونہ ڄاڻان-

ڪنور- هڻ ڪي ڪريئي؟ سيٺ صابل مل!

صابل- آنند صاحب اَئي پڙهيئي-

گرداس- اِهو بہ پورو ڪونہ ڄاڻان: عمر ڪاٽيم مائٽين ڪرڻ ۾؛ پڙهڻ اچي ڪيئن؟

ڪنور- ڀيڪي اچيئي، ڪري ڪچا ڦڪا بہ اکر ڪڇ- مڙيوئي ٿيو ڪم ٽپائڻو-

صابل- هائو ڪو اُشتانگ، پشتانگ ڪر-

گرداس- [پلؤ پلي بڌائي، ويڏي پڙهي تو] اچي وڃم اوچتو غريب گرداس اڙيو، نہ جنهن ڪڏهن انند يا ويڏي پاٺ پڙهيو، نہ جو ڪڏهين گهوٽ ٿيو نہ گهوڙيءَ تي چڙهيو، مون ڇوڪو گهات گهڙيو، پلؤ پلي ڇوڙي ڇڏيو-

صابل- ڇنيئين؛ ڇوڙيو سائين پلؤ پلي: شادي ٿي چڪي- (ڪنوار روئي ٿي) هاڻي اسين موڪلايون ٿا- (پلؤ پلي ڇوڙڻ) ڪنوار پرتي آئو-

ڪنور- اڪيين ٿي آهي-

صابل- چڱو، رام رام-

ڪنور- رام رام-

گرداس- هريهر-

کنور- هريپر- [گرداس ۽ صاپال وڃن ٿا]

ڏاسو- سائين! ڪم ته ويو لهي. ڳالهه ڪا لکندي ته ڪين. هاڻي ڇوته گهر وارن کي سڏي وٺان ته گڏجي ڪو جشن ڪن.

کنور- جشن ڪان جلڻ لڳندا. ڀلي سڏي وٺين.

ڏاسو- او سيٺ ايسرداس! سيٺ ڪرپالداس! ميولداس! وغيره وغيره اچو گهور تي. [ايسر، ڪرپال، ميول، نهال ۽ هڪ ٻن ٻين جو اچڻ]

کنور- اچو بابا ايسرداس! سيٺ ڪرپالداس! ميولداس نهال، وغيره وغيره، معاف ڪجو. وڏيءَ آما ڪانسواءِ اوهين به اداس، منهنجي به ستيا ناس، گهر ۾ به جڻ ويو هو گهمي راڪاس؛ مطلب ته ڪنڌوئي هو خلاص، هاڻي ڏسو ته هيءَ وڏ گهراڻي ڇوڪري ڊرامائڻ ملي ويئي. پلؤ پلي ٻڌجي ڇڪو: ڇا اوهين ارها ٿيندا؟

ايسر- ارها ڇو ٿيون. اسانجي به جند ڇٽي ويئي.

ڪرپال- ڇگو ٿيو.

کنور- آنو ڪٿي؟ [ڪنوار جو پڪيل منهن سان رنڻ]

ايسر- آنو وينو روئي. ڀاڳهي اچي ويندو.

ميول- ڏاڏا! هاڻي جهمرو جهو ته اسان گهور گهوريون.

ايسر- ۽ جي سچ وڏي گهرواري هوندي ته ڪنوار به جهمر وجهندي.

کنور- لنگهو اچي.

نهال - سائين! اُها گهور ٻه گهر ۾ ڇڱي- ما ن تو ڍهل وڄايان-

ڪنور- هائو! ڪڏ گهر ۾ هجي ته ٻهر ٻاهر ڇو ڦنو ڪجي؟ وڄاءِ!

جهمر جو راڳ

ڪنوار ڪٽي ٻڍو گهوٽ پلي گهر آيو

پلي گهر آيو پلي گهر آيو

گهور گهوريندو- ناس ٻوڙيندو-

ڏيندو لنگهڻ کي نوٽ - پلي گهر آيو

وني ماڻيندو- جوءِ آڻيندو-

گهر ۾ وجهنده ڦوٽ- پلي گهر آيو

[نهال ڍهل وڄائي ٿو- ڪنور ۽ ڪنوار جهمر هڻن ۽ راڳ ڳائين ٿا- ٻيا گهورين ٿا- راڳ پوري ٿيڻ تي ڪنوار زنانا ڪپڙا ۽ جڙتو وار لاهي ڦٽا ڪري ٿي ۽ آنو ٿي پوي ٿو-]

ڪنور- هان، هي ڪهڙو ڏوه: منهنجو پوٽو آنو ڪنوار بڻايو اٿو؟ هاءِ هاءِ ڳوڻ ناٽي جي! اڙي صابل، ٻيڙي ٻڏيئي ۽ ڦري وئين- اڙي ڪت جا پاوا گرداس، هي ڪهڙو ڪارو منهن ڪيءِ!

نهال- بغداد! سيٺ سان اندير!!!

ايسر- بابا! ڪم ته ڏرمائو هو.

ڪرپال- ناٽي جي ڳوڻ ڇا جي؟

ڪنور- اڙي سڀي ته ڪر ڏاسو.

ڏاسو- ايڪ وار، ڏو وار، ٽين وار، سا ڀل چار هزار-
ايسر- پيئي ڪراڙي کي مار-
ڪنور- آنءُ يار!
آنءُ- ڏاڏا! ڪنوار ڀڄي ويئي- اُپ ۾ ڪڄي ويئي؟
نهال- ڇا ناٽي جي ڳوٺ سڄي ويئي؟
ميول- ڏاڏي کي ڪري لڄي ويئي.
ڪنور- ابول- وڃي ويئي، وڃي ويئي!
سڀ - هاءِ هاءِ جو وڃي ويئي!
ڪنور- ڳوٺ ناٽي جي سڄي ويئي!
سڀ - هاءِ هاءِ جو وڃي ويئي!
ڪنور- ڪنڊ ڪوٽ ڏي ڀڄي ويئي!
سڀ - هاءِ هاءِ جو وڃي ويئي!
ڪنور- آسمان ۾ ڪڄي ويئي!
سڀ - هاءِ هاءِ جو وڃي ويئي!
آنءُ- ڏاڏو ڪري لڄي ويئي!
سڀ - هاءِ هاءِ جو وڃي ويئي!
ڪنور- وڃي ويئي وڃي ويئي!
[ڪنور پٽيندو وڃي ٿو، ٻيا ننوليون ڪندا، نچندا وڃن ٿا]

پورو ٿيو.

نوٽ- موڪل ڪا نسواءِ ڪو بہ سٽيج تي نہ آڻي.

آنرري مئجسٽريٽ

هڪ تمام کلائيندڙ ۽ وندرائيندڙ کيل

پردو پهريون

[احمد شاهه جي جڳهه جو ايوان]

[احمد شاهه زميندار هڪ موڙي تي ويٺي حقو ڇڪي رهيو آهي. مراد نوڪر ڪيس پنکو لوڏي رهيو آهي.]

ا. شاهه - مراد!

مراد - جيءَ سائين.

ا. شاهه - ٽيون ڏينهن جيڪا ڪاردار صاحب جي منزل ٿي تنهن ۾ ڪل ڪيترو خرچ آيو؟

مراد - سائين، منو سؤ روپيه.

ا. شاهه - ٽن ڏينهن ۾ منو سؤ!

مراد - جيءَ سائين ليکو رکيو آهي.

ا. شاهه - ڀلا ٻڌاءِ.

مراد - سائين ڏهه سير گيهه - اڌ مڻ چانور - منو مڻ اٽو - ٽيهه سير کير - ٻه وزن ٻيضا - ٽي ڇيلا - چار ڪڪڙيون مصالح - ڪاٺيون - گاهه - پنجهه روپيه منشيءَ کي منائي - ڏهه روپيه پٽيوالن کي خرچي - ٻيو ريزڪي خرچ - ڇيڙ ته مفت ۾. ڇڪڙيءَ ٽي ٻيل گاڏيون بيگر ۾.

ا. شاهه - ٻيو ڪاردار صاحب ٻل جا پيسا ٻه ته ڏنا هوندا.

مراد - هائو. ٽي روپيه اياٺي آنا ڏنائين.

ا- شاهه - خير. پر ناراض ته ڪين ٿيو. پئيوالا پڻا ته سڀ خوش ٿي ويا نه؟

مراد - ٻي ته دانهن ڪانه هئي- پر ڪاردار صاحب، جو نائڪ پڇاڙيءَ تائين ڪرڪندو ويو. چي: هن سال اسانکي گهٽ ڏنو اٿو.

ا- شاهه - ته ڪٿي پنجه ٻيا ٻه ڏينس ها. ڏسين ٿو ته انهن ماڻهن سان اسانجو رات ڏينهن ڪم آهي. وڃجي ڪاردار صاحب وٽ، ۽ جي نائڪ ڪٿي ٻاهر وراڻدي ٻ ٻهاري ڇڏي ته عزت ڇا رهي؟

مراد - پر سائين انهن جو پيٽ ته خدا به نه ڀري سگهندو. پنجه ڏيا ته ڏهه گهرن- ڏهه ڏجن ته ويهه گهرن.

ا- شاهه - هائو انهن منزلن جي پٽ ست نه هجي ته ڪوٽ چو ڪٿي. پنجه سؤ ايڪڙ پلي زمين جا آهن ته به اپٽ ڪان خرچ وڌيڪ- واٽئي جو ڪندو ڪٿي بند نڪري ويو آهي.

[ٻاهران آواز ٿو اچي]

آواز - احمد شاهه! او احمد شاهه!

احمد شاهه - (ڪنڌ مٿي ڪري) مراد!

مراد - جيءُ شاهه سائين!

ا- شاهه - ڏس ته ٻاهر ڪير آهي؟

مراد - ڪو ڪڙمي هوندو- ڪوٽ ڪٿي هوندس، آيو هوندو اوڏر ولڻ.

آواز- ميان احمد شاهه!

ا- شاهه- مراد! ڏس ته ڪير آهي (بلند آواز سان) آيو.

(نوڪر وڃي ٿو ۽ گهبرائيندو موٽي اچي ٿو)

ا- شاهه- ڪير آهي؟

مراد- چپراسي.

ا- شاهه- (پڇي) چپراسي؟

مراد- جي ها- ٻاهر چپراسي بيٺو آهي. لعل پٽڪي وارو چپراسي.

ا- شاهه- لعل پٽڪي وارو چپراسي! (گهبرائجي اُٿي ٿو، حقو ڪري پوي ٿو) خدا خير ڪجانءِ. مون ڪا چوري ڪانه ڪئي آهي، ڌاڙو ڪونه هنيو آهي. ڪنهن سان جهيڙو فساد ڪونه ڪيو اٿم ته پوءِ چپراسي ڇو آيو آهي؟

مراد- خدا ڄاڻي. يارهين وارا پير! تون اچي حامي ٿيءُ- هن آفت مان بچاءِ نه آءٌ مستي وراهيندس.

ا- شاهه- مستي رڳي ڇو- ٿاڻري وراهيندا سون. منهنجي ته ڄاڻي ٿي ڏڪي. پير دستگير! تون سڻائي ڪجانءِ. مراد! تو ڪيئن طرح ڏٺو نه چپراسي آهي.

مراد- ها شاهه صاحب! آءٌ ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس. منهنجا ته لڱ ٿا ڏڪن.

ا- شاهه- ته هاڻ ڇا ٿيندو؟

آواز- او احمد شاهه!

مراد- چپراسي ٿو سڏي.

ا- شاهه- ته ڪيئن ڪجي مونکي ته پئو ٿو ڏئي.

مراد! وڃ وڃي چوينس ته شاهه صاحب گهر ۾ ڪونهي.

مراد- خبر ناهي ته ڪنهن وڃي دانهن ڏني آهي.

ا- شاهه- ڪنهن دشمن جو ڪم هوندو. مراد! وڃ دير نه ڪر، مان تيسين موڙي جي هيٺان لڪي ٿو ويهان.

(احمد شاهه موڙي هيٺان لڪڻ جي ٿو ڪري)

مراد- مگر ائين جند ڪين ڇٽندي- وڃي روپيه ٻه ڏيئي خوش ڪري اچوس.

ا- شاهه- چڱو وڃان ٿو- (ڏڪندو وڃي ٿو)

(ٻاهر اچي) جمعدار صاحب، بندگي! خير ۾ پنڌ پيا آهيو.

سپاهي- اوهانکي وڏي صاحب سڏايو آهي.

ا- شاهه- وڏو صاحب ڪهڙو؟ ڪاردار صاحب.

سپاهي- نه- ڊپٽي ڪمشنر صاحب.

ا- شاهه- ڦرنگي صاحب!

سپاهي- جيءُ شاهه صاحب.

ا- شاهه- ڪهڙو حڪم آهي؟ مون کو ڏوهه ته ڪونه ڪيو آهي.

(پٽڪي مان روپيه ڇوڙي ڏيئس ٿو) هان هيءُ اوهانجي شربت پاڻيءَ جو آهي.

سپاهي- (روپيه وٺي) شاهه صاحب! ڪا خوف جي ڳالهه ڪانهي، هلو.

ا. شاهه- مگر صاحب جو ڪم ڪهڙو آهي؟

سپاهي- سا ته مونکي خبر ڪانهي.

ا. شاهه- تڏهن منهنجو هلڻ مشڪل آهي. وڃي چئينس ته گهر ڪونه هو.

سپاهي- ته وري ٻيو سپاهي موڪليندو.

ا. شاهه- پر اسين غريب ماڻهو. فرنگي اسانکي ڇو ڪوٺايو آهي. متان اوهانکي ٻئي ڪنهن کي سڏي اچڻ لاء چيو هجيس.

سپاهي- نه سائين اوهانکي ۽ محمد شاهه کي به سڏايو اٿس.

ا. شاهه- (ذرا خوش ٿي) ته فڪر ڪونهي. هو سامهون چڪه وارو گهر اٿس. سڏينس ته مان به سنيري ٿو هلان.

[چپراسي وڃي ٿو. احمد شاهه گهر اچي ٿو]

مراد- (روئٽهارڪو ٿي) سائين! خير ته هو؟

ا. شاهه- مڙيوئي خير هو، ڊپ جي ڳالهه ڪانهي. وڏي صاحب مونکي ۽ محمد شاهه کي سڏايو آهي.

مراد- پوء گهر ته وينا رهون نه. منهنجي صلاح آهي ته هلي ٻئي گهر ۾ رهون، سامان سڙو به اوڏانهن ڪڍايون متان تلاشي نه ڏئي.

ا. شاهه- نه نه فڪر نه ڪر. ڪنهنجي مزال آهه. مون سپاهيء کي روپيه شربت پاڻيء لاء ڏنو آهي.

پردو ٻيو

[محمد شاهه کٽ تي ليٽيو پيو آهي. ٻچل نوڪر ڪيس زور ٻيهنو ڏئي.]

محمد شاهه- ٻچل! اڄ جمع جو ڏينهن آهي. شام جو ملاکڙو لڳندو، ڪهڙا ڪهڙا ملهه ايندا؟

ٻچل- سائين، وڳڙ هڏ ڦوڙ، مستانو شيدي ۽ ٻيا.

محمد شاهه- تڏهن اڄ ته واهه جو لقاءُ لڳندو. روپيه پنجاهه کن کٽي هلي انعام ڏبا.

ٻچل- سائينجن جي هاڪ ٻڌي ته پريان پريان جا ملهه ٿا اچن. نه ته هتي سڄي ڳوٺ ۾ رکيو ڇا آهي.

محمد شاهه- اڃا ته هن سال فصل ڪجهه بوڏ چٽ ڪيو، ڪجهه مڪڙن؛ نه ته اهڙو ملاکڙو لڳايان ها، جو سڄيءَ سنڌ ۾ نالو وڃي ها.

ٻچل- هونءَ ته سائينجن جي ناموس ۾ گهٽتائي ڪانهي

آواز- محمد شاهه! او محمد شاهه!

(ٻچل نوڪر وڃي ٿو- گهٻرائجي موٽي اچي ٿو)

م- شاهه- ٻچل! ڪير آهي؟

ٻچل- سائين چڦراسي.

م- شاهه- (گهٻرائجي) ڪهڙو چڦراسي؟

ٻچل- ڪو جمعدار ٿو ڏسجي.

م- شاهه- مونکي ته دٻ ٿو ٿئي. مان چادر پائي ٿو سمهان- وڃي چئينس ته ننڊ اٿس.

(محمد شاهه چادر پائي کونگهرا ٽو هٽي)

ٻچل - شاهه صاحب! ڀر مونکان جو ڀڇيائين؟

م. شاهه - ڇا ڇيو سين؟

ٻچل - ڇيو مانس ته شاهه صاحب جاڳي پيو.

م. شاهه - هيڙيءَ ٻڌا، وڏءَ جنجل ۾ هاٿي سڏي ونيئس اندر.

(محمد شاهه پتڪو ٻڌي ٿي وڃي ٿو سپاهي اچيٿو)

م. شاهه - سلام عليڪم جمعدار صاحب! جيءَ آيا اچو اچي وهو.

(کيس ڪرسيءَ تي وهاري ٿو)

سپاهي - عليڪم سلام!

م. شاهه - خوش آهيو. چڱا ڀلا. نوبنا. تندرست. سلامت هجو.

سپاهي - فضل آهه. ٻاجهه آهه. مهرباني. مڙيوئي خير آهي.

سپاهي - اوهين خوش آهيو. تازا توانا. جوڙ. ٻور ٻچا. سلامت.

م. شاهه - شڪر آهه. مهرباني. ٻاجهه آهي. مڙيوئي فضل آهي. ٻوءِ ڀلا ڏيو حال احوال.

سپاهي - ٻيو خير. اوهانکي وڏي صاحب گهرايو آهي.

م. شاهه - ڪهڙي؟ ڪهڙي؟

سپاهي - ڊپٽي ڪمشنر صاحب.

م. شاهه- ڊپٽي صاحب؟

سپاهي- نه وڏي گوري صاحب.

م. شاهه- ڇو؟ ڇو؟ ڳالهه ته ڪر خير ته آهي.

سپاهي- مڙيوئي خير آهي.

م. شاهه- پيو ڪو ڏپ ته ڪونهي.

سپاهي- نه نه. اوهين دل نه لاهيو. اوهان سان احمد شاهه به ساڻ هوندو.

م. شاهه- مزال آهه. تڏهن ڪو فڪر نه آهي.

(نوڪر کي) مراد! وڃ وڃي بزار مان جمعدار صاحب لاءِ مٺائي ۽ بوتلون وٺي اچ.

جمعدار صاحب! اوهين ٿيسين پاڻي پيئو ته مان سنيري اچان ٿو.

(مراد مٺائي آڻي ٿو. سپاهي خوب ڏؤڪري کائي ٿو)

(محمد شاهه سنيري سپاهيءَ سان نڪري ٿو احمد شاهه گڏجي ٿو. سپاهي اڳيرو وڃي ٿو)

ا. شاهه- سلام عليڪم محمد شاهه!

م. شاهه- عليڪم سلام احمد شاهه!

ا. شاهه- خبر اٿو ته وڏي صاحب ڇو ڪوٺايو آهي.

م. شاهه- مونکي ته خبر ڪانهي لوڪي هجي ته بڌاءِ.

ا. شاهه- منهنجي ته دل ٿي گهبرائجي.

م. شاهه- حوصلو ڪر احمد شاهه. مزال آهه. اسان کو ڏوهه ڪونه ڪيو آهه. هلي ٿا فرنگي صاحب ڪان پڇون.

ا. شاهه- پر اڄ تہ ڪڏهن گوري صاحب اسان کي سڏايو ئي ڪينهي- ڪجهہ مڙيوئي معاملو آهہ-

م. شاهہ- مزال آهہ- پوءِ بہ ہے ڇٽا آهيون. جتي مان نتي تون.

ا. شاهہ- بيشڪ تڏهن تہ ڪجهہ دلجاءِ آهہ نہ تہ هن مهل تائين بخار جون ١٠۴ ڊگريون نہ ڏسين ها.

م. شاهہ- منهنجا تہ هٿ پيا ڏڪن. پٽڪوئي نہ پيو ٻڌجي. ڏس تہ ڪٿن نيڪ بيٺو آهي.

ا. شاهہ- آهي نيڪ- البت اچاتروآهي. هوا ڏاڍي نہ شل لڳي.

م. شاهہ- مزال آهہ- رکہ خدا تي- مڙيوئي خير ڪندو.

(پٽي وڃن ٿا)

پردو ٽيون

[ڪچهريءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو ڪمرو]

(ڊپٽي ڪمشنر جي سامهون ڪاغذن جا فوليا رکيا آهن. هو ڏسندو ڏسندو دستخط ڪندو ٿو وڃي. هڪ طرف ريڊر (گذارش ڪندڙ منشي) بيٺو آهي. دروازي تي اردلي بيٺو آهي.)

(اوچتو ڊپٽي ڪمشنر ڪنڌ مٿي کڻي ٿو)

ڊپٽي ڪمشنر- ويل ريڊر!

ريڊر- حضور!

ڊ. ڪ- هو بہ رئس اڃا ڪين آيا؟

ريڊر- نه سائين!

ڊ- ڪ- نيٽو (Native) لوڪ بلڪل ماٺق آهن. ڪين ٽائيم جو قدر ڪونهي، هيتري دير تي ويٺي آهي، اڃا ڪين آيا آهن؟

ريڊر- حضور ٺيڪ ٿا فرمائين.

ڊ- ڪ- اهي آدمي گڏا (گڏه) آهن بلڪل گڏا آهن.

ريڊر- ٺيڪ آهي حضور.

ڊ- ڪ- (بلند آواز سان) اردلي!

اردلي- حضور.

ڊ- ڪ- مختيارڪار صاحب کي وڃي سلام ڏي.

اردلي- حاضر حضور.

(صاحب اُٿي چانهه پيئڻ تو وڃي گهڙي کن ڪانپوءِ حسن دين مختيارڪار اچي ٿو.)

ريڊر- نياز.

حسن دين- (نياز وراڻي) صاحب ڪٿي آهي؟

ريڊر- چانهه ٿو پيئي.

ح- د- (ڪرسيءَ تي ويهي) مونکي ڇو سڏايو اٿس؟

ريڊر- صاحب منڊپور جي ٻن زميندارن کي سڏايو آهي. ڪين آنرري مئجسٽريٽ بنائڻ جو ارادو اٿس. مگر هو ته ٻئي بلڪل بيوقوف آهن. ڪين ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو به پورو عقل نه آهي.

ح- د- (سگريٽ دکائي) ڪير آهن؟

ريڊر- هڪ محمد شاه آهي.

ح. د. لاحول ولا قوه.

ريڊر- ڇ پيو احمد شاه.

ح. د. اهي ته ٻئي هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهن.

ريڊر- اُن ۾ ڪهڙو شڪ آهي. پر صاحب جي پسنديءَ جا به انصاف وٺو، ڪهڙا نه بي بها موتي چونڊي ڪڍيا اٿس.

ح. د. (سگريٽ جو سوٽو لڳائي) بيشڪ. بيشڪ.

[چپراسيءَ جو اچڻ]

چپراسي- سائين ٻئي زميندار آيا آهن.

ريڊر- آيا آهن؟

چپراسي- جيءُ جناب. مگر اندر اچڻ کان ڊڄن ٿا. ڪين خوف ٿو ٿئي ته ڏنڊ وغيره نه پوي.

ريڊر- نه نه. ڪين سمجهاءِ ته صاحب ساڻن ملاقات ڪرڻ ٿو چاهي. ڪين گهٻرائجڻ جو سبب ڪونهي.

چپراسي- مگر هو ته سمجهڻ جهڙائي ڪين آهن.

[صاحب جو اچڻ]

صاحب- هئلو مسٽر حسن دين (How do you do?) توهين ڪيئن آهيو؟

ح. د. (اُٿي سلام ڪري) Quite well, thank you Sir (بلڪل خوش. مهرباني صاحب!)

صاحب- ويل ريڊر- هو رئس آيا؟

ريڊر- جيءُ حضور- ٻاهر بيٺا آهن. ڪين سڏيان؟

صاحب- هائو.

(ريڊر ٻاهر وڃي ٿو. ٿوري دير بعد محمد شاه ۽ احمد شاه ٻئي ساٿس گڏ اچن ٿا. ٻئي جهڪي ٻنهي هٿن سان صاحب کي سلام ڪن ٿا ۽ دروازي وٽ ئي زمين تي ويهي رهن ٿا. ٻنهي جي چهري تي ازحد پريشاني آهي. حسن دين ۽ ريڊر کي ڪل ٿي اچي، مگر ڪل روڪين ٿا.)

صاحب- نه نه- اڳتي اچو. اچي فرش تي ويهو.

م- شاه- نه صاحب اوهانجي مهرباني. اسين هتي ئي چڱا آهيون.

ا- شاه- ها صاحب! اسين هتي ئي چڱا آهيون. سرڪار جي برابري ڪرڻ واجب نه آهي.

صاحب- نه نه. اڳيرو اچو- اها جڳهه نيڪ ناهي.

م- شاه- نه ڦرنگي صاحب جي سر جو ڪٿر هجي.

ا- شاه- حضور هتي ڪا تڪليف ڪانهي- اسين صاحب جي برابر ڪيئن وهنداسين.

م- شاه- مزال آهه.

(صاحب کلي ٿو)

ريڊر- (ٻنهي کي) رئس اڳيرو ٿي وهو نه ته صاحب رنج ٿيندو.

ا- شاه- (هڪدم گهٻرائجي) محمد شاه!

م- شاه- هان احمد شاه!

ا- شاه- اسان صاحب کي ڪا تڪليف ڏني آهي ڇا؟

م- شاه- اسانجي مزال آهه مزال آهه.

ا- شاه- هلي اڳيرو وڃون جئن صاحب جن جي مرضي. اسين ڪو انڪار ڪري سگهنداسون؟

م- شاه- مزال آهي، مزال آهي.

(ٻئي جتيون لاهي ڊ ڇندا ڊ ڇندا صاحب جي پرسان ڪرسين وٽ هيٺ اچي وهن ٿا.

صاحب- مان اوهان کي ڏسي ڏاڍو ڪوس (خوش) ٿيو آهيان.

ا- شاه- صاحب جن جي مهرباني.

م- شاه- سائين اسان کهڙو ڪشوُر (قصور) ڪيو آهي جو صاحب جن چپڙاسي موڪلي گهرايو آهي. اسين ته گريب آدمي آهيون.

صاحب- نه! اوهين وڏا زميندار آهيو.

ا- شاه- (هڪدم پٽڪو لاهي) نه حجور- اسين گريب آهيون. اسان کهڙي ڪشوُر ڪئي آهي؟

صاحب (حسن دين کي) Well, I can't under tand, Arn't they the right persons?

[آءٌ نه سمجهي ڪين ٿو سگهان ڇا هيءُ اهي ساڳيا ماڻهو نه آهن؟]

ح- د- Yes Sir, they are هائو سائين- اهي ئي آهن.

صاحب- But what do they say? مگر هي چون ڇا ٿا؟

Sir, They do not know that they are being appointed as Honorary Magistrates.

(انگريزيءَ م) سائين کين خبر ڪانهي ته کين آنريري مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ٿو وڃي.

صاحب - ڪير توهين هٽايو.
محمد شاه - احمد شاه!
احمد شاه - هان محمد شاه!
م. شاه - (آهستي) هيءَ گٽ مٽ ڇا ٿا ڪن؟
پاڻهي تو نه اسانجي باري ۾ گفتگو ٿا ڪن؟
وري (هٿ جوڙي) صاحب اسين گريب آد مي آهيون.
ڪنهن گلت (غلط) الجام لڳايو آهي. چقراسي ڪان
ڪٽي پڇي ڏسو اسين گريب آهيون.
صاحب - ويل هي ڇا ٿا چون؟ مختيارڪار!
ح. د - (ٻنهي رئس کي) ٻڌو. صاحب اوهانکي
ڪنهن سزا ڏيڻ لاءِ ڪين گهرايو آهي.
م. شاه - (تپرس ۾) ته پوءِ چقراسي ڇو موڪليو
هوؤ. اسان سان ڏاڍي جبرجستي ٿي آهي.
ا. شاه - تڏهين صاحب اسانکي پلا ڇو گهرايو آهي،
اسان ڪو ڪشوُر جڏهن نه ڪيو آهي؟
م. شاه - مزال آهه، مزال آهه.
ح. د - ٻڌو صاحب بهادر توهان کي آنرري
مئجسٽريٽ بنائڻ ٿو چاهي.
م. شاهه - احمد شاهه!
ا. شاهه - هان محمد شاهه!
م. شاهه - ڪجھ سمجھيءِ؟
ا. شاهه - صاحب اسانکي ڪمسليٽ (Commisserate)
جو ٽيڪو ڏيڻ ٿو چاهي.

م. شاهه — تڏهن ڪو هرجه ڪونهي. ڪو هرجه ڪونهي. ڪئن احمد شاهه؟

ا. شاهه — ها محمد شاهه.

ح. د. نه نه. نيڪو ڪونهي صاحب بهادر توهان کي وڏو ڪاردار بنائڻ ٿو چاهي. ڇو منظور آهي نه؟

م. شاهه — (ٿهڪ ڏيئي) منجور آهي. منجور آهي. صاحب جي مهرباني منجور آهي.

ا. شاهه — مون کي منجور ناهي. محمد شاهه کي منجور هجي ته هجي ڪئن محمد شاهه؟

م. شاهه — مزال آهه مزال آهه.

ح. د — اوهين ڀئي غلطي ٿا ڪريو. اها ته گورنمنٽ جي اوهان سان مهرباني آهي. اوهان کي اخوش ٿيڻ کپي. شهر ۾ هاڻ اوهان جي عزت ٿيندي. ماڻهو اوهان کي سلام ڪندا. اوهان کي ڏنڊ وجهڻ ۽ قيد ڪرڻ جي اختياري ملندي. عام ۾ اوهانجو ڏاڪو وڃي ويندو ڪئن سمجهيوُ؟

م. شاهه — (اڌو گابرو سمجهي) سائين جن ايڏو عهدو ته ڏنو پر پوءِ اسين ڪائيندا سون ڪٿان؟ ڪئن احمد شاهه؟

م. شاهه — سرڪار ڏيندي. سرڪار مائي باپ آهي لون ڦڪر ڇو ٿو ڪرين؟

ح. د — سرڪار ڪو نه ڏيندي. سرڪار انهي لاءِ ڪو پگهار ڪو نه ڏيندي.

م- شاهه- احمد شاهه؟

ا- شاهه- ڪٽي منجور ڪجي- منهنجي اهاصلاح آهي.

م- شاهه- منجور آهي ڦرنگي صاحب منجور آهي.

ح- د- (صاحب کي) They accept it ساءِ کين قبول آهي.

صاحب- It is all right تمام چڱو-

(ٻنهي کي) اوهين ڀهرين تاريخه کان وٺي ڪچهري ڪجو.

م- شاهه- ساءِ جن جو اقبال جيادهه هجي.

صاحب- بيشڪ هاڻي وڃو.

ا- شاهه- ساءِ جن جو بکت بالا ٿئي!

ح- د- انگريزي مهني جي ڀهرين تاريخه ياد رکجو. متان وسري وڃيو.

م- شاهه- مزال آهه مزال آهه.

ا- شاهه- ساءِ اوهين ڪاتري ڪجو.

(ٻئي وڃن ٿا)

(صاحب پڻ ٻئي ڪمري ۾ اهليو وڃي ٿو.

حسن دين ۽ ريڊر به وڃن ٿا.)

پردو چوٿون

شام جو وقت - محمد شاهه ۽ احمد شاهه اوطاق جي ٻاهران ٻهي ڳالهائين ٿا.

راڳ طرز - دن ڪيئن گذرندا عذاب جا- خاني خراب جا

عهدا مليا اسانکي نواب جا - عالي جناب جا
ونون خاصا مزا ڪي خطاب جا - عالي جناب جا
مئجسٽريٽي مان پرايون - ڪنهنکي ٻڌايون
ڪنهنکي چڙايون
جاڙون ڦيرا سمورا حساب جا - عالي جناب جا
تاب حشمت جو سڄي ملڪ ۾ اظهار ڪريون
ڪنهن پئي رشوت ۽ رسائيءَ کان نه انڪار ڪريون
سر جُهڪائيندا سوين تيندا سلامي هاڻي
مِيڙ منٿون پيا ڪندا ماڻهو مدامي هاڻي
منشي کوليندا قاعدا ڪتاب جا - عالي جناب جا

(موڙن تي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون وينا ڪن ۽ ناس جون چپٽيون ڏيئي چڪون ٿا ڏين.)

(هڪ واڻهڙوءَ جو لنگهڻ.)

م- شاهه - احمد شاهه!

ا- شاهه - هان محمد شاهه.

م- شاهه - ڏس ڪبيٺ (خبيث) لنگهي ويو ۽ سلام ڪين ڪيائين -

ا- شاهه - (نوڪر کي زور سان) او خانمحمد!

خان محمد- جيءَ شاهه ساءِ!

م- شاهه ويو هليو- پري نڪري ويو هوندو-

ا- شاهه- مگر سلام ته ڪري ڪين ويو.

(خانمحمد کي) خانمحمد، ڊوڙ. هو جيڪو واٽيو تو وڃي، تنهنکي پڪڙي اچ. ڏوتي ٻنڌ واٽيو، لنگهي ويو ۽ سلام ڪين ڪيائين- اسين ڇا ڊپٽي مقت ۾ ٿيا آهيون؟

م- شاهه- ها تکو ڊوڙ.

خانمحمد- شاهه سائين ڪجهه خراب نه ٿي پوي.

محمد شاهه- ڪاردار صاحب پاڻ اسانکي چيو هو. تون وڃ. وڃي کيس پڪڙي آءُ (خانمحمد وڃي ٿو)

م- شاهه- احمد شاهه!

ا- شاهه- هان محمد شاهه!

م- شاهه- خان محمد کي ڊپ ٿو ٿئي!

ا- شاهه- بيوقوف آهي، کيس سمجهائي ڇڏ جئن ڪم نه بگاڙي. کيس معلوم هئڻ کپي ته سنڌس مالڪ هنئر ڊپٽي آهن.

م- شاهه- ضرور ضرور.

(هڪ ديوان ٿو لنگهي)

ا- شاهه- اڙي هيءُ به لنگهي ويو، مگر سلام ڪين ڪيائين.

م- شاهه- ڇڏ ينس ڪو صاحب جو ديوان آهي.

ا- شاهه- تنهن ۾ ڇا پاڻ ڊپٽي ته ڪين آهي.

م. شاهہ - مگر ڦورنگي صاحب جو ماڻهو ته آهي.
پل هليو وڃي.

(اينتري م خانمحمد ۽ پائيبند اچن ٿا. پائيبند غصي م آهي. انکي ڏسي ديوان به موت کائي ٿو)

ا. شاهہ - او واڙيا!

پائيبند. سنيالي ڳالهاءِ! ڇو چا هي؟

م. شاهہ - ڪراڙي هتان اسان وٽان لنگهي وئين، مگر سلام به نه ڪيئي.

پائي. اوهان کي سلام ڇو ڪريان؟

م. شاهہ - ميان احمد شاهہ ٻڌ. ڇوي تو ته سلام ڇو ڪريان!

ا. شاهہ - واڙيا. اسين ڊپٽي ٽيا آهيون.

پائي. ٽيا هوندا تنهن م منهن جو ڇا؟

ا. شاهہ - سلام ڪري وڃ، نه ته ......

م. شاهہ - (هڪدم) نه ته توتي ڏنڊ ڪنداسون.

ا. شاهہ - نه رڳو ڏنڊ پر ڪيس قيد ڪبو.

ديوان. اڙي وڏيرا! ڇا جي بڪواس لائي اٿو؟

م. شاهہ - احمد شاهہ!

ا. شاهہ. (هيسجي) هان محمد شاهہ!

ديوان. ٻڌايو ٻڌايو هن پائيبند کي ڇو گهرايو اٿؤ؟ مئجسٽريٽ ٽيا آهيو يا خدائي فوجدار. جيڪو لنگهي سو اوهان کي سلام ڪري؟ آءٌ هينئر جو هينئر تو اوهان ٻنهي کي گرفتار ڪرايان.

ا. شاهہ- محمد شاهہ.

م. شاهہ- هان احمد شاهہ.

م. شاهہ- پڇ يار پڇ (ٻئي ڀڄي وڃي اندر لڪن ٿا.)

(سندن نوڪر ٻہ ڄڻا سندن پٺيان وڃي ٿو پائيبند ۽ ديوان اڳتي هليا وڃن ٿا.)

پردو پنجون

[آنرري مئجسٽريٽن جي ڪچهري. هڪ سپاهي جوابدار کي وٺي بيٺو آهي. منشي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. احمد شاهہ ۽ محمد شاهہ کنگهندا اچن ٿا.]

سپاهي- سلام حضور.

م ۽ ا- سلام.

م. شاهہ- منشي! ڪهڙو معاملو آهي؟

منشي- هن جوابدار کي دفعي ۲۴ هيٺ چالان ڪري آندو ويو آهي.

م. شاهہ- (زبان ڪڍي) هل! چوويهون دفعو گرفتار تي آيو آهي! وڏو ڪو بدمعاش آهي.

ا. شاهہ- اصل ڏسڻ مرئي ڪو وڏو لچ آهي.

منشي- نہ سائين. ۲۴ دفعي جو مطلب آهي تہ انڊين پينل ڪوڊ جي ۲۴ قلم هيٺ ڏوهہ ڪيو اٿس.

ا. شاهہ- محمد شاهہ!

م. شاهه – هان احمد شاهه!

ا. شاهه – انڊپل ۽ قلم ٢٤؟

م. شاهه – شايد ٢٤ انڊپل قلم چورايا اٿس.

ا. شاهه – برابر. برابر.

منشي – نه سائين شاهي سڙڪ تي پيشاب ڪيو اٿس.

ا. شاهه – (هڪدم) اڙي هتي بادشاهي سڙڪ وري ڪٿي آهي؟

منشي – يعني ته عام رستي تي.

م. شاهه – پوءِ ڇا آهي، پوءِ ڇا آهي؟ اُهو ڪهڙو ڏوهه آهي؟

ا. شاهه – (سنجيدگيءَ سان) بلڪل ڏوهه ڪونه آهي

منشي – حضور! قاعدي موجب اهو ڏوهه آهي ۽ اُن لاءِ سزا ڏيڻ کپي.

م. شاهه – احمد شاهه!

ا. شاهه – هان محمد شاهه!

م. شاهه – آئينده تون به سنڀالج نه ته توتي به ٢٤ دفعو لڳي ويندو.

ا. شاهه – اسان تي وري ڪيئن لڳندو. اسين ته ڏپٽي آهيون.

م. شاهه – (جوابدار کان) ڇا تو اهو ڏوهه ڪيو آهي؟

جوابدار – هائو سائين!

منشي – قبول تو ڪري. هاڻي ڪيس سزا ڏيو.

م. شاهه – ڇگو ٦ مهنا قيد.

منشي - سائين اها سزا ڳري آهي. هلڪي ڏيوس.

م- شاهه - هلڪي يعني ٿوري؟ ڏنڊ؟

منشي - هائو ڏنڊ.

م- شاهه - چئو ميان احمد شاهه ڪيترو ڏنڊ وجهونس. ڪهڙي صلاح؟

ا- شاهه - (آهستي) منهنجي ته صلاح آهي ته پنجاه روپيه ڏنڊ وجهونس، پنجويهه تون کڻج- پنجويهه مان. هان! ڪهڙو هرج آهي؟

م- شاهه - مزال آهه. (جوابدار کي) چڱو توتي ٥٠ روپيه ڏنڊ آهي يعني ادائي ويهون- سمجهئه؟

منشي - اهو ڏنڊ تمام گهڻو آهي. معمولي ڏنڊ پوڻ گهرجي.

ا- شاهه - (ٽڪڙ ۾) ته چڱو چار آنائي سهين.

م- شاهه - چڱو ڪڍ چار آنا.

[جوابدار پائلي ڪڍي ميز تي رکي ٿو]

م- شاهه - (اکيون ڦوٽاري) اڙي ڏسين نٿو بيوقوف! اسين به پائيوار آهيون. هڏي پائلي کڻي رکيئه- به بيانيون ڪڍي رک.

ا- شاه - ٻڙ ٻڙ نه ڪج. اها اسانجي پهرين آمدني آهي.

م- شاهه- ها پهرين آمدني- جلد ڪر ٻه بيانيون ڪڍ.

[جوابدار ڪيسي مان ٻه پيانيون ڪڍي ميز تي رکي ٿو. سپاهي سلام ڪري وڃن ٿا.
جوابدار به وڃي ٿو.]

(م- شاهه هڪ پياني ڪڍي ڏسي ٿو ۽ پنڪي جي ڪنڌ ۾ ٻڌي ٿو- ٻي پياني احمد شاهه کي سرڪائي ٿو ڏئي.)

م- شاهه- احمد شاهه، ڏسي ڪڇ متان ٻوءِ چوين ته لسي ڏني هيئي.

ا- شاهه- (پياني کڍي ڏسي ٿو) نه- نيڪ آهي. (پنڪي ۾ ٻڌي ٿو)

منشي- سائين ......!

م- شاهه- ڇا توکي ٻه ڪجهه ڏيون ڇا؟ ٻه ٻه آنه ته ملڪ ۾ اسانکي مليا آهن. چلم جو خرچ ٻه مس آهي.

ا- شاهه- (ڪياڙي کنهي) پر تو ڇيو ڪين ته توکي پگهار سرڪار مان ملندو آهي؟

م- شاهه- ته ٻوءِ پياني ڏسي وات ڇو ٿو ڦاڙي ٿئيس؟ نه بابا! جي هرو ڀرو توکي ڪجهه کپي ته ٻاهر وڃي ٻه ٽي پيا چٽو ڳڍهن وارا کي ماڻهو ڦاسائي اڄ ته ٻوءِ انهن لي ڏنڊ وجهون- انهي مان ڪجهه پنهنجي توکي به ڪڍي ڏبي-

منشي- مان انهي مان ڪو حصو ڪو نه ٿو گهران-

ا- شاهه- تڏهن ڇا ٿو چوڻ گهرين ڇڙ.

منشي- اهو ڏنڊ سرڪاري خزانه ۾ جمع ڪرايو ويندو. ان تي اوهانجو حق ڪونهي.

ا- شاهه- حق ڪونهي؟ حق ڪونهي؟
م- شاه- ڇا اهو ناحق آهي؟
ا- شاهه- مرجي اٿس ته ڪيس ٻه ٽڪو ٽي پيسا ملن ته پوءِ اسانجو حق ٿي پوندو.
م- شاهه- ڏاڍو ڪو چالاڪ آدمي آهي.

(ايتري ۾ اردلي اچي ٿو)

اردلي- ٻاهر غلام رسول بيٺو آهي، اوهان سان ملڻ ٿو چاهي.
م ۽ ا- ڇگو سڏينس.

[منشي مقدمي جو فيصلو لکڻ ۾ مشغول ٿي ويٺو]

غلام رسول- سلام و عليڪم!
م ۽ ا- و عليڪم سلام! اڄ خير ۾ آيو آهين. هتي ڇٿو پاڙي ته ڪونهي.
غلام رسول- اُن جو ته فڪر ڪونهي. مان دانهن کڻي آيو آهيان.
ا- شاهه (ڇرڪ ڀري) دانهن! ڪنهن تي؟
غلام رسول- اوهان ٻه غضب ڪيو آهي.
م- شاهه- ڪهڙو؟ ڪهڙو؟ ٻڌاءِ ٻڌاءِ جلد ٻڌاءِ.
غلام رسول- پنهنجي ٽي لينگر تي ڪٽي ڏنڊ وڌو اٿو؟
م- شاهه- اهو اوهانجو لينگر هو ڪيئن؟
ا- شاهه- ڇا جنهن تي اسان هنئر چار آنه ڏنڊ وڌو؟
غلام- هائو- اهو سا ڳيو.
م- شاهه- احمد شاهه!

ا- شاهه- هان محمد شاهه!

م- شاهه- ميان ڪيڏ بيانـي. اڄوڪو ڏينهن ڏاڍو ڪو خراب آهي.

(ٻئي ٻه ٻه آنا ڪيڏي ڪيس واپس ڏين ٿا. غلام رسول پاڻلي وٺي وڃي ٿو.

[منشي مقدمي جو دستخط ڪرڻ لاءِ پيش ڪريٿو]

م- شاهه- ڇاهي؟

منشي - مقدمي جو فيصلو آهي. صحيح ڪريو.

م- شاهه- مگر پيسا ته هو واپس وٺي ويو.

منشي- واپس وري ڪيئن وٺي ويو؟

ا- شاهه جنهن تي ڏنڊ ڪيو هوسين سو تـه پاڙي جو نينگر نڪري پيو.

م- شاهه- هاڻي ڪين ٻنهي کان بياني بياني وٺي ويو؟

منشي- قانون ۾ ته ائين ڪونهي.

ا- شاهه- تڏهن ڇا آهي.

منشي - اهي سڀ هڪجهڙا آهن - جهڙا ٻنهنجا تهڙا ٻراوا.

م- شاهه- مزال آهه. ته ٻڌاءِ ته اسانکي ٻنهنجن ٻارن ٻچن کي ٻه سزا ڏيڻي پوندي ڇا؟ بابا! اسان کـان اهڙو ڪم ڪين پڇندو.

ا- شاهه- اهڙي ڪچهريءَ وڃي کڏ ۾ پوي. مفت جو جنجال.

منشي- رفته رفته ڀاڻهي هري ويندا.

ا- شاهه- مگر توکي حصو ڪونه ملندو.

م. شاهه. هان، پوءِ نه ڇڏجي ته منهنجو ڪونه بڌايو هوو.

منشي. (ڪلي ٿو) ڇگو مان ڪين گهرندس. هاڻي هن ڪاغذ تي صحيح ڪريو.

م. شاهه. احمد شاهه تون صحيح ڪر.

ا. شاهه. نه محمد شاهه تون صحيح ڪر.

م. شاهه. اڙي ان ۾ ڪهڙو هرج آهي. ڪٽي ڪر.

ا. شاهه. ڪو فڪر نه ڪر. ميان ڪٽي ڪر.

م. شاهه. منشي! بابا تون ئي ڪٽي ڪر.

منشي. نه سائين. مئجسٽريٽ اوهين آهيو.

ا. شاهه. ڇگو مان تو ڪريان. مگر هيءُ ته واڻڪا اکر آهن. ڇا لکيو اٿئي.

منشي. نه سائي هي عربي سنڌي اکر آهن.

م. شاهه. (ڪاغذ ڏسي) نه نه ڏسجن ته پارسي ٿا.

منشي. ڇگو ڏستخط ڪريو.

م. شاهه. (نهاري) اکر ته ڪونه ڄاڻان. آڱوٺو ڪٽي هڻاءِ.

منشي. آڱوٺو هڻائيس ٿو. (احمد شاهه کي) اوهين؟

ا. شاهه مان ڪو محمد شاهه جي بي ادبي ڪندس؟ منهنجو به ڪبو آڱوٺو ڪٽي هڻاءِ.

(منشي آڱوٺو هڻائيس ٿو)

م. شاهه. ته هاڻي اجاجت؟

منشي. ها سائين اجازت. اڄ ٻيو ڪو ڪيس ڪونهي؟

[محمد شاهه ۽ احمد شاهه ٻئي لڏندا لمندا وڃن ٿا. سڀ حاضرين کلن ٿا ۽ پردو ڪري ٿو.]

زهر مان امرت

[ڪوي ڪشن چند (بيوس)]

[ويس ڌاري :-
شاما - ڪراچيءَ جي نوجوان وڻشيا
رامي - شاما جي نوڪرياڻي
دلجيت - شاما جو يار
آتما آنند - (سنياسي) والنٽيئرن جو ڪپتان
چندن، ديال، حسين - قومي والنٽيئر
مريم - ڪراچيءَ جي ٻي وڻشيا
شاما جون ٻه سانڍيون
ٻي عام ماڻهو - ٻه واڻهڙو]

پردو پهريون

هڪ عاليشان جاءِ جو سينگاريل ڪمرو
(شاما ڳلي تي هٿ رکي انتظار ۾ ڳائي ٿي)

(راڳ شاما)

طرز - نظر جو تکو تير دلبر هڻي ويو

شعر

اسانجي رنگ محفل ۾ سدا موجود خوشنودي

سمايل سونهن ۾ آهي بره وارن لء بهبودي
پسي پرڪاش سورج جو ڪنول دل جو ٽڙي يڪدم
نهاري چشم نرگس کي ڪلي تو رنگ دائودي

(قوالي)

نظر ناز واري جڏهن تي نهاري
اُمالڪ وجهي عشق جي آگ باري

١- هزارن کي مخفي نگاهن نهوڙيو
هزارن کي موهيو نرالي نظاري

٢- شمع حسن تي پيا پتنگ تي پڇط لء
ڪنيو سر تريء تي ويا جان واري

٣- ڌريو جنهن قدم پرت جي پيچري تي
گهڙيون سون گهر ۾ سگهي نو گذاري

٤- چکي جو مزو تو محبت جو هيڪر
وري سو سگهي تو نہ جڙري وساري

چاہ اجا ڪون ويا؟

رامي- نہ شاما

شاما- جاڳن پيا.

رامي- سندن ٺهڪ پيا پون.

شاما- اڄ دلجيت جي اچط جو انجام هو. اڃا ڪين آيو!

رامي- شايد اچي موٽي ويو هجي.

شاما- ائين اط تيطي آهي. دلجيت اهڙي قسم

ڄو ماڻهو ئي نه آهي. ڀلا، اڄ ڇو موٽندو؟

رامي- در تي ڏڙنو ڪين ٿي ڏسين؟

شاما- برابر. آءٌ پاڻ حيران آهيان ته هاڻي ڇا ٿيندو. سندن ڀوري کي اڄ ڪائون ڏينهن ٿيو؟

رامي- سڀاڻي صبح جو ڇوٿون ڏينهن ٿيندن.

شاما- ڇورا به ميڏو آهن. اسان ڪوسو پاڻي ڄڻيين، ڏرو نه ڏکيا. پٽرن سان ڪٽيو سون، دال نه ڳري، گاريون کائي به کلندا رهيا، هاڻي باقي ڪجهي سو ڪجهي ڇا. معلوم ٿو ٿئي ته اسان کي بکه مارڻو اٿن. ڪئن رامي؟

راميءَ- آثار ته اهڙا ئي آهن.

شاما- تون ئي ٻڌاءِ ته ڪهڙو ٻلو ڪجي.

رامي- ڇيڻنديون ؟

شاما- مهڻ جهڙي ڳالهه هوندي ته ڇونه ميجي. ڇڙ ڇا آهي؟

رامي- سندن ڪپتان ڏاڍو ملوڪ ۽ سهڻو آهي.

شاما- پوءِ ؟

رامي- ان کي ڪٺي هر ڪاءِ، بس پوءِ تسه پاڻيهي ڄنجي ويندا.

شاما- (غصي م) هي ڇرچي جو ويلو نه آهي، منهنجي جيوس ۽ موس جو سوال آهي.

رامي- آهي ته پوءِ رئڻ مان ڇا وٺنديون؟

[شاما سٽ ڏيئي اٿي بي قراريءَ سان ڪمري م

پسار ڪري ٿي. اوچتو بيهي رهي ٿي، ورې پسار ڪري ٿي، وري بيهو رهي. رامي طرف ڏسي ٿي. گهڙيال ٻارهن بجا هڻي ٿو.]

شاما- ٻارهن به وڄي چڪا، ڇا، سندن پٽ اڪين ۾ ننڊ به ڪانهي؟

رامي- هو ته واري وٽي تي جاڳندا رهن ٿا.

شاما- مونکي هڪ رٿ سجهي اچي ٿي.

رامي- ڪهڙي؟

شاما- آءٌ سائين ڳالهه ٻولهه ڪريان. ڪين سمجهايان ته هيءَ اوهان جي سراسر اُره زورائي آهي.

رامي- ڀلي آزمائي ڏس، پر منهنجي خيال موجب انهيءَ جهيڙي تـو سان اهي رڙا رجهندائي ڪين.

شاما- آهن ته مٺا پٽ. پر وري به ڪنهن هڪ کي ته سڏي وٺ.

رامي- حاضر. (وڃي ٿي)

[شاما خوب هار سينگار ڪري آئيني سامهون منهن ڏسي رهي آهي. اڇو جو ڪڙڪو ٻڌي ٽپ ڏيئي ڪرسيءَ تي ويهي رومال تي گل ڪاڙهڻ ۾ لڳي وڃي ٿي. رامي. حسين، ديال ۽ چندن کي آڻي ٿي. شاما چندن ڏانهن ڇتائي نهاري ٿي]

چندن- (هيٺ نهاري) پليل پيرڻ! ڪهڙي ڳالهه آهي؟

شاما- آءٌ پڇڻ ٿي گهران ته توهان اسان مائٽن

کي بکھ مارڻ لاءِ کمر ڇو کشي آهي؟

چندن - انهيءَ لاءِ تہ اوهين مانائتي زندگي گذاريو.

شاما - اُها اسانکي کپي ئي کانہ. اوهين کيتري بہ مٿاڪت ڪريو، پر انهيءَ تريءَ تيل لڳڻو ئي ڪينهي.

چندن - اوهانکي کپي يا نہ، مگر اسين ان لاءِ ڪوشش ڪندا ايندا سين.

شاما - ڪندا ايندا؛ مگر ڇا لاءِ؟

چندن - ان لاءِ تہ اوهانجو هاڻوڪو پيشو گناهہ وارو ۽ گندو آهي.

شاما - چڱو آءٌ اوهان کان هڪ سوال ٿي ڪريان.

چندن - (چپ ۾ رهي ڪنڌ سان موڪل ڏئي ٿو)

شاما - اوهين سوراج گهرو ٿا؟

چندن - بيشڪ.

شاما - ان ۾ سڀڪنهن کي آزادگي هوندي؟

چندن - برابر.

شاما - مگر اسانکي بہ ان آزادگيءَ جو ڪو حصو ملندو يا نہ؟

چندن - اوهان کي بہ آزادگي هوندي؛ مگر بدڪاري ڦهلائڻ جي نہ. اسين اهڙو سوراج گهرون ٿا جنهن ۾ روشنائي هجي، مگر تابش نہ. سونهن هجي مگر ملمع نہ. آزادي هجي مگر ڇڙواڳي نہ.

شاما - والنئيڙ! صاف صاف.

چندن- اسانکي سوراج برابر کپي ۽ ڀر کھڙو؟ جو چندرما سمان سيتل ۽ سوپياوان ۽ ماک ڦڙي وانگر پوتر ۽ آڪاس وانگر ڪشادو ۽ ساگر سمان سنجيدو هجي. جنھن ۾ ماڻھو، ماڻھوءَ کان خوف نہ کائي ۽ جنھن ۾ ڏاڍو هيٺي کي دٻائي نہ سگھي ۽ جنھن ۾ سچائي ۽ اشرافت ناٽي تي وکامي نہ سگھن. اسانجو سوراج اڇوت اُڌار ٿيندو. ڪريلن کي کڙو ڪندو. قوم جي گمراهہ سنتان کي تباهيءَ ۽ بربادي جي چوٽن کان بچائي امن ۽ سلامتيءَ جي لاري لڳائيندو.

ديال- بلڪل ٺيڪ.

شاما- اسين ننا چاهيون تہ ڪو......

چندن- ڪو چاهي يا نہ چاهي ۽ مگر سورج هر جگہ چمڪي ٿو، برسات هر هند پوي ٿي.

حسين- سو سوراج بہ سيني هندستانين کي، جن جو جسم هن ملڪ جي مٽيءَ مان ٺهيل آهي، هڪ جھڙو فيض رسائيندو.

شاما- هيءَ تہ عجيب فيض ڇٽبو، جو زبردستيءَ ڀچايو ٿو وڃي.

چندن اوهين پردي جي فائدي ۾ آهيو؟

شاما- نہ

چندن- سو ڇو؟

شاما- بيهودي رسم آهي، جنھنکي اُڏائڻ کپي.

چندن- جا اوهانجي نظر ۾ بيهودي رسم آهي

سا ڪيترين پردي وارين عورتن لاءِ غنيمت آهي.

شاما - غنيمت هوندي، مگر غلطيءَ ڪان.

چندن - ڇمبو ته صدين جي غلطيءَ ۾ پردي جي غلاميءَ سندن دماغ اهڙو جڏو ڪري ڇڏيو آهي جو بيهودي رسم کي چڱو ڀيون ڄاڻن.

شاما - منهنجو اهو خيال آهي.

چندن - اوهين جيڪر سندن دانهن، ڪوڪن تي ڌيان نه ڏيئي به هڪدم پردو اُڏائي ڇڏيو.

شاما - هڪدم.

چندن - ته ڇا ساڳيو دليل تنهنجي حالت سان ٺهڪي نٿو اچي؟ ڇا توکي هن بدپيشي جي زنجير گمراهيءَ جي ڪڙين ۾ جڪڙي ڪين ڇڏيو آهي، جي اسانکي ڇڪي ڏيئي ڇنڊ ڪبن، پلي ته ائين ڪندي بدن مان رت ڇونه ڇٽيو نڪري؟

حسين - (ٽيڻيءَ جو آواز بڌي) وقت ٿي ويو آهي؛ ٻاهر سڏي رهيا آهن.

چندن - هلو (سڀ وڃن ٿا)

شاما - رامي!

رامي - ڪجهه لنهجو نه نڪتو. انهن توکي ئي لاجواب ڪري ڇڏيو.

شاما - دليل بازيءَ ۾ ساڻن پيٽي ڪانهي. سچ تي آهن. ڄان تي کيڏن ٿا. ساڻن ڀڄڻ جي جاءِ ناهي.

رامي - شاما، نيٺ ڇا ٿيندو؟

شاما - ڪٿي ڇٽجي. ڪاريءَ ڪاڏو جو ڪين هٽي ڪونائيم. اُنهن مونکي خود منهنجي نگاهن ۾ ذليل ڪري رکيو. فنا جي وهڪ ۾ وهندي ٿي ويس؛ چوطرف اندڪار هو. دل شاد هئي، وويڪ ستل هو. هنن اچي ڏيائي ڏيکاري منهنجون اکيون کولي ڇڏيون. ڄاڻ ڏيئي ڇڏيائون ته آءٌ ئي هندستان جي عزت برباد ڪرڻ واري، قوم ۽ وطن جي پاڪ پيشانيءَ تي بدنما داغ لڳائڻ واري آهيان. منهنجو سڄاڳ وويڪ هنن ته اندر ۾ ويهي وجهي رهيو آهي.

رامي - ڇا ڳوڙهن جي ريج سان پڻ دل ۾ گيان جو گلزار ٿو اُپري؟

شاما - رامي، بيشڪ! مونکي دوکو نه ڏيو، منهنجي ڪلنڌڙ اکين کي بند نه ڪريو؛ هي سچ پچ گناهه آهي.

رامي - شاما، گناهه آهي!

شاما - لاشڪ. جنهن پوڄيءَ لي مها تما گانڌيءَ جهڙا ديوتا، پنڊت موتي لال پارا تيا ڳي، مالوي پارا شيواڌاري، پٽيل ۽ ڪچلوءَ پارا سورهيه ۽ جواهر لعل پارا جوڌا پيدا ٿين، تنهن تي مون جهڙيون نياڳيون نجس ناريون لعنت لائق آهن. ملڪ ۾ عام جاڳرتا آهي. قوم ترقيءَ جي شاهه راهه تي تيزيءَ سان وڪ وڌائي رهي آهي. مگر اسانجو وجود پاري بنڌ وانگر رستي روڪ ڪيو پيو آهي. هاڻي آئينده لاءِ هي

ڳاهه مون کان سٺو نه ويندو.

(ٻاهران ڳائي جو آواز)

رامي- هوُ ڳائي رهيا آهن.

رامي- ڇا ٿا ڳائين.

شاما- ماٺ ڪري ڪن ڏيئي ٻڌ.

راڳ

طرز- بجليان چمڪ رهي هين ڦول برسائي ڪي بعد

استريءَ جي روپ ۾ تون آهين ناڳڻ جي مثال،

آهه زهري ڏنگ وانگر وهه پيو تنهن جو وصال.

١. تـا اُتن نيڻن مان تنهنجي دوزخـي آتش اُلا،

آهه ساڙيندڙ جيءِ هـي تنهنجو جلوو ۽ جمال.

٢. توکان بدپيشي پـلايو شرم، غـيرت ۽ حياءُ،

آهه شيطاني حوالي تنهنجي ستيا جي سنڀال.

٣. جي چڱائيءَ تي اچين حيران دنيا کي ڪرين،

تنهنجي شڪتيءَ ۽ اُمنگ سان ناهه مردن جي مجال.

(شور جي آواز تي راڳ جو آلاپ جهڪو ٿيڻ)

شاما- رامي!

رامي- کهڙو نه دردناڪ گيت آهي.

شاما- تون ڀلي گيت چوينس، مگر هي منهنجي

اعمالن جو آئينو آهي. ٻڌڻ سان دل ٻڏيو وڃي،

ڇا ٻڌءِ ڪين:

” توکان بدپيشي پلايو شرم غيرت ۽ حياءُ،

آهه شيطاني حوالي تنهنجي ستيا جي سنڀال.“

اوهه، پرماتما! ڪيڏي نه گنهگار، ڪيتري قدر نه بي غيرت ٿي ويئي آهيان. جڏهن هن نيڪ ڇوڪر مون کي پيڻ ڪري سڏيو، تڏهن ائين ٿي سمجهيم ته گويا آسمان ڪري پوندو. اهڙي واهيات بات سندس واتان نڪتي ڇو. ڇا مان به ڪيس ڀاءُ چئي، ڳالهائي سگهيس ٿي. نه، هرگز نه، منهنجا چپ ڏڪندي بند ٿي ٿي ويا. لفظ ڄمي ٿي پيا. منهن جون گنهگار اکيون ڪنهن کي به ڀاءُ جي ڀاؤ سان نٿيون ڳولين. اُنهن کي پاپ ۽ پئسي جي تلاش آهي.
(راڻي پوري ٿيڻ تي ڏکه ۾ وهڻ ۽ پردو ڪرڻ)

[پردو ٻيو رستو]

(دلجيت ڳائيندو شاما جي جاءِ جي دروازي وٽ اچي ٿو)

طرز - لگاڪر هات ۾ مهندي نهانا ڪس سي سيکها هي

شعر ڪيهر سيني ۾ سمايو رهيو اچرج ڀڄي
ڪيهر نظرن ۾ رهيو سونهن جو سورج ڀڄي
نگاهن ۾ اچي ٿو نازلين شمس و قمر ڀڄي
جدائيءَ ۾ جلائي ٿو مگر دردِ جگر ڀڄي.

١. شمع روحسن تنهنجي ڪان پري آهيان ته پنڪن ۾،
اچان اوڏو ته ساڙيان جان پرواني جو پر ڀڄي.

٢. طبيبو هن طبيعت کي جراحيءَ ڪان به ٿيو جوکو،
ڪٿي لشترتو نبض کي ڏسو خوني خنجر ڀڄي.

٣. دوائر عشق مون لاءِ تڏو تومهڪ مون لاءِ ٿئي ،
عذاب جو اچي تو عشق تي اُلٽو اَثر ٻڌجي.
(اڳيرو وڌي ٿو ته والنٽيئر ڏسي ٿو)
دلجيت (تعجب ۾) اوهين ڪير آهيو؟
دیال- اسين قومي والنٽيئر آهيون.
دلجيت- هتي ڇو بيٺا آهيو؟
ديال- پڪيٽنگ ڪرڻ.
دلجيت- ڇو؟
ديال- ڇاڪاڻ ته هيءَ ڪم خراب آهي.
دلجيت- ڪنهن لاءِ؟ مون لاءِ يا اوهان لاءِ؟
ديال- اوهان لاءِ، سماج لاءِ ۽ ديس لاءِ.
دلجيت- اوهان کي هتي سرديون سهڻ ۽ اوجاڳن ڪرڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟
ديال- ديس جو ڀلو.
دلجيت- اوهان کي هتي ڪنهن ٻهڻ جو حڪم ڏنو آهي؟
ديال- ديس اُڌار ڪاميٽي.
دلجيت- مون کي اوهانجون اهي بيهوديون ڳالهيون نه ٿيون اٽڪن. شاما ڀلا مونکي قرار ڪين ايندو.
والنٽيئر- (هٿ جوڙي) سائين مهرباني ڪري مڙي وڃو. اوهين نه چڱي ڪل جا ٿا ڏسجو، پوءِ هن بد بازار ڏانهن ڪئن آيا آهيو؟
دلجيت- نامراد! چڱي ڪل جو آهيان تڏهن نه

هيترو دير سان آيو آهيان.

چندن - ۽ گهر ٻار وارا.

دلجيت - بس ڪر ٻي فضيلت! ان ۾ اوهانجو ڇا وڃي؟ (ڏڪو ٿو ڏئيس)

(والنٽيئر هيٺ پٽ تي سمهي پون ٿا. دلجيت کين لتاڙي وڃي ٿو.)

(شاما جي در تي ٺڪ ٺڪ ڪري ٿو)

رامي - (ٺڪ ٺڪو ٻڌي) هيءَ ڪمهلو ڪير؟

شاما - هن وقت هي ڪير هوندو؟ ڇا دلجيت! مگر کيس هنن اجازت ڪئن ڏني هئي هوندي. نيڪيءَ جا ديوتا! جي دلجيت هجي ته کيس در تي ئي روڪي ڇڏجو. سندس مست محبت جون ٻه ڳالهيون وري مٺيل قت اڪوڙي رکنديون. ڪير ساڳيو دلجيت؟

دلجيت - هان، منهنجي جان، ساڳيو تنهنجو دلجيت.

شاما - هڪ سوال جو جواب ڏيو.

دلجيت - اڄ ارڪان ئي اوڙ آهن. شايد دير سان اچڻ تي ڪاوڙي آهين. اچان ته سويل ئي ها، پر ڇا ڪريان. هوءَ گهر جي جوڙ سوشيلا به جڏهن جند ڇڏي. جڏهن جڏهن کيس منهنجي ڪسڪي وڃڻ جو شڪ پوندو آهي تڏهن تڏهن مٺڙيون ڳالهيون ڪري پيٺي ريجهائيندي آهي، تان جو ٻارهن لڳائي

ڇڏ يائين. ڪيس هن حال جي سڌ آهي؛ مگر مجال اٿس جو مون کي ورجائي يا پرپٺ مهنجي گلا ڪري.

شاما - انهن ڳالهين کي ڇڏ. تون اندر ڪيئن آئين؟ ڇا روڪڻ وارا توکي در تي ڪو نه گڏيا؟

دلجيت - اُنهن روڪڻ سان گهڻا يو ڪين. پر اڳيان به دلجيت هو.

شاما - يلا ڪيئن؟

دلجيت - گهٽيئي ڪتائون ڪڍيائون ته ڏوهه آهي، پاپ آهي؛ مگر مون به روڪ بڌاين. آخر سنڌوان تي سمهي پيا.

شاما - پوءِ؟

دلجيت - پوءِ تون ڄاڻين تي نه سواءِ لتاڙڻ جي ڪو چاڙهو هو.

شاما - ڪين لتاڙي آئين؟

دلجيت - بيو نه نه.

شاما - او مها دشٽ، ڪڇارا تو پڌهڇا ٻاٻي پيـر سندن پوتر بدن تي رکيا! لڄ نه آئيءِ؟ نيڪيءَ کي بديءَ پيرن ۾ ڇيپائيو؛ تنهنجي اکين ۾ پاڻي به جي نه آيو! اهڙو سنگدل؛ ڪنور... مون کي هڏ اُميد نه هئي. سياري جي رات. پارو تو سٺي. سيڪو سوڙ ٻن ۾ ڪوسو سمهيو آهي؛ هي ويچارا معصوم ٻاٻي پرشن کي بچائڻ لاءِ اوجاڳي، سرديءَ ۽ بين مصيبتن جو مقابلو ڪري رهيا آهن. توکي انهيءَ جو

ذرو کهڪاءِ ڪون آيو. کهڙي نہ اوچ پاؤ سان تنهنجي اڳيان ڌرتيءَ تي ليٽي پيا. تو انهن جي پرواه نہ ڪئي. تو جهڙي شرابيءَ، ڪبابيءَ؛ لفنگي جي لتن ڪي سٽ ڪري سنائون، ٻڪ نہ ٻاقيائون. هنن سنيا ڌيڪاري، تــو هيا ڪمائي؛ ڪيڏي نہ بهادري! واه دلجيت واه! نام ٻڙا ديهہ بيرون!!

دلجيت ـ شاما!

شاما ـ بيو بہ ڪونہ ٿي ڪڇجي پيءُ جو چري نہ سگهين. زبان ٿي ويجي وڃڻي ها جنهن مونسان نہ اهو حال ڪري ڪين سگهين ها. خبر نہ آهي تہ مون ڪي هي تنهنجو ڏوهہ کهڙي اوڙاهہ ۾ اُچلائيندو. هي ڏوهہ منهنجي ئي ڪري ٿيو؛ منهنجي ئي در تي ٿيو؛ منهنجي ئي سر تي پيو. ان لاءِ تلاهڻ آءُ ئي آهيان. اُٿ، نڪر ٻاهر، وٺ رستو گهر جــو. توکان تہ سڄہ پلي.

دلجيت ـ هان هي ڇا، پيڻتيءَ جي رنگ ۾ رڱجي رهي آهين. سٽ ڪوڻا ڪائي پلي ڇڄہ تي هلي!

شاما ـ اڃا بيٺو آهين. ٻڌين ڪين تو؟

دلجيت ـ ڇا ڪين تو ٻڌان؟

شاما ـ رستو پڪڙ. عزت مان ڇا ٿين نہ ٿيءَ راهي. توکي ڏسي منهنجون اکيون رت ٿيون ڇڏين.

دلجيت ـ پاٽڪي ڪس تي لائين؛ مون جهڙي سٽيي آسامي تي وڃائين؛ ڏس هي سونا ڇوڙا.

شاما ـ ڪڏ ۾ هڻ انهن ٽين جي ڇوڪرن ڪي. مون کي اهي ڏينهوڻي ڏنگڻ ٿا اچن.

دلجيت ـ سوچي جواب ڏي.

شاما ـ مون سوچيو آهي.

دلجيت ـ شاما! پڇتائڻو پوندءِ.

شاما ـ ڏنو ويندو.

دلجيت ـ پوءِ همت هٽڻا پوندءِ.

شاما ـ پرواهه نه آهي.

دلجيت ـ ته چڱو آءٌ وڃانٿو. (وڃي ٿو)

شاما ـ چڱ جند. پهرين پريکيا ۾ پاس ٿيس. دل جو پيٽي ڌڙڪي. اڃا ته منزل دور آهي. پر هي ويچارا والنٽيئر ڪيسين پهرو ڏيندا رهندا. رامي!

رامي ـ (اچي ٿي) فرمايو؛ ڪهڙو حڪم آهي.

شاما ـ وڃ، وڃي والنٽيئرن کي چؤ ته پهرو هٽائين؛ مون هن پيشي جي پچر ڇڏي.

رامي ـ هي اوهان......

شاما ـ بس، وڌيڪ ڪي ڪين چؤ. جو چيم سو ڪيم. هننکي باعزت روانو ڪر. مونکي اڪيلائي کپي. هاڻي منهنجي ڪمري ۾ اچڻ جو ضرور نه آهي. (وڃي ٿي)

(اداسيءَ ۾ ڳائي ٿي)

راڳ

طرز- موٽڪي پريم جي رنگ ۾ پريو نند لال

موٽڪي ڪام جي اند مان ڪڍيو ڪرتار ... موٽڪي

١- پاپڻ تاري، پار اُڪاري، آنديئي ڪناري ستار ...

٢- عمر اجائي، ڪئن مون گنوائي،
ويئي اجائي ڄمار ... موٽڪي

٣- هاڻي حياتي، آهه جا باقي،
تنهنجي ڪريان ڪا سنڀار ... موٽڪي

٤- تنهنجي سهاري، پيئي پناري،
سرشٽ جا سرجڻهار ... موٽڪي ڪام جي اند مان

پردو ٽيون

سمنڊ جي ڪناري تي هڪ ڪٽيا.

رات جو پويون پهر

[سوامي آتمانند، ديال ۽ حسين ويٺا ڳالهائين-
وچ تي باهه پيئي ٻري]

آتمانند- تڏهن هن پرتگيا ڪئي؟

ديال- جي هان! نه ته اسين پهرو هڻايون ڪئن ها.

سوامي- انهيءَ جو ڪو پرماڻ به آهي؛ ڪين دکو
دوکو ڏيئي اوهانکي آماڻيو اٿس؟

حسين- دوکو بلڪل نه آهي.

سوامي- سو ڪئن؟

Soorih Mirani

ديال - سنڌ جي دل جي درستي اندر جو محڪم
ارادو صاف صاف ٻڌائي رهي هئي.

حسين - صاف، صاف؛ ڪوڙ رتي ماتر به
ڪينهي. هوءَ نهايت دکي ٿي ڏني.

ديال - جنسي رنائين ٿي.

سوامي - تڏهن توهانکي پورو وشواس آهي؟

حسين - سورهن ئي آنا.

سوامي - نهايت خوش خبر؛ اوهانکي آشيرواد هجي.

ديال - مهاراج، اوهين اسانکي لڄي ٿا ڪريو.

سوامي - نه ٻچا نه؛ هي ڪم ڪو جهڙو تهڙو نه
آهي. انهيءَ مان ملڪ ترقي ڪن ٿا. انهيءَ مان ئي
قومون زندگيءَ جي ميدان ۾ اڳتي وڌن ٿيون.
انهيءَ مان ئي سنڌ ننڊ پاڳ بيدار ٿين ٿا؛ ۽ ڪين
پنهنجي اصلي حالت جي جاڻ سڃاڻ ٿئي ٿي. هن
وقت جڏهن لوڪ غفلت جي ننڊ ۾ غافل پيو آهي،
تڏهن به اوهين جاڳي پاڻ پتوڙي رهيا آهيو؛ تنهنجا
ٻاڙا ڀڳوان اوهانکي ڏيندو. پر اهنسا جي اصول تي
قائم رهجو. ڪئي ڪمائي ڪٽ ۽ ڪجو.

حسين - مهاراج! جڏهن هو بدمعاش دلجيت
اسانجي نيڪدل ۽ ڪومل ڪپتان جي سيني کي لتن
سان لتاڙيندو لنگهيو، تڏهن منهنجو رت ٿي ٽهڪيو.
هڪ دل ٿي چيو ته آئي وڻانس گردن ڪان، ۽ هڪواري
ته ڪئي جو ڪيتو لوڙائي ڇڏيانس. پلا اهڙي اجوڳ

روش ڪئن تي ستي وڃي؟ پر ڇا ڪجي اوهان جا اهنسا تي قائم رهڻ جا وچن تي ڪئن نه وڳا، جن آيرلنڊ جوش کي دٻائي رکيو.

سوامي- شاباس! بهادر بانڪا شاباس!!

ديال- والنٽيئرن چيتون تي کيون. سندن لنؤ لنؤ تي ڪانڌاري؛ ۽ هو ڪام جي اثر کان اندو تيل پاڳل بيپرواهيءَ سان مڪان جي دروازي ڏانهن ڊوڪي رهيو هو؛ گويا سندس پيرن هينان جترا جاڳندا انسان نه، بلڪ ڪي مٽيءَ جا ڍير هوا.

سوامي- معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ ڪنور هلت ئي شاما جي دل کي چوٽ لڳائي آهي؛ جذبي ڇٽڪ چلائي آهي، جاهن آخر اُمنگ سان ڦوڪي آگ ڪئي آهي. نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچم رڳو هڪ وک پنڌ جوئي ويچو آهي.

ديال- بيشڪ، ڪا ستي ساعت سنواري ٿي سگهي سؤ سال کي.

سوامي- نيڪ، شاما جو سڌارو ٻين ڪيترين وئشائن جي سڌاري جو باعث بڻبو.

(چندن شاما سميت اچي ٿو)

ڪير چندن سنگهه!

چندن- مهاراج! پرڻام.

سوامي- آشيرواد، ٻچا، هيءَ ڪير آهي؟

چندن- شاما!

سوامي- (عجب م) هري، هري، شاما!

چندن- رات جو پنهنجي ڪوٺن ڪرمن جي

Soorih Mirani

٢. ويچار وڏي چيز هـي ويچار شـب کجي؛
بي جان رهـي شبد ۽ شبدن ۾ ساس آهه!!
٣. جي کم نه پچي توکان رڳو نيڪ خيال کر؛
اعمال * نڪوُ، نيڪ خيالن جـو داس آهه!!!

پـردو چـوٿـون

مريم جان جي گهر وٽ- وقت منجهند.

(ماڻهن جي آمدرفت جاري آهي. هڪڙا
ٽي چٽا پاٽ ۾ ڳالهائي رهيا آهن)

پهريون- اڙي يار! عورت آهي يا اسرار.

ٻيو- بلبل خوش گفتار. بولي ٽي ته هيرا موتي ٽي ڇٽي، دلين ۾ آگ لڳايو ڏئي؛ ستل جڳايو ڏئي.

ٽيون- تون ڏينهن ۾ لال بازار جو ڦرڪوئي ڦيري رکيائين؛ ڪيترين ئي بدپيشي کان توبه ڪنديون وڃي گهرن ورن واريون ٿيون.

پهريون- تيرهن سڌاريون اٿس ۽ ٻيون به گهڻيئي هرڪايون اٿس.

ٻيو- ڪاميابي شاندار ڇٽجي.

ٽيون- ڪرامت ڇٽجي. عوام جـي هڏيءَ تان هيٺريون هٿائڻ، ڪا ٿهڙي ٿهڙي ڳالهه نه آهي.

پهريون- آهي ته معجزا اٿس. محبوب جان کي

* نـڪوُ = چـڱو

ڪٿي ماري مڃايائين ۽ ڪٿي تو پاتئين؟

ٻيو – هائو سائين. چور، جي مٺي ساڻ تيندو، ته گهٽي ڪي راه بنائيندو.

ٽيون – ٻڌو ڪين اٿو.

جا نه اپلا ڪري سگهي، جا نه سمنڊ سماء؛
جا نه اگني ۾ جلي، جا ڪال سگهي نا کاء!

پهريون – هڪدم ٻلتو ڪاڏائين.

ٻيو – ۽ پهنجي سڀ دولت ڪانگريس کي دان ڪري ڇڏيائين.

ٽيون – ڪيس روانين جي پرواهه ڪهڙي؟ لوڪ سندس راهه ۾ نيڻ وڇائي رهيا آهن.

پهريون – جهڙو ڏينهن تهڙي رات؛ ڪم ٿي ڪم پيٺي ڪري.

ٻيو – جنسي مشين وانگر، نه ٿڪجڻ جي نه ڪڪ تيرڻ جي.

ٽيون – مات ڪريو. هوء اچي ٿي.

پهريون – شايد اڄ هن گهر جو وارو آهي.

ٻيو – هائو مريم جان تي مارو آهي.

ٽيون – (مريم جان ڏانهن منهن ڪري) هي اوهان ڏانهن اشارو آهي.

(شاما جو ٻن ساٿين سان اچڻ)

شاما – مريم جان اڄ لنهنجي در تي ڏرٽو آهي.

پهرين ساٿڻ – يا مهت ڀائي ورٽو آهي.

سورهہ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون لوچو وڃ لوہار

صاحب خان ”سورهہ“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488